THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ھڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) چنڇر 17 آڪٽوبر 2026 ع 05 جمادي الاول 1448ھ صفحا 6 - ملھہ 30 روپيہ شمارو (63)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com
Saturday 17th October 2026
Daily Ibrat Karachi

# پاڪستان پاران خودمختياريءَ جي دفاع، دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ پارٽي جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ جو اعلان

پنهنجي علائقائي سالميت ۽ قومي سلامتيءَ جو هر صورت ۾ دفاع ڪنداسين ۽ پاڪستان ڪنهن به جارحيت جو ڀرپور جواب ڏيڻ جي صلاحيت رکي ٿو: پرڏيهي ترجمان

عمان سان واپار، سيڙپڪاري، توانائي ۽ ٻين اهم شعبن ۾ سهڪار وڌائڻ تي اتفاق، گڏيل وزارتي ڪميشن جي ايندڙ اجلاس دوران پنج معاهدن ۽ مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون

بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگرد حملن لاءِ افغان سرزمين جي استعمال ۽ پارٽي حمايت يافته گروهن جي ملوث هجڻ تي ڳڻتي ظاهر، افغان عملدارن کان قدم کڻڻ جو مطالبو

ولاريل بيت المقدس ۾ ڪولمبيا جي سفارتخاني کولڻ واري فيصلو گڏيل قومن جي قراردادن جي ابتڙ ۽ ٻن رياستن واري حل لاءِ نقصانڪار قرار، آزاد فلسطيني رياست جي حمايت

يورپي يونين سان گڏيل ڪوششن ۾ پاڪستان مان غيرقانوني هجرت ۾ گهٽتائي آئي آهي، انساني اسمگلنگ روڪڻ ۽ هنرمند مزدورن لاءِ يورپ ۾ روزگار جا رستا آسان بڻائڻ جو مطالبو

پاڪستان ڪشمير مسئلي جو حل گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب چاهي ٿو، سعودي عرب جي خودمختياري ۽ سلامتيءَ جي حمايت جاري رکبي: بريفنگ

اسلام آباد (اي پي پي) پرڏيهي آفيس جي ترجمان پارٽي دفاع واري وزير جي اشتعال انگيز بيان کي سختي سان رد ڪندي چيو آهي ته پاڪستان پنهنجي علائقائي | خودمختياري ۽ سالميت جو دفاع ڪرڻ ۽ ڪنهن به جارحيت جو مناسب جواب ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي پاڪستان رياض جي ڪنگ خالد انٽرنيشنل ايئرپورٽ تي تازي | حوثي حملي جي سخت مذمت ۽ مڪمل گڏيل دفاعي معاهدي تحت سعودي عرب | جي خودمختياري، علائقائي سالميت ۽ سلامتي جي لاءِ پنهنجي وابستگي جو | ورجاءُ ڪيو آهي. جمعي ڏينهن پرڏيهي
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

# پاڪستان سعودي عرب جي خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ لاءِ پرعزم آهي: وزيراعظم

سعودي عرب جي نئين مقرر ٿيل سفير ڊاڪٽر راجح طامي البقمي کي پاڪستان اچڻ تي آجيان ڪندي ۽ نئين سفارتي ذميوارين سنڀالڻ تي مبارڪباد پيش

سعودي عرب خلاف حوثي حملن نتيجي ۾ قيمتي جانين ضايع ٿيڻ ۽ پاڪستاني شهرين سميت ڪيترن ئي بيگناهہ ماڻهن جي زخمي ٿيڻ تي افسوس ۽ ڳڻتي جو اظهار

پاڪستان ۽ سعودي عرب وچ ۾ اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو ٻنهي ملڪن جي پراڻي پائرائي لاڳاپن ۾ تاريخي سنگ ميل ۽ علائقائي امن ۽ سلامتي لاءِ گڏيل عزم جو مظهر آهي

ٻنهي ملڪن جي لاڳاپن سميت مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ گهرو ۽ وسيع ڪرڻ لاءِ موجوده ادارجاتي مڪينزم کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ اسان جي ترجيح آهي: شهباز شريف

ملاقات دوران اقتصادي سهڪار، گڏيل اعتماد ۽ تاريخي پائدار لاڳاپن کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ لاءِ تعاون جاري رکڻ سميت پاڪستان جي مڪمل حمايت ۽ سهڪار جي خاطري

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف سعودي عرب جي | خودمختياري، سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ پاڪستان جي عزم جو | ورجاءُ ڪيو آهي. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان | موجب وزيراعظم محمد شهباز شريف سان سعودي عرب جي نئين مقرر ٿيل سفير | ڊاڪٽر راجح طامي البقمي ملاقات ڪئي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان سعودي عرب جو نئون مقرر ٿيل سفير ڊاڪٽر راجح طامي البقمي ملاقات ڪري رهيو آهي

# عالمي بئنڪ ۽ آءِ ايم ايف جي بورڊز آف گورنرز لاءِ 73 سالن کان پوءِ پاڪستاني چيئرمين نامزد

بئنڪاڪ ۾ ساليانو اجلاس ۾ اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيمہ جي نامزدگيءَ جو اعلان ڪيو ويو

پاڪستاني اڳواڻ 1953ع کانپوءِ پهريون ڀيرو هن اهم عهدي تي فائز ڪيو ويو، مختلف اڳواڻن سان ملاقاتون

عالمي بئنڪ گروپ جي ڪارپوريٽ سيڪريٽ چيئرمين جي ذميوارين جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي

بئنڪاڪ (اي پي پي) اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير ۽ عالمي بئنڪ گروپ پاڪستان جي گورنر احد خان چيمہ کي سال 2027ع لاءِ عالمي بئنڪ گروپ ۽ عالمي
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

## وزيراعظم پاران استنبول ۾ شديد ٻوڏ سبب قيمتي جانين جي زيان ۽ تباهي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

## نائب وزيراعظم پاران ترڪي ۾ شديد برسات سبب ٿيل نقصان تي افسوس جو اظهار

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بينڪاڪ: ناٿي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب ورلڊ بئنڪ جي سربراهه اجئہ بنگا سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

# عام واهپي جي شين جو ذخيرو، هڙرادو ڪوٽ ۽ مهانگائي ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ٿيندي: اسحاق ڊار

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار جي صدارت هيٺ قيمتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪابينا ڪميٽيءَ جو اجلاس منعقد ٿيو

ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ کاڌي پيتي جي شين جا ڪافي ذخيرا موجود آهن، ڪابہ ڪوٽ جو ناهي

صارفين کي رليف ڏيڻ لاءِ قدم کڻڻ ۽ سپلائي چين ۽ ضروري شين جي اگهن جي مسلسل نگراني جي هدايت

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار چيو | آهي ته روز مره جي ضرورت جي شين جي ذخيره اندوزي، هڙرادو ڪوٽ پيدا ڪرڻ ۽ | وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙن خلاف سخت
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

# گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل پاران سعودي عرب تي حوثين جي حملن جي مذمت

ڳاڙهي سمنڊ ۽ آبنائي باب المندب ۾ واپاري جهازن خلاف حملن ۽ ڌمڪين تي ڳڻتي ظاهر

يمن تڪرار جو مستقل حل تشدد بدران ڳالهين ۽ سياسي عمل ذريعي ئي ممڪن آهي: ميمبر

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن حوثين پاران | سعودي عرب تي ڪيل حملن جي مذمت
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

# آمريڪي پرڏيهي وزير جو لبناني صدر سان رابطو، علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

ٽيليفونڪ رابطي دوران لبنان جي ڏکڻ ۽ علائقن تي اسرائيلي حملن جو معاملو اٿاريو ويو

آمريڪا کان اسرائيل تي دٻاءُ وجهڻ ۽ علائقي ۾ جاري جارحاڻين ڪاررواين کي روڪڻ جو مطالبو

بيروت (اي پي پي) آمريڪي پرڏيهي وزير
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

# پشاور اسڪول سانحي ۾ فوتي ٻارن جي وارثن لاءِ 10-10 لک ۽ زخمين لاءِ 3-3 لک امداد جو اعلان

دير ڪالوني اسڪول سانحي جي ذميوارن جو 15 ڏينهن اندر تعين ڪري رپورٽ پيش ڪئي وڃي: فيصل ڪريم ڪنڊي

اسڪول مالڪ گرفتار ڪيو ويو آهي واقعي ۾ ملوث ٻين ماڻهن خلاف بہ ڪارروائي ڪئي ويندي

سرڪاري ۽ نجي اسڪولن جو آڊٽ ڪرائڻ ۽ اين او سي جاري ڪندڙ عملدارن جي نشاندهي ڪرڻ جي هدايت

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر | فيصل ڪريم ڪنڊي پشاور جي دير | ڪالوني سانحي ۾ شهيد ٿي ويل ٻارن ۽
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

## يونيسيف پاران پشاور ۾ حادثي تي افسوس جو اظهار، سهڪار جي خاطري

متاثر خاندانن سان تعزيت ۽ زخمي ٻارن جي جلد صحتيابيءَ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل قومن جي ٻارن بابت اداري (يونيسيف) پشاور جي | علائقي دير ڪالوني ۾ نجي اسڪول جي
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

## غربت جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي: شهباز شريف

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

# جي سيون ملڪن پاران 44 ملڪن ۾ غذائي تحفظ لاءِ 2.5 ارب ڊالر فراهم ڪرڻ جو اعلان

عالمي توانائيءَ جي وڌندڙ قيمتن سبب غذائي کوٽ کي منهن ڏيندڙ ڪمزور ملڪن جي مدد ڪئي ويندي

عالمي بئنڪ نشاندهي ڪئي آهي تہ 44 اهڙن ملڪ غذائي تحفظ جي مسئلن کي منهن ڏئي رهيا آهن

اعلان ڪيل رقم ذريعي متاثر ملڪن ۾ خوراڪ جي فراهميءَ کي هٿي ڏيڻ تي ڌيان ڏنو ويندو: اڳواڻ

پيرس (اي پي پي) فرانس جي معيشت بابت وزير رولان ليسڪيور چيو آهي تہ جي | 7 ملڪن غذائي کوٽ جي تحفظ کي منهن ڏيندڙ ڪمزور ملڪن جي مدد لاءِ 2.5 | بلين ڊالرز رکڻ جو اعلان ڪيو آهي پرڏيهي ميڊيا موجب عالمي مالياتي فنڊ (آءِ
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

# سنڌ حڪومت طوفان صوبي جي يونيورسٽين کي 44,460 ملين رپين جي گرانٽ فراهم ڪئي پئي وڃي

چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ جي صدارت هيٺ صوبي جي سمورين سرڪاري يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جو اجلاس ٿيو

اسڪالرشپ، ٽرانسپورٽ ۽ رهائش، ڊجيٽلائيزيشن، خرچن، پينشن ۽ رهيل واجبات سميت ڪئمپس جي مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو

حڪومت يونيورسٽين جي مسئلن کان واقف آهي ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪندي: آصف حيدر شاهہ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهہ جي صدارت هيٺ صوبي جي سمورين سرڪاري | يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن جو اجلاس
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: چيف سيڪريٽري سنڌ سيد آصف حيدر شاهہ جي صدارت ۾ يونيورسٽيز جي وائيس چانسلرز جي گڏجاڻي ٿي رهي آهي

# چيني ڪمپني هئاوي ۽ سنڌ حڪومت وچ ۾ ملڪ جو پهريون اي آءِ نيٽو ڊيجيٽل صوبو قائم ڪرڻ بابت ٺاهہ

معاهدي ۾ مڪمل اي-گورننس، ڊيجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر جو بنيادي ڍانچو، سمارٽ سٽي حل ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ آءِ سي ٽي مهارتن جي تربيت شامل

معاهدو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جي شنگهائي ۾ هئاوي جي جديد ترين ليانچيو ليڪ آر اينڊ ڊي سينٽر جي اعليٰ سطحي دوري دوران طئي ٿيو

يادداشتنامي تي وڏي وزير جي خاص مددگار سيد قاسم نويد، وڏي وزير مراد علي شاهہ ۽ هئاوي پاڪستان جي چيئرمين جي موجودگي ۾ صحيحون ڪيون

ڪراچي / شنگهائي (بيورو رپورٽ) ٽيڪنالاجي جي تبديليءَ ڏانهن هڪ وڏي | اڳڀرائي ڪندي سنڌ حڪومت عالمي ٽيڪنالاجي جي وڏي ڪمپني هئاوي سان | گڏ پاڪستان جو پهريون AI-native ڊيجيٽل صوبو قائم ڪرڻ لاءِ هڪ تاريخي | يادداشتنامي تي صحيحون ڪيون آهن اهو
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير احسن اقبال تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

شنگهائي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ کي هواوي جي هيڊ ڪوارٽر ۾ منصوبن بابت بريفنگ ڏني پئي وڃي، سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پڻ موجود آهي

# پ پ سنڌ پاران ڪارساز سانحي جي جاچ ۾ ارباب رحيم ۽ وسيم اختر کي پڻ شامل ڪرڻ جو مطالبو

18 هين آڪٽوبر ڪارساز سانحو ۽ 27 ڊسمبر لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جون ڪڙيون سمجهون ٿا: نثار کهڙو

خدشن جي باوجود شهيد راڻي کي سيڪيورٽي فراهم نہ ڪئي وئي، ان وقت جي گهرو کاتي جي صلاحڪار وسيم اختر کي جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي

استقبالي ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿيڻ جي دعوي ان وقت جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڪهڙي بنياد تي ڪئي هئي؟

پيپلز پارٽي شهادتن باوجود ملڪ ۾ آئين، قانون ۽ پارليامينٽ جي بالادستي ۽ جمهوريت جي تسلسل لاءِ پنهنجو جمهوري ڪردار ادا ڪري رهي آهي

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو | ڪارساز سانحي جي جاچ ۾ اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ۽ اڳوڻي گهرو کاتي | جي صلاحڪار وسيم اختر کي شامل ڪرڻ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

## فلسطين مسئلي جي ٻہ رياستي حل جي حمايت جاري رکنداسين: چين

باڪو ۾ چيني پرڏيهي وزير فلسطيني هم منصب سان ملاقات، مختلف معاملن تي ڳالهيون

سمورا اهم ۽ ٻين ملڪن ٻہ رياستي حل جي حمايت ڪن، سفارتي ڪوششون اهم آهن: وانگ اي

باڪو (اي پي پي) چين چيو آهي تہ هو فلسطين مسئلي جي ٻہ رياستي حل جي | حمايت جاري رکندو پرڏيهي ميڊيا موجب
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

## سپريم ڪورٽ ۾ ماهہ رنگ بلوچ سميت ٻن جوابدارن جون ضمانت درخواستون 21 آڪٽوبر تي ٻڌڻي لاءِ مقرر

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

# سنڌ حڪومت پاران تعليم مڪمل ڪندڙ نوجوانن لاءِ انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ جو فيصلو

انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران 100 کان وڌيڪ ڪمپنين سان رابطا ڪيا پيا وڃن: شرجيل ميمڻ

آءِ ورڪ فار سنڌ ذريعي نوجوانن جي مهارتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي پئي وڃي

ڊجيٽل پليٽ فارم هن وقت تائين 51 لک 90 هزار ماڻهو وزٽ ڪري چڪا، هڪ لک 36 هزار 547 اميدوار رجسٽرڊ ۽ 721 ڪمپنيون پليٽ فارم تي موجود آهن

آءِ ورڪ فار سنڌ تي عالمي سطح تي تسليم ٿيل 1,800 کان وڌيڪ مختصر تربيتي ڪورس تائين رسائي فراهم ڪئي وئي آهي

4620 اميدوار پنهنجا ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن، جڏهن تہ 5,789 اميدوار مختلف ڪورسن ۾ تربيت حاصل ڪري رهيا آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت شاگردن يونيورسٽين مان تعليم مڪمل | ڪندڙ نوجوانن ۽ ڪيريئر جي شروعاتي مرحلن ۾ موجود ماڻهن لاءِ انٽرن شپ ۽ | روزگار جا موقعا وڌائڻ جو فيصلو ڪيو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

# بي آءِ ايس پي ڪي ون لنڪ نيٽورڪ سان ڳنڍيو ويو

مستحق عورتون ڪنهن بہ شهر مان بينڪ رٽيلرن کان رقم وٺي سگهنديون

عملي کي مڪمل تربيت فراهم ڪرڻ پروگرام جي ڪاميابي لاءِ انتهائي اهم آهي

ان سهولت سان سفر جا خرچ گهٽ ٿيندا ۽ غير ضروري تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملندو

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) بينظير انڪم سپورٽ پروگرام (بي آءِ ايس پي) | مستحق عورتن کي نئين ڊيجيٽل ادائيگي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

## وڏي وزير جي شنگهائي جي ميئر سان ملاقات، سهڪار وڌائڻ تي ويچار

ڪراچي ۽ شنگهائي وچ ۾ جاڙن شهرن جي باضابطہ پائيداري قائم ڪرڻ جي تجويز

شهري ترقي ۽ ڊجيٽل انتظامڪاريءَ ۾ چين جي مهارت مان فائدو وٺڻ جي خواهش ظاهر

سنڌ حڪومت شهري سهولتون بهتر بڻائڻ بابت شنگهائي جي تجربن مان سکڻ چاهي ٿي: وڏو وزير

ڪراچي / شنگهائي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهہ جمعي | ڏينهن شنگهائي جي ميئر ژو ژونگ منگ
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شنگهائي: وڏو وزير سيد مراد علي شاهہ شنگهائي جي ميئر سان ملي رهيو آهي

## عالمي منڊين ۾ خام تيل سستو، سون ۽ چانديءَ جي اگهن ۾ واڌ

اسلام آباد (اي پي پي) عالمي منڊين ۾
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

## چوند سڌارن لاءِ پارلياماني ڪميٽي قائم ڪرڻ جو اختيار اسپيڪر کي ڏيڻ جي رٽ منظور

قومي اسيمبلي جي اجلاس ۾ وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري اهڙي رٽ پيش ڪئي

اسپيڪر کي ڪميٽيءَ جي جوڙجڪ ۾ تبديلي ۽ ماتحت ڪميٽيون قائم ڪرڻ جا اختيار بہ ڏنا ويندا

اسلام آباد (اي پي پي) قومي اسيمبلي چونڊ سڌارن بابت ڪميٽي قائم ڪرڻ لاءِ | قومي اسيمبلي جي اسپيڪر سردار اياز
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

## سيف سٽي ڪيمرائن جي مدد سان 79 گهربل جوابدار پوليس حوالي

ضلعن ڏکڻ، اوڀر، ملير، ڪياماڙي، سٽي ۽ ڪورنگي ۾ 300 پول سائيٽون فعال

ڪيمرائن جي مدد سان 936 گهربل ۽ قانوني پيچيدگين ۾ ملوث گاڏين جي نشاندهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت هيٺ سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ سنڌ | سيف سٽيز اٿارٽي جي مئنيجمينٽ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ڪراچي
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

## فيفا صدر ڪائونسل کان معافي وٺي ڇڏي، قيادت جي اهليت تي سوال برقرار

ورلڊ ڪپ جي واپاري حقن کي خانگي فرم حوالي ڪرڻ بابت ڌڪاري منصوبي تي وضاحت طلب

گهربل معلومات ۽ تسلي بخش جواب نہ ملڻ سبب صدر جي اهليت تي سوال برقرار آهن: نائب صدر

زيورخ (اي پي پي) فٽ بال جي عالمي تنظيم فيفا جي صدر جياني انفينٽينو ورلڊ | ڪپ جي واپاري حقن کي خانگي فرم کي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي صدارت ۾ سيو سٽي رٿا بابت گڏجاڻي ٿي رهي آهي

# اسڪول ايجوڪيشن کاتي ۾ 1989ع کان 2020ع تائين ٿيل ڀرتين بابت جاچ تيز

کاتي کي بار بار خط ۽ ياد ڏيارڻيون موڪلڻ باوجود گهربل مڪمل رڪارڊ اڃا تائين نيب حوالي ناهي ڪيو ويو

ڀرتين جو مڪمل رڪارڊ غيرقانوني مقررين ۾ ملوث ذميوار آفيسرن ۽ اهلڪارن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي: نيب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) قومي احتساب بيورو (نيب) ڪراچي عدالتي حڪمن جي | روشنيءَ ۾ سنڌ جي اسڪول ايجوڪيشن کاتي ۾ 1989ع کان 2020ع تائين ٿيل | ڀرتين بابت جاچ تيز ڪندي لاڳاپيل ذميوار
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

پشاور: اسڪول حادثي ۾ شهادت ماڻيندڙ ٻارن جي ياد ۾ ڏيئا ٻاريا پيا وڃن

# ڪي پي پوليس جي شهيد اهلڪارن جو معاوضو هڪ ڪروڙ 70 لک ۽ آفيسرن لاءِ اڍائي ڪروڙ رپيا مقرر

گريڊ 18 ۽ 19 جي شهيدن جي وارثن کي 3 ڪروڙ ۽ گريڊ 20 ۽ مٿي لاءِ ساڍا 3 ڪروڙ رپيا معاوضو ملندو

ڊيوٽي دوران زخمي ٿيڻ تي 15 لک ۽ مستقل معذوريءَ تي 50 لک رپيا، نياڻين جي شاديءَ لاءِ 10 لک رپين جو اعلان

ڊي ايس پي ۽ اي ايس پي رينڪ جي شهيدن جي وارثن کي رهائشي مدد لاءِ اڍائي ڪروڙ روپيا ڏيڻ جي منظوري

پشاور (اي پي پي) خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي ڪي پي پوليس | لاءِ تاريخي رليف پيڪيج جو اعلان ڪندي چيو آهي تہ خيبرپختونخوا پوليس جي | شهيدن، زخمي اهلڪارن ۽ خاندانن لاءِ
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

# پاڪستان پاران ورلڊ بئنڪ جي ضمانتي سهولتن مان فائدو حاصل ڪرڻ لاءِ ڳالهيون

ناٿي واري وزير جي الواريز اينڊ مارسل جي نمائندن سان ملاقات، 1.5 ارب ڊالرز جي مالي مدد بابت غور

بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين جي نجڪاري جي حوالي سان جاري ڳالهين واري عمل تي خيالن جي ڏي وٺ

بئنڪاڪ (اي پي پي) ناٿي ۽ محصول واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب عالمي بئنڪ گروپ جي ضمانتن ذريعي اٽڪل | 1.5 ارب ڊالرز جي ڏکيهي مدي واري مالي مدد حاصل ڪرڻ جي امڪانن جو جائزو
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

# پائيدار ترقي لاءِ مقامي آبادين جي شموليت، عوامي اعتماد ۽ جامع قيادت ضروري آهي: آصفہ ڀٽو زرداري

چئلينجن کي منهن ڏيڻ لاءِ حڪومتن، عالمي ادارن، سول سوسائٽي ۽ مقامي آبادين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو

پوليو جي خاتمي لاءِ فرنٽ لائين هيلٿ ورڪرز جو ڪردار اهم آهي سماجي تحفظ سان ڪمزور طبقن جي مدد ڪري سگهجي ٿي

2022ع جي ٻوڏ کانپوءِ محفوظ گهرن جي تعمير، نوجوانن جي تعليم ۽ عورتن کي بااختيار بڻايو پيو وڃي

اسلام آباد (اي پي پي) خاتون اول آصفہ ڀٽو زرداري پائيدار ترقي جي لاءِ مقامي آبادين جي شموليت، عوامي اعتماد ۽ جامع
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني جرمني جي اتحاد واري سالگرهہ جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽي رهيو آهي

# اسٽيل ٽائون مان اغوا ٿيل نوجوان جو هٿ ڪٽيل لاش جهنگ مان مليو

23 ورهين جي پٽ زين العابدين سمون جي مبينا اغوا جو ڪيس اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو

موٽرسائيڪل سوار سنڌس گهر پهچيندڙجوان جو موبائل فون حوالي ڪندي مبينا طور ٻڌايو هو تہ ڪيس اغوا ڪيو ويو آهي

پوليس لاش جي هٿ اچڻ بعد نوجوان جي قتل جي امڪاني سببن ۽ اغوا ڪندڙ جوابدارن جي سڃاڻپ سميت مختلف پهلوئن کان جاچ ڪري رهي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بن قاسم ٿاڻي جي حد مان اسٽيل ٽائون مان مبينا طور اغوا | ٿيل 23 ورهين جي نوجوان زين العابدين سمون جو لاش اسٽيل مل جي گيٽ نمبر 4 | پرسان جهنگ مان هٿ آيو آهي جتي
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2



**بقايا 1 روزاني عبرت**

وزيراعظم پاڪستان اچڻ تي سفير جي آجيان ڪئي کيس نئين ذميواري سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ۽ سندس سفارتي ذميوارين ۾ ڪاميابي جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو وزيراعظم چيو ته ڏاڍن سالن ۾ پاڪستان ۽ سعودي عرب جي لاڳاپن ۾ نمايان اڳڀرائي ٿي آهي هن مختلف شعبن ۾ ٻطرفي تعاون کي وڌيڪ گهرو ۽ وسيع ڪرڻ جي لاءِ موجوده ادارجاتي ميڪينزم کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم جو ورجاءُ ڪيو وزيراعظم سعودي عرب جي خلاف حوثي حملن ۾ تازي اضافي جي شديد مذمت ڪئي جنهن جي نتيجي ۾ قيمتي جانيون ضايع ٿيون ۽ پاڪستاني شهرين سميت ڪيترائي بيگناهه ماڻهو زخمي ٿيا آهن هن چيو ته پاڪستان ۽ سعودي عرب سدائين هڪ ٻئي سان گڏ بيٺل رهيا آهن هن چيو ته اسٽريٽجڪ گڏيل دفاعي معاهدو ۽ مڪه گڏيل دفاعي اتحاد ٻنهي ملڪن جي پرائي ڀائيواري لاڳاپن ۾ تاريخي سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا ۽ اهي علائقائي امن ۽ سلامتي جي لاءِ انهن جي گڏيل عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. وزيراعظم ان عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان سعودي عرب جي خودمختياري ۽ سلامتي ۽ علائقائي سالميت جي تحفظ جي لاءِ ان سان گڏ بيٺل آهي. وزيراعظم پاڪستان کي فراهم ڪئي ويندڙ ڊگهي مدي واري اقتصادي ۽ مالي مدد تي سعودي قيادت جا ٿورا ادا ڪيا. هن سعودي سفير کي ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پرائي ڀائيواري کي وڌيڪ مستحڪم ڪرڻ جي لاءِ پاڪستان پاران مڪمل حمايت ۽ تعاون جو يقين ڏياريو.

**بقايا 2 روزاني عبرت**

استادن جي وارثن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ فاتحه خواني ڪئي گورنر هائوس پشاور جي ترجمان موجب ميڊيا سان ڳالهائيندي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته ڪالهه ڊير ڪالوني پشاور ۾ اسڪول جي عمارت جي ڇت ڪرڻ جو انتهائي افسوسناڪ واقعو پيش آيو هن چيو ته زندگي ۾ ڪيترائي سانحا ڏٺا، پر هي انتهائي دل ڏکوئيندڙ سانحو آهي هن چيو ته ڪنهن جي ٻارن ۽ اولاد جو ڪو به نعم البدل ممڪن ناهي، مالي امداد سان والدين جو ڏک گهٽ نٿو ڪري سگهجي. هن چيو ته سانحي ۾ شهيد ٿيل ٻارن جي وارثن کي 10، 10 لک روپيا جڏهن ته زخمين کي 3، 3 لک روپيا امداد ڏني ويندي هن چيو ته اسڪول جي زمين جي معاهدي ۽ ليز بابت تفصيل فراهم ڪيا ويا آهن هن چيو ته سرڪاري ۽ نجي اسڪولن جي حوالي سان اين او سي جاري ڪندڙ عملدارن جي ذميوارين جو تعين ڪيو وڃي، هن چيو ته لاڳاپيل صلاحڪار ۽ ڪاتي کي هدايت ڪئي آهي ته هو 15 ڏينهن جي اندر ذميوارن جو تعين ڪري رپورٽ پيش ڪن هن چيو ته ذميوارن خلاف ڪارروائي ۽ سزا ۽ جزا جي عمل کي تيز ڪيو ويندو هن چيو ته سرڪاري ۽ نجي اسڪولن جو آڊٽ ڪرايو پيو وڃي هن چيو ته لاڳاپيل اسڪول جي اين او سي به موجوده آهي ان جي جاچ پڙتال ضروري آهي هن چيو ته نجي اسڪولن بابت قانون 2017ع ۾ بڻايو ويو هو هن چيو ته اسڪول مالڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي، واقعي ۾ ملوث ٻين ماڻهن خلاف به ڪارروائي ڪئي ويندي.

**بقايا 3 روزاني عبرت**

شهباز شريف قومي ۽ عالمي سطح تي غربت جي خاتمي، اڻبرابري ۾ گهٽتائي ۽ ترقي جي برابر موقعن جي فراهمي جي لاءِ گڏيل موثر ۽ عملي قدمن جي عزم جو ورجاءُ ڪندي چيو آهي ته حڪومت عوام جي معاشي ۽ سماجي ترقي جي لاءِ ٺوس حڪمت عملي تي عمل پيرا آهي، نوجوانن جي لاءِ باعزت روزگار ڪاروبار ۽ معاشي موقعا ئي غربت جي خاتمي جا اصل ضامن آهن. غربت جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي، حڪومت، صوبائي حڪومتن ترقياتي حصيدارن سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ مقامي آبادين جي گڏيل ڪوشش سان ئي سماجي ۽ معاشي طور تي محفوظ، روزگار جي ذريعن ۾ ڀاڱيرو ۽ ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن پاڪستان يقيني بڻائي سگهبو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب غربت جي خاتمي جي عالمي ڏينهن جيڪو عالمي سطح تي گڏيل قومن پاران هن سال عالمي مهم (2026ع کان 2028ع) جي موضوع "امن ۽ انساني حقن جي لاءِ متحد" ۽ سال 2026ع جي ڏيلي موضوع "سڀني جي لاءِ محفوظ گهر" جي عنوان هيٺ ملهايو پيو وڃي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم چيو ته پاڪستان هن ڏينهن تي قومي ۽ عالمي سطح تي غربت جي خاتمي، اڻبرابري ۾ گهٽتائي، ترقي جي برابر موقعن جي فراهمي جي لاءِ گڏيل موثر ۽ عملي قدمن جي عزم جو ورجاءُ ڪري ٿو هر شهري جي سماجي ۽ معاشي حقن جو تحفظ، عزت ۽ وقار جي حفاظت ۽ معاشي آسودگي جا برابر موقعا بنا ڪنهن شڪ جي بنيادي انساني حقن ۾ شامل آهن غربت جو خاتمو حقيقت ۾ معاشرتي ورچ ۽ بين سماجي برائين جي خاتمي جو سبب پڻ بڻجي ٿو. هن چيو ته هلندڙ سال هن ڏينهن جا عنوان غربت جي خاتمي، پرامن منصفاڻو معاشرو قائم ڪرڻ جي لاءِ گڏيل ۽ متحد ڪوشش جي اهميت کي اجاگر ڪن ٿا، مالي خوشحالي، خوراڪ جي وڌيڪ فراهمي سان گڏوگڏ محفوظ رهائش غربت جي خاتمي جي ثمرن ۾ شامل آهي، محفوظ ۽ باوقار رهائش حقيقت ۾ شهرين جي ڀلائي جي لاءِ بنيادي حيثيت رکي ٿي، حڪومت شهرين خاص طور تي مالي لحاظ کان ڪمزور طبقن جي باعزت رهائش کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم تحت آسان قرض فراهم ڪري رهي آهي، مالي مشڪلاتن کانسواءِ موسمياتي تبديلي جا اثر ٻوڏ ۽ برساتون پڻ رهائش جي کوٽ جو سبب بڻجن ٿيون وزيراعظم پنهنجو گهر اسڪيم تحت پهچ جي قابل گهرن جي تعمير ۽ خريداري جي لاءِ مالي مدد تائين پهچ وڌائي پئي وڃي هن چيو ته عوام جي سماجي ۽ معاشي ڀلائي جي لاءِ قدم حڪومت جي آئيني ذميواري آهن، پاڪستان جو آئين فلاحي رياست قائم ڪرڻ جي لاءِ قومي عزم جو آئينه دار آهي ان آئيني ذميواري جي روشني ۾ حڪومت ٺوس حڪمت عملي تي عمل پيرا آهي، سماجي تحفظ کي انساني ترقي، هنرمندي جي فروغ، روزگار جي ذريعن ۽ معاشي خودمختياري جي قدمن سان ڳنڍيو ويو آهي هن چيو ته سڌوسنئون مالي مدد جي لاءِ حڪومت سماجي ڀلائي جي پروگرام بينظير انڪم سپورٽ پروگرام کي ڀرپور انداز ۾ جاري رکيو آهي، مستحق ماڻهن کي استحصال کان بچائڻ ۽ امداد جي ورچ جي نظام ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ قومي سماجي ۽ معاشي رجسٽري ۽ ڊيجيٽل سماجي تحفظ والٽ جاري ڪيو ويو آهي، ڊيجيٽل ورچ جي ذريعي مستحق ماڻهن جي موثر نشاندهي، شفافيت ۽ مالي شموليت وڌيڪ مستحڪم ٿي آهي. وزيراعظم چيو ته مستحق ماڻهن جي مستقل روزگار جي ذريعن جي بندوبست جي لاءِ حڪومت تعليم جي برابر موقعن جي فراهمي ۽ فني ۽ پيشيوارانه تربيت جي لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي، ملڪ جي ڪنڊڪڙڇ ۾ دانش اسڪول سسٽم تحت قابل ٻارن جي لاءِ طبقن جي فرق کي ختم ڪندي مڪمل نگهداشت سان اعليٰ تعليمي موقعا فراهم ڪيا پيا وڃن هن چيو ته نوجوانن کي عالمي معيار سان هم آهنگ فني صلاحيت ۽ ڪاروباري هنرمندي سان ليس ڪرڻ جي لاءِ قومي سطح تي نيشنل ووڪيشنل ٽريننگ ڪميشن (نيوٽيڪ) کي وڌيڪ فعال ڪيو ويو آهي، نوجوانن جي لاءِ باعزت روزگار، ڪاروبار ۽ معاشي موقعا ئي غربت جي خاتمي جا اصل ضامن آهن، حڪومت، وزيراعظم يوٿ پروگرام، آڌار پاڪستان، پاڪستان بيت المال، پاڪستان پاورٽي ايليويشن فنڊ (پي پي اي ايف) جهڙن بين قدمن ذريعي روزگار جي ذريعن ۽ بنيادي ڍانچي ۾ بهتري سان غربت ۾ گهٽتائي جي لاءِ ڪوشش ڪري رهي آهي اهي ئي قدم رهائش، توانائي، صحت ۽ تعليم جي شعبن ۾ محرومين جو ازالو ڪندا ۽ ڪمزور مستحق خاندانن کي پنهنجي روزگار جي ذريعن کي مستحڪم ڪرڻ ۽ معاشي ڀائيواري طرف وڌڻ ۾ مدد ڏيندا. وزيراعظم چيو ته حڪومت ان ڳالهه جي لاءِ پڻ پُرعزم آهي ته ٻار، بزرگ شهري، خصوصي ماڻهو ۽ معاشري جا ٻيا محروم پٺتي پيل طبقا معاشي آسودگي حاصل ڪن انتهائي غربت ۽ ٻوڏ کان متاثر خاندانن کي غربت مان ڪڍڻ جي لاءِ پڻ حڪومت خصوصي منصوبي جي شروعات ڪري رهي آهي ته جيئن انتهائي غريب خاندانن کي غربت مان ڪڍڻ جي لاءِ هڪ جامع مدد پيڪيج فراهم ڪري سگهجي. هن چيو ته غربت جو خاتمو اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي، حڪومت، صوبائي حڪومتن، ترقياتي حصيدارن، سول سوسائٽي، نجي شعبي ۽ مقامي آبادين جي گڏيل ڪوشش سان ئي سماجي ۽ معاشي طور تي محفوظ، روزگار جي ذريعن ۾ ڀاڱيرو ۽ ترقي ۽ خوشحالي جي راهه تي گامزن پاڪستان يقيني بڻائي سگهبو هن چيو ته اچو ته اسان هڪ خوشحال ۽ روشن مستقبل رکندڙ پاڪستان جي تعمير جي لاءِ پنهنجي گڏيل عزم جو ورجاءُ ڪريون ته جيئن ڪو به ماڻهو ۽ طبقو ترقي جي ثمرن کان محروم نه رهي.

**بقايا 4 روزاني عبرت**

ڇت ڪرڻ جي افسوسناڪ واقعي تي افسوس جو اظهار ڪيو آهي يونيسيف موجب فوت ٿيل ٻارن مان اڪثر جي عمر 14 سالن کان گهٽ هئي، جڏهن ته ان حادثي ۾ 50 کان وڌيڪ ٻار زخمي به ٿيا آهن. يونيسيف متاثر خاندانن ۽ ڪميونٽيز سان تعزيت جو اظهار ڪندي زخمي ٻارن جي جلد ۽ مڪمل صحتيابي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو آهي اداري چيو ته هو متاثر ٻارن، خاندانن ۽ ڪميونٽيز کي نفسياتي ۽ سماجي مدد فراهم ڪرڻ لاءِ حڪومتي قدمن ۾ تعاون ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

**بقايا 5 روزاني عبرت**

ايم ايف) ۽ عالمي بينڪ جي ساليانو اجلاس جي موقعي تي بينڪاڪ ۾ ڳالهه ٻولهه ڪندي رولان ليسڪيور چيو ته عالمي بينڪ 44 اهڙن ملڪن جي نشاندهي ڪئي آهي جن کي عالمي سطح تي توانائي جي وڌندڙ قيمتن سبب غذائي تحفظ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي هن چيو ته جي سيون پاران موجوده عالمي صورتحال ۾ سڀ کان وڌيڪ متاثر ٿيندڙ ڪمزور ملڪن، خاص طور تي غريب ملڪن جي مسئلن تي به خاص ڌيان ڏنو پيو وڃي هن چيو ته سمورن جي سيون ملڪن (آمريڪا، برطانيا، فرانس، جرمني، اٽلي، ڪينيڊا ۽ جاپان) گڏجي ڪري غذائي تحفظ لاءِ 2.5 بلين ڊالرز فراهم ڪرڻ جو واعدو ڪيو آهي جنهن ۾ خاص طور تي کاڌي جي فراهمي جو اهم معاملو شامل آهي.

**بقايا 6 روزاني عبرت**

آهي. سنڌ جي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته انٽرن شپ ۽ روزگار جا موقعا وڌائڻ لاءِ سنڌ حڪومت پاران 100 کان وڌيڪ ڪمپنين سان رابطا ڪيا پيا وڃن هڪ بيان ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته آءِ ورڪ فار سنڌ ذريعي نوجوانن جي مهارتن ۽ مارڪيٽ جي ضرورتن ۾ هم آهنگي پيدا ڪئي پئي وڃي هن ڊجيٽل پليٽ فارم تي هن وقت تائين 51 لک 90 هزار کان وڌيڪ ماڻهو وزٽ ڪري چڪا آهن هڪ لک 36 هزار 547 اميدوار رجسٽرڊ آهن جڏهن ته 721 ڪمپنيون پليٽ فارم تي موجود آهن هن چيو ته ڊجيٽل پليٽ فارم ذريعي هن وقت تائين 31 هزار 270 نوڪرين جا موقعا پوسٽ ڪيا ويا آهن 24 هزار 766 نوڪريون فعال آهن جڏهن ته اميدوارن پاران 4 لک 73 هزار 339 درخواستون جمع ڪرايون ويون آهن هن پليٽ فارم ذريعي نوجوانن ۽ ملازمتون فراهم ڪندڙ ادارن وچ ۾ رابطي جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت روزگار جي فراهمي سان گڏ نوجوانن جي پيشيوارانه صلاحيتن ۾ واڌ تي پڻ ڌيان ڏئي رهي آهي آءِ ورڪ فار سنڌ تي عالمي سطح تي تسليم ٿيل 1,800 کان وڌيڪ مختصر تربيتي ڪورسن تائين رسائي فراهم ڪئي وئي آهي هن چيو ته هن وقت تائين 4,620 اميدوار پنهنجا ڪورس مڪمل ڪري چڪا آهن جڏهن ته 5,789 اميدوار مختلف ڪورسن ۾ تربيت حاصل ڪري رهيا آهن پليٽ فارم تي سرڪاري ۽ خانگي شعبن جي نوڪرين کي خودڪار طريقي سان شامل ڪرڻ لاءِ نظام پڻ تيار ڪيو پيو وڃي. شرجيل انعام ميمڻ جو چوڻ هو ته منصوبي جي شروعاتي تياري ۽ ان تي عملدرآمد لاءِ اينڊڊ ڊيڪ کان ٻن مهينن جو منصوبو جوڙيو ويو آهي جڏهن ته روزاني بنيادن تي نون روزگار جي موقعن بابت الرٽس جي سهولت متعارف ڪرائڻ جي پڻ منصوبابندي ڪئي پئي وڃي.

**بقايا 7 روزاني عبرت**

سان ملاقات ڪري ٻنهي شهرن وچ ۾ سهڪار کي وڌيڪ هٿي وٺرائڻ بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي. هن ڪراچي ۽ شنگهائي وچ ۾ جاڙن شهرن جي باضابطه ڀائيواري قائم ڪرڻ جي تجويز ڏيندي سمارٽ سٽي رٿابندي، شهري ترقي ۽ ڊجيٽل انتظامڪاري جي شعبن ۾ چين جي مهارت مان فائدو وٺڻ جي خواهش ظاهر ڪئي. شنگهائي جي ميئر سان ملاقات دوران سنڌ جي وڏي وزير چيو ته ڪراچي ۽ شنگهائي اهم واپاري ۽ بندرگاهي شهر آهن ته تنهنڪري شهري رٿابندي، آمدرفت، ٽيڪنالاجي، بنيادي ڍانچي جي ترقي ۽ سيڙپڪاري جي شعبن ۾ گڏيل سهڪار سان ٻنهي شهرن کي فائدو پهچي سگهي ٿو هن ڪراچي ۽ شنگهائي وچ ۾ جاڙن شهرن جي باضابطه ڀائيواري قائم ڪرڻ جي تجويز پيش ڪئي جنهن سان ٻنهي شهرن وچ ۾ باقاعده رابطن، تجربن جي ڏي وٺ ۽ گڏيل دلچسپيءَ وارن شعبن ۾ سهڪار لاءِ هڪ منظم طريقيڪار جوڙي سگهجي ٿو. مراد علي شاهه شنگهائي کي ڪراچيءَ ۾ شهري ترقيءَ لاءِ جاري اهم قدمن جو ذڪر ڪندي ڪراچي سرڪلر ريلوي ۽ ٽيڪنالاجي ٽوڙي انفارميشن ٽيڪنالاجي جي بنيادي ڍانچي جي ترقيءَ کي نمايان ڪيو هن شنگهائي کي دعوت ڏني ته اهو گڏيل شهري رٿابندي، عوامي آمدرفت، ڊجيٽل خدمتن ۽ سمارٽ سٽيءَ جي انتظام بابت پنهنجا تجربا ڪراچيءَ سان ونڊي سنڌ جي وڏي وزير چيو ته سنڌ حڪومت شهري سهولتون بهتر بڻائڻ ۽ شهرن کي وڌيڪ ڪارائتو، مربوط ۽ شهرين جي ضرورتن سان هم آهنگ بڻائڻ لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال بابت شنگهائي جي تجربن مان سکڻ چاهي ٿي. ملاقات ۾ سنڌ ۽ شنگهائي وچ ۾ اقتصادي ۽ سيڙپڪاريءَ جا لاڳاپا مضبوط ڪرڻ جي موقعن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. ان سلسلي ۾ ڪاروباري ادارن وچ ۾ سڌا رابطا وڌائڻ ۽ لاڳاپيل ادارن جي سهڪار کي هٿي وٺرائڻ تي خاص ڌيان ڏنو ويو ميئر ژو زونگ منگ سهڪار بابت پيش ڪيل تجويزن جي آجيان ڪئي ۽ شنگهائي ۽ ڪراچي وچ ۾ ويجها لاڳاپا قائم ڪرڻ جي امڪانن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. ژو کي سيپٽمبر 2026ع ۾ شنگهائي ميونسپل حڪومت جو نائب ميئر ۽ وقتي ميئر مقرر ڪيو ويو هو ملاقات ۾ سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ، منصوبابندي ۽ ترقيءَ وارو وزير جام خان شورو، زراعت وارو وزير سردار محمد بخش خان مهر، سنڌ جي وڏي وزير جو سيڙپڪاري بابت خاص معاون سيد قاسم نويد قمر، وڏي وزير جو پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف عباس، منصوبابندي ۽ ترقيءَ واري بورڊ جو چيئرمين نجم احمد شاهه، ڪراچيءَ جو ميئر بيرسٽر مرتضيٰ وهاب، سيڙپڪاريءَ وارو سيڪريٽري راجا خرم شهزاد ۽ ٻيا سينيئر عملدار پڻ موجود هئا.

**بقايا 8 روزاني عبرت**

سيف سٽي منصوبي جي پهرين مرحلي جي آپريشن، سار سنڀال ۽ جاري ترقياتي ڪمن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ڊي جي سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي سرفراز نواز، پي ڊي، آءِ ٽي، اي آءِ جي ايڊمن سميت گهرو کاتي ۽ ناڻي کاتي جي عملدارن شرڪت ڪئي اجلاس ۾ سمارٽ ايمرجنسي رسپانس گاڏين کي موبائل نگراني ۽ هنگامي صورتحال ۾ فوري ڪارروائي لاءِ استعمال ڪرڻ، انهن جي برانڊنگ ۽ سيف سٽي منصوبي جي مختلف مرحلن تي جاري ڪم کي وڌيڪ تيز ڪرڻ بابت غور ويچار ڪيو ويو سيف سٽي ڪيمرائن جي مدد سان 79 گهربل جوابدار پوليس حوالي ڪيا ڊي جي سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي سرفراز نواز اجلاس جي شرڪت ڪندڙن کي اٿارٽي جي مجموعي ڪارڪردگي ۽ ڪراچي ۾ سنگين ڏوهن جي جاچ دوران سيف سٽي ڪيمرائن جي ڪردار بابت آگاهه ڪيو هن ٻڌايو ته منصوبي جي پهرين مرحلي تحت ڪراچي جي ضلعن ڏکڻ، اوڀر، ملير، ڪياماڙي، سٽي ۽ ڪورنگي ۾ 300 پول سائيٽون فعال آهن. جنوري کان سيپٽمبر 2026ع دوران سيف سٽي ڪيمرائن جي مدد سان 936 گهربل ۽ قانوني پيچيدگين ۾ ملوث گاڏين جي نشاندهي ڪري انهن کي پوليس حوالي ڪيو ويو جڏهن ته 79 گهربل ماڻهن کي به پوليس جي حوالي ڪيو ويو ساڳئي عرصي دوران ڪراچي پوليس کي 566 ڪيسن ۾ جوابدارن جي سڃاڻپ لاءِ ٽيڪنيڪي مدد فراهم ڪئي وئي ڊي جي سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي موجب گهربل گاڏين بابت 338 ۽ گهربل ماڻهن بابت 25 درخواستون پڻ وصول ٿيون هن وڌيڪ ٻڌايو ته ضلع ڏکڻ ۽ ضلع اوڀر ۾ ٿيل اهم ڏوهن وارداتن ۾ ملوث جوابدارن کي ڳولڻ، انهن جي سڃاڻپ ڪرڻ ۽ گرفتار ڪرڻ ۾ پڻ سيف سٽي ڪيمرائن اهم مدد فراهم ڪئي ڏوهن جي روڪٿام لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جو اثرائتو استعمال يقيني بڻايو وڃي. آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو ڏوهن ۾ ملوث جوابدارن جي سڃاڻپ ۽ گرفتاري لاءِ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي ٽيڪنيڪي سهڪار کي ساراهيو هن هدايت ڪئي ته ڪراچي پوليس قانون تي اثرائتي عملدرآمد، ڏوهن جي روڪٿام ۽ جاچ جي عمل کي بهتر بڻائڻ لاءِ سنڌ سيف سٽيز اٿارٽي جي سهولتن ۽ خدمتن مان ڀرپور فائدو حاصل ڪري. آءِ جي سنڌ سيف سٽي منصوبي جي مختلف مرحلن تي جاري ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ۽ اثرائتي بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته منصوبي جي سمورن مرحلن ۾ معيار، شفافيت ۽ مقرر وقت اندر تڪميل کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي هن نمبر پليٽن ۾ ڦيرڦار ڪندڙ ۽ بليڪ لسٽ گاڏين جي نشاندهي لاءِ ٽريفڪ پوليس جي سهڪار سان هڪ خاص يونٽ قائم ڪرڻ جي پڻ هدايت ڪئي. جاويد عالم اوڍو لاڳاپيل ايس ايس پيز انويسٽيگيشن سان رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي زور ڏيندي چيو ته جيئن چوري ٿيل ۽ ڦر ڪيل گاڏين جو جلد پتو لڳائي انهن کي جلد کان جلد هٿ ڪري سگهجي اجلاس ۾ ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته جديد ٽيڪنالاجي، مربوط پوليسنگ ۽ اثرائتي نگراني واري نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي ڪراچي ۾ ڏوهن جي روڪٿام، جوابدارن جي گرفتاري ۽ شهرين جي تحفظ لاءِ قدم جاري رکيا ويندا.

**بقايا 9 روزاني عبرت**

جمعي ڏينهن ڪاروباري هفتي جي آخري ڏينهن خام تيل ۽ بين زرعي جنسن جي قيمتن ۾ گهٽتائي جڏهن ته سون جي قيمتن ۾ اضافي جو رحجان رهيو بلومبرگ جي رپورٽ مطابق جي رپورٽ موجب آمريڪي ويسٽ ٽيڪساس انٽرميڊيٽ تحت خام تيل جي مستقبل جا سودا 0.48 ڊالر جي گهٽتائي بعد 97.49 ڊالر في بيرل جڏهن ته برينٽ نارٿ سي ڪروڊ جا سودا 0.49 ڊالر جي گهٽتائي سان 105.43 ڊالرز في بيرل ۾ طئي ٿيا قيمتي ڌاتن جي عالمي منڊي ۾ سون جي قيمت 1.84 ڊالر جي واڌ بعد 4173.28 ڊالر في اونس رهي جڏهن ته چانديءَ جي قيمت 0.56 ڊالر جي واڌ سان 57.72 ڊالر في اونس رهي زرعي جنسن ۾ مڪئي جي قيمت 0.25 ڊالر جي گهٽتائي سان 477.75 ڊالر في بشل رهي جڏهن ته ڪڻڪ جي اگهه ۾ 4.50 ڊالرن جي واڌ رهي ۽ اگهه 665.50 ڊالر في بشل ٿي ويو ڪپهه جي قيمت ۾ 0.16 ڊالر جو اضافو رهيو ۽ قيمت 80.22 ڊالر جي سطح تي آئي.

**بقايا 10 روزاني عبرت**

معاوضن ۽ مراعتن ۾ رڪارڊ اضافي جي منظوري ڏني آهي گورنر هائوس پشاور جي ترجمان موجب خيبرپختونخوا جي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي پنهنجي وڊيو پيغام ۾ ڪي پي ڪي پوليس لاءِ رليف پيڪيج جو اعلان ڪيو ان موقعي تي گورنر خيبرپختونخوا جي پوليس اهلڪارن ۽ شهيدن جي خاندانن جي مدد لاءِ بئنڪن ۽ ڪارپوريٽ ڪمپنين سان گڏجي ڪم ڪرڻ جي هدايت ڪئي گورنر فيصل ڪريم ڪنڊي چيو ته شهيدن جي پيڪيج تحت سپاهي کان انسپيڪٽر تائين معاوضو هڪ ڪروڙ 10 لک کان وڌائي هڪ ڪروڙ 70 لک روپيا ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڊي ايس پي ۽ اي ايس پي رينڪ جي شهيدن جو معاوضو هڪ ڪروڙ 60 لک کان وڌائي اڍائي ڪروڙ روپيا ڪيو ويو هن چيو ته گريڊ 18 ۽ 19 جي شهيدن جو معاوضو 2 ڪروڙ 10 لک کان وڌائي ٽي ڪروڙ روپيا مقرر ڪيو ويو آهي هن چيو ته گريڊ 20 ۽ ان کان مٿي شهيدن جو معاوضو 2 ڪروڙ 10 لک کان وڌائي ساڍا 3 ڪروڙ روپيا ڪيو ويو آهي هن چيو ته پوليس شهيدن جي وارثن لاءِ پلاٽ جي جڳهه سڌي رقم مالي مدد ڪئي ويندي هن چيو ته سپاهي کان انسپيڪٽر تائين شهيدن جي وارثن کي 5 مرلن جي پلاٽ جي جاءِ تي هڪ ڪروڙ 80 لک روپيا ڏنا ويندا هن چيو ته ڊي ايس پي ۽ اي ايس پي رينڪ جي شهيدن جي وارثن کي رهائشي مدد لاءِ اڍائي ڪروڙ روپيا ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي هن چيو ته گريڊ 18 کان 19 جي شهيدن جي وارثن کي 10 مرلا پلاٽ جي جاءِ تي ساڍا 3 ڪروڙ روپين جي مالي مدد ڏني ويندي هن چيو ته گريڊ 20 ۽ ان کان مٿي جي پوليس شهيدن جي وارثن کي هڪ ڪنال پلاٽ جي جاءِ تي 7 ڪروڙ روپيا ڏيڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي هن چيو ته ڊيوٽي دوران زخمي اهلڪارن جو پيڪيج هڪ لک کان وڌائي 15 لک جڏهن ته مستقل معذوري تي 50 لک روپيا ڏيڻ جي منظوري ڏني وئي آهي هن چيو ته اهلڪارن جي شريڪ حيات يا ٻارن جي وفات تي 50 لک ۽ والدين يا ڀينرن ۽ ڀائرن جي وفات تي 30 لک روپيا مالي امداد ڏني ويندي هن چيو ته شهيدن جي ڌيئرن جي شادي لاءِ 10 لک روپيا خصوصي تحفي طور ڏنا ويندا، هن چيو ته شهيدن جا خاندان اسان جو فخر آهن، انهن جي سارسنڀال اسان جي ذميواري آهي، هن چيو ته خيبرپختونخوا پوليس لاءِ هي رليف پيڪيج انهن جي قربانين جو اعتراف آهي.

**بقايا 11 روزاني عبرت**

قيادت کي لازمي قرار ڏيندي چيو آهي ته مسئلن جو پائيدار حل مقامي آبادين جي ضرورتن ۽ تجربن کي نظر ۾ رکي جوڙڻ گهرجي جڏهن ته غربت، صحت جي هنگامي صورتحال ۽ موسمياتي تبديلي جهڙن چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ حڪومتن، عالمي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ مقامي آبادين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو گڏيل قومن جي ترقياتي پروگرام (يو اين ڊي پي) پاڪستان جي ويب سائيٽ تي شايع ٿيندڙ مضمون ۾ خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري موسمياتي تبديلي، تڪرارن، معاشي دٻاءُ، اڻبرابري ۽ لڏپلاڻ جي ڪري وڌندڙ چئلينجز کي اجاگر ڪندي انهن کي منهن ڏيڻ جي لاءِ گڏيل قدمن ۽ مضبوط حصيدارين تي زور ڏنو پنهنجي والده شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي سياسي ۽ سماجي خدمتن جو ذڪر ڪندي آصفه ڀٽو زرداري چيو ته عوامي خدمت هڪ اهڙي ذميواري آهي جنهن جو بنياد انهن ماڻهن جي ڳالهه ٻڌڻ، انهن جي مسئلن کي سمجهڻ ۽ انهن سان گڏ بيهڻ تي آهي جن جو آواز اڪثر ٻڌو نه ٿو وڃي. سڄي پاڪستان ۾ پنهنجي تجربن جو حوالو ڏيندي هن چيو ته ترقي کي رڳو پاليسين ۽ پروگرامن جي ذريعي نه پر ماڻهن جي زندگين ۾ ايندڙ بهتري سان جانچڻ گهرجي جنهن ۾ خاندانن جي لاءِ وڌيڪ تحفظ، ٻارن جي لاءِ بهتر موقعا ۽ مضبوط آبادين جي جوڙجڪ شامل آهي هن پاڪستان ۾ پوليو جي خاتمي جي ڪوشش ۾ فرنٽ لائين هيلٿ ورڪرز جي ڪردار کي اجاگر ڪندي چيو ته خاندانن سان انهن جو رابطو ۽ اعتماد قائم ڪرڻ جي لاءِ مسلسل ڪوششون حقيقت ۾ ويڪسين پهچائڻ جيتري ئي اهميت رکن ٿيون خاتون اول بينظير انڪم سپورٽ پروگرام جي ڪردار کي پڻ اجاگر ڪيو جيڪو سماجي تحفظ فراهم ڪرڻ ۽ ڪمزور طبقن سان تعلق رکندڙ خاندانن کي معاشي مشڪلاتن ۾ منهن ڏيڻ ۾ مدد ڏئي رهيو آهي موسمياتي چئلينجز جو ذڪر ڪندي هن چيو ته پاڪستان ۾ بار بار ايندڙ ٻوڏ ۽ شديد گرمي جي لهرن ڪميونٽي جي سطح تي مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت جي اهميت واضح ڪئي آهي هن 2022ع جي تباهي آڻيندڙ ٻوڏ جو حوالو ڏيندي چيو ته بحالي جي عمل ۾ متاثر آبادي جي ڳالهه ٻڌڻ ۽ انهن جي ڊگهي مدي وارين ضرورتن کي پورو ڪرڻ ضروري آهي آصفه ڀٽو زرداري پيپلزپارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري پاران ٻوڏ کان متاثر خاندانن سان رابطي ۽ عالمي سطح تي پاڪستان جو موقف اجاگر ڪرڻ جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته هنگامي امداد کانپوءِ ڊگهي مدي واري بحالي تي ڌيان ڏيڻ به ضروري آهي هن سنڌ پيپلز هائوسنگ فار فلڊ افيڪٽيز (ايس پي ايڇ ايف) قدم کي موسمياتي تبديلين جا اثر برداشت ڪرڻ جي صلاحيت جي بدل نئين سر تعمير جو مثال قرار ڏنو جنهن جي ذريعي ٻوڏ کان متاثر خاندانن کي وڌيڪ محفوظ گهر ۽ روزگار جا موقعا بهتر تعمير ڪرڻ ۾ مدد فراهم ڪئي پئي وڃي خاص طور تي خاتون اول تعليم ۽ موقعن ۾ اضافي جي ذريعي نوجوانن جي سيڙپڪاري جي ضرورت تي پڻ زور ڀريو جڏهن ته عورتن جي ڪميونٽي اڳواڻن، ڪاروباري شخصيتن تبديلي جي محرڪات جي طور تي اهم قرار ڏنو عالمي تعاون جي اهميت کي اجاگر ڪندي هن چيو ته غربت، صحت جي هنگامي صورتحال ۽ موسمياتي تبديلي جهڙن چئلينجز کي منهن ڏيڻ جي لاءِ حڪومتن، عالمي تنظيمن، سول سوسائٽي ۽ مقامي آبادين کي گڏجي ڪم ڪرڻو پوندو يو اين ڊي پي پاران ادارجاتي ترقي ۽ مشڪلاتن جو مقابلو ڪرڻ جي صلاحيت وڌائڻ جي لاءِ مدد جو اعتراف ڪندي چيو ته پائيدار ترقي جو دارومدار گڏيل تعاون ۽ ماڻهن جي زندگين ۾ بهتري آڻڻ جي گڏيل عزم تي آهي خاتون اول چيو ته پائيدار تبديلي جي شروعات ڪميونٽيز کان ٿئي ٿي جتي اعتماد قائم ڪيو وڃي ٿو ۽ بامعنيٰ شرڪت ۽ جامع قيادت جي ذريعي ماڻهن کي پنهنجو مستقبل سنوارڻ جي قابل بڻايو وڃي ٿو.

**بقايا 12 روزاني عبرت**

نوجوان جو هڪ هٿ ڪٽيل حالت ۾ مليو. نوجوان جو لاش هٿ اچڻ واري واقعي بعد علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو آهي جڏهن ته پوليس واقعي جي مختلف رخن کان جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي تفصيل موجب اسٽيل ٽائون جي رهواسي محمد خان ولد محب خان جي 23 ورهين جي پٽ زين العابدين سمون جي مبينا اغوا جو ڪيس اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي داخل ڪيو ويو هو ايف آءِ آر جي متن موجب، نوجوان 14 آڪٽوبر 2026ع تي صبح تقريبن 9 وڳي پنهنجي موٽرسائيڪل نمبر HRL-8892 تي گهران نڪتو هو پر ڪافي وقت گذرڻ باوجود واپس نه موٽيو فريادي موجب، ساڳئي ڏينهن شام ڌاري ٻه اڻڄاتل موٽرسائيڪل سوار سندس گهر جي اندرين گيٽ تي پهتا ۽ نوجوان جو موبائل فون حوالي ڪندي مبينا طور ٻڌايو ته سندس پٽ کي اغوا ڪيو ويو آهي جوابدارن نوجوان جي بازيابيءَ جي عيوض 7 لک رپيا ڀنگ پڻ طلب ڪيو هو واقعي جو ڪيس نمبر 1167/26 اسٽيل ٽائون ٿاڻي تي پاڪستان پينل ڪوڊ جي قلمن 365-A ۽ 34 تحت داخل ڪيو ويو هو جڏهن ته ڪيس جي جاچ اينٽي وائلنٽ ڪرائم سيل (AVCC) جي انچارج حوالي ڪئي وئي هئي هاڻي اغوا ٿيل نوجوان جو لاش اسٽيل مل جي گيٽ نمبر 4 پرسان جهنگ مان هٿ اچڻ ۽ سندس هڪ هٿ ڪٽيل حالت ۾ ملڻ بعد واقعي وڌيڪ ڳنڀير رخ اختيار ڪري ورتو آهي پوليس لاش جي هٿ اچڻ، نوجوان جي قتل جي امڪاني سببن ۽ اغوا ڪندڙ جوابدارن جي سڃاڻپ سميت مختلف پهلوئن کان جاچ ڪري رهي آهي پوليس اختيارين طرفان واقعي ۾ ملوث جوابدارن جي گرفتاري ۽ نوجوان سان پيش آيل واقعي جا اصل سبب معلوم ڪرڻ لاءِ وڌيڪ جاچ جاري آهي.

**بقايا 13 روزاني عبرت**

ورتو. ناڻي وزارت پاران جاري ڪيل بيان موجب ناڻي وزير بينڪاڪ ۾ ورلڊ بينڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي ساليانو اجلاسن 2026ع جي موقعي تي الوارز اينڊ مارسل جي نمائندن سان ملاقات ڪئي جنهن ۾ عالمي مدد حاصل ڪرڻ لاءِ ورلڊ بينڪ جي ضمانتي سهولتن مان فائدو حاصل ڪرڻ تي ڳالهيون ڪيون ويون ناڻي واري وزير عالمي بينڪ جي پاليسي تي مشتمل ضمانت کي ملٽي ليٽرل انويسٽمينٽ گارنٽي ايجنسي (ميگا) جي ضمانتي سهولت گڏائڻ جي تجويز جي آجيان ڪئي ملاقات دوران عالمي بينڪ جي وسيلن مان فائدو حاصل ڪرڻ، بجيٽ مدد جي ضمانتن سان گڏائڻ ۽ سيڙپڪارن جي شرڪت وڌائڻ وارن امڪانن تي پڻ ڳالهيون ڪيون ويون ناڻي واري وزير ان ڳالهه تي زور ڏنو ته نئين فريم ورڪ تي ڳالهين سبب امڪاني دير کان بچڻ لاءِ اڳ کان موجود ترقياتي پاليسي آپريشن (ڊي پي او) کي استعمال ۾ آندو وڃي. ملاقات دوران بجلي ورهائيندڙ ڪمپنين (ڊسڪوز) جي نجڪاري جي حوالي سان جاري ڳالهين واري عمل تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي.

**بقايا 14 روزاني عبرت**

آفيسرن کي 20 آڪٽوبر تي طلب ڪري ورتو آهي نيب پاران جاري ڪيل خط موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ لاڙڪاڻو بئنچ 30 جون 2026ع تي حڪم جاري ڪيو هو جڏهن ته گڏيل جاچ ٽيم جو اجلاس 15 جون 2026ع تي ٿيو هو خط ۾ چيو ويو آهي ته اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي بار بار خط ۽ ياد ڏيارڻيون موڪلڻ باوجود گهربل مڪمل رڪارڊ اڃا تائين نيب حوالي ناهي ڪيو ويو جنهن سبب عدالتي حڪمن تي عملدرآمد ۾ دير ٿي رهي آهي نيب موجب ڀرتين جو مڪمل رڪارڊ غيرقانوني مقررين ۾ ملوث ذميوار آفيسرن ۽ اهلڪارن جي نشاندهي ڪرڻ لاءِ انتهائي ضروري آهي اسڪول ايجوڪيشن کاتي جي لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو 20 آڪٽوبر تي نيب ڪراچيءَ ۾ گڏيل جاچ ٽيم آڏو ذاتي طور پيش ٿين ۽ 1989ع کان استادن، ٽيڪنيشن ۽ ٻين عملي جي خالي جاين تي ٿيل ڀرتين بابت مڪمل تفصيل ۽ لاڳاپيل دستاويز گڏ کڻي اچن هاڻي اهم سوال اهو آهي ته ٽن ڏهاڪن تي ٻڌل ڀرتين جو مڪمل رڪارڊ ڪڏهن فراهم ڪيو ويندو ۽ جاچ ذريعي غيرقانوني مقررين جا ذميوار ڪير ثابت ٿيندا؟

**بقايا 15 روزاني عبرت**

وڪرو ڪرڻ بابت پنهنجي ڳڻتي منصوبن فيفا فارورڊ انفرا پرائيز جي فيفا ڪائونسل کان معافي ورتي جڏهن ته ان کي سمورا دستاويز جاري ڪرڻ ۽ اهم سوالن جا جواب ڏيڻ جي سخت هدايت ڪئي وئي آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب زيورخ ۾ ٿيل ڪائونسل جي اجلاس کانپوءِ انگلش فٽ بال ايسوسي ايشن جي چيئر پرسن ۽ فيفا جي نائب صدر ڊيبي هيوٽ چيو ته جيياني انفينٽينو پاران هيسٽائين سمورا گهربل دستاويز ۽ سوالن جا تسلي بخش جواب فراهم ناهن ڪيا ويا هن واضح ڪيو ته جيستائين صدر سموريون معلومات ۽ وضاحتون فراهم نٿو ڪري ته هو ان عهدي جو اهل نه رهندو يورپي فٽبال باڊي يوئيفا به ان منصوبي تي سخت خدشن جو اظهار ڪري چڪي آهي ۽ ان به سمورن دستاويزن کي حاصل ڪرڻ لاءِ قانوني ڪارروائي جي به تياري ڪئي آهي ڊيبي هيوٽ وڌيڪ چيو ته دستاويز سامهون اچڻ کان پوءِ اهو طئي ڪرڻ ۾ مدد ملندي ته منصوبي ۾ ڇا ٿيو ۽ ڇا ان معاملي ۾ قانوني ڪارروائي جي ضرورت آهي يا نه. سندس چوڻ هو ته جيياني انفينٽينو جي معذرت باوجود سندس موقف ۾ ڪا به تبديلي ناهي آئي يورپي فٽ بال جي نگران تنظيم يوئيفا به جيياني انفينٽينو جي سخت تنقيد ڪندي رهي آهي ڪانئس عهدو ڇڏڻ جو مطالبو ڪري رهي آهي تڪرار سبب فيفا جي قيادت، مالي شفافيت ۽ ميمبر تنظيمن جي سامهون جواب ڏهي جي معاملن کي هڪ ڀيرو ٻيهر عالمي فٽ بال جي ڌيان جو مرڪز بڻائي ڇڏيو آهي.

**بقايا 16 روزاني عبرت**

صادق کي اختيار ڏيڻ جي رٿ جي منظوري ڏئي ڇڏي جمعي ڏينهن قومي اسيمبلي جي اجلاس جي شروعات تي پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري رٿ پيش ڪئي ته قومي اسيمبلي جو اسپيڪر سردار اياز صادق سينيٽ جي چيئرمين جي صلاح مشوري سان پارلياماني ڪميٽي قائم ڪري جيڪا ملڪ ۾ صاف شفاف ۽ منصفاڻيون چونڊون ڪرائڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال ۽ قانون سازي لاءِ سفارشون ڏئي سگهي ڪميٽي ۾ سمورين پارلياماني پارٽين جا نمائندا پڻ شامل هجن قومي اسيمبلي جي اسپيڪر کي پارلياماني ليڊرز جي نشاندهي تي ڪميٽي ۾ ڦيرڦار جو اختيار حاصل هوندو ۽ ماتحت ڪميٽيون پڻ قائم ڪري سگهندو. قومي اسيمبلي رٿ جي منظوري ڏئي ڇڏي.

**بقايا 17 روزاني عبرت**

نظام سان ڳنڍڻ لاءِ ملڪ گير تربيت ۽ عوامي آگاهي مهم جو باقاعده آغاز ڪري ڇڏيو آهي نئين نظام تحت مستحق عورتون ادائيگي جي تصديقي ايس ايم ايس ملڻ کانپوءِ ون لنڪ نيٽ ورڪ ذريعي پاڪستان جي ڪنهن به شهر ۾ شريڪ بئنڪن جي مجاز ريٽيلر وٽان پنهنجي مالي امداد جي رقم حاصل ڪري سگهنديون هن مهم جي شروعات سنڌ ريجن ۾ مقرر بي آءِ ايس پي آفيسرن جي تربيتي سيشن سان ڪئي وئي، جنهن جو مقصد عملي کي ڊجيٽل والٽس جي استعمال، ادائيگي وصول ڪرڻ جي نئين طريقيڪار ۽ ضروري حفاظتي اپائن بابت تربيت ڏيڻ آهي ته جيئن اهي مستحق عورتن جي بهتر رهنمائي ڪري سگهن ڪراچي جي سوشل ويلفيئر ڊپارٽمينٽ ۾ منعقد ٿيل افتتاحي تربيتي سيشن کي خطاب ڪندي بي آءِ ايس پي هيڊڪوارٽرز اسلام آباد جي ايڊيشنل سيڪريٽري ڊاڪٽر عصمت نواز چيو ته مستحق عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ عملي کي مڪمل تربيت فراهم ڪرڻ پروگرام جي ڪاميابي لاءِ انتهائي اهم آهي. هن چيو ته نئين نظام تي اثرائتي نموني عملدرآمد لاءِ عملي جي جامع تربيت ۽ مستحق عورتن ۾ وڏي پيماني تي آگاهي پيدا ڪرڻ ضروري آهي ون لنڪ جي گڏيل ادائيگي واري نظام ذريعي عورتون هاڻي مخصوص ادائيگي مرڪزن تائين محدود نه رهنديون پر پنهنجي سهولت موجب ملڪ جي ڪنهن به شهر ۾ مجاز ريٽيل ايجنٽ وٽان رقم حاصل ڪري سگهنديون. ان سهولت سان سفر جا خرچ گهٽ ٿيندا ۽ عورتن کي غير ضروري تڪليفن کان ڇوٽڪارو ملندو.

**بقايا 18 روزاني عبرت**

معاهدو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي شنگهائي ۾ هٿاري جي ليانجيو ليڪ آر اينڊ ڊي (تحقيق ۽ ترقي) سينٽر جي اعليٰ سطحي دوري دوران طئي ٿيو جيڪو صوبائي حڪومت جي حڪمت عملي کي رڳو ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان مٿانهين هڪ گهري ۽ تعاون واري شراڪتداري ۾ تبديل ڪري ٿو هن جامع معاهدي ۾ مڪمل اي-گورننس ڊيجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر جو بنيادي ڍانچو، سمارٽ سٽي حل ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ وڏي پيماني تي آءِ سي ٽي مهارتن جي تربيت شامل آهي صحيحون ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد علي شاهه هن اتحاد جي تبديليءَ واري نوعيت تي زور ڏنو هي هڪ اهم تبديلي جي نشاندهي ڪري ٿو يعني ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان وٺي گڏيل منصوبن، مقامي صلاحيتن ۽ اسان جي نوجوانن لاءِ مهارتن ذريعي ان کي گڏجي بڻائڻ تائين هن پنهنجي حڪومت جي اعليٰ سطحي سهڪار جو عزم ظاهر ڪندي چيو ته جيئن هيءَ شراڪتداري شهرين لاءِ واضح نتيجا فراهم ڪري اهو معاهدو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي شنگهائي ۾ هٿاري جي جديد ترين ليانجيو ليڪ آر اينڊ ڊي سينٽر جي اعليٰ سطحي دوري دوران طئي ٿيو جيڪو رڳو ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان مٿانهين هڪ گهري، گڏيل شراڪتداري طرف هڪ فيصلائتي حڪمت عملي واري تبديلي آهي. هن جامع معاهدي ۾ مڪمل اي-گورننس ڊيجيٽلائيزيشن، صوبائي ڪلائوڊ ۽ ڊيٽا سينٽر جو بنيادي ڍانچو، سمارٽ سٽي حل ۽ سنڌ جي نوجوانن لاءِ وڏي پيماني تي آءِ سي ٽي جي مهارتن جي تربيت شامل آهي هن ياداشتنامي تي وڏي وزير جي خاص مددگار سيد قاسم نويد، وڏي وزير مراد علي شاهه ۽ هٿاري پاڪستان جي چيئرمين جي موجودگي ۾ صحيحون ڪيون هي فريم ورڪ آرٽيفيشل انٽيليجنس، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، سمارٽ سٽيز، ڊيجيٽل گورنمينٽ ۽ AI-Native سمارٽ پارڪن ۾ وسيع تعاون جو احاطو ڪري ٿو صحيحون ڪرڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي وڏي وزير مراد شاهه هن اتحاد جي تبديليءَ واري نوعيت تي زور ڏنو هي هڪ اهم تبديلي جي نشاندهي ڪري ٿو ٽيڪنالاجي خريد ڪرڻ کان وٺي گڏيل منصوبن، مقامي صلاحيتن ۽ اسان جي نوجوانن لاءِ مهارتن ذريعي ان کي گڏجي بڻائڻ تائين هن پنهنجي حڪومت جي اعليٰ سطحي سهڪار جو عزم ظاهر ڪيو ته جيئن هيءَ شراڪتداري جنهن جون پاڙون تحقيق ۽ جدت ۾ آهن هٿاري جي زبردست تحقيقي سندن کي خراج تحسين پيش ڪندي، وڏي وزير نوٽ ڪيو ته هڪ اهڙي ڪمپني جيڪا مسلسل پنهنجي آمدني جو پنجون حصو آر اينڊ ڊي تي خرچ ڪري ٿي تنهن "دنيا جي سڀ کان اڳيان وارن ٽيڪنالاجي اڳواڻن" ۾ پنهنجي جڳهه حاصل ڪئي آهي هٿاري جيڪا 1987ع ۾ شينزين ۾ هڪ خانگي ڪمپني طور قائم ڪئي وئي هئي جيڪا مڪمل طور تي ان جي ملازمن جي ملڪيت آهي تنهن 2025ع جي آمدني 880.9 ارب چائنيز يوان ۽ خالص منافعو 68 ارب چائنيز يوان رپورٽ ڪيو آهي مستقبل جي ٽيڪنالاجي لاءِ هڪ جارحاڻي عزم جو مظاهرو ڪندي، ڪمپني صرف 2025ع ۾ آر اينڊ ڊي ۾ 192.3 ارب چائنيز يوان جي سيڙپڪاري ڪئي جيڪا ان جي آمدني جو 21.8 سيڪڙو آهي، ۽ گذريل ڏهاڪي دوران تحقيق تي 1.38 ٽريلين چائنيز يوان کان وڌيڪ خرچ ڪري چڪي آهي پاڪستان ۾ هٿاري جي قيادت سي اي او ايڪن سن ڪري رهيو آهي ۽ اها قومي آءِ سي ٽي جي صلاحيت سازي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي ان ۾ اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل سان گڏ هڪ وڏو اقدام شامل آهي جنهن جي تحت 300,000 نوجوان پاڪستانين کي تربيت ڏني ويندي ان سان گڏ سيپٽمبر 2026ع ۾ اسلام آباد ۾ پاڪستان جي پهرين قومي سطح جي ٽيليڪام سامان جي مرمت واري سينٽر جي شروعات پڻ شامل آهي.

**بقايا 19 روزاني عبرت**

مارڪو روبيو لبنان جي صدر جوزف عون سان ٽيليفون تي رابطو ڪيو ۽ تازي اڳڀرائي جي روشني ۾ لبنان ۽ علائقائي صورتحال جو جائزو ورتو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب لبنان جي صدر ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ چيو آهي ته ان ڳالهه ٻولهه ۾ ڏکڻ پاسي ۾ قائم ڳوٺن ۽ علائقن تي لڳاتار اسرائيلي جارحيت جي روشنيءَ ۾ ڏکڻ جي صورتحال تي به ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي بيان ۾ اشارو ڪيو ويو ته لبنان جي صدر جوزف عون مارڪو روبيو کان انهن جارحاڻين ڪارروائين کي روڪڻ لاءِ اسرائيل تي دٻاءُ وجهڻ ۽ فريم ورڪ معاهدي جي نقطن جي پابندي ڪرڻ ۽ هارين کي پنهنجي ٻنين تائين پهچڻ جي قابل بڻائڻ ۽ انهن کي نقصان نه پهچائڻ جو مطالبو ڪيو ويو.

**بقايا 20 روزاني عبرت**

ڪئي آهي حملن ۾ شهري هوائي اڏن ۽ توانائي جي بنيادي ڍانچي کي نشانو بڻايو ويو پرڏيهي ميڊيا موجب ڪائونسل جي ميمبر ملڪن ڳاڙهي سمنڊ ۽ اڀرندي باب المندب ۾ واپاري جهازن خلاف حوثين جي لڳاتار حملن ۽ ڌمڪين جي به مذمت ڪئي. سلامتي ڪائونسل پاران جاري بيان ۾ واپاري جهازن ۽ انهن جي عملي جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ويو بيان ۾ عالمي قانون، گڏيل قومن جي چارٽر، سامونڊي قانون جي ڪنوينشن جي پابندي ۽ جهاز راني جي حق ۽ آزادين جي تحفظ جي ضرورت تي به تاڪيد ڪئي وئي سلامتي ڪائونسل جي ميمبرن پنهنجي بيان ۾ چيو ته يمن ۾ پائيدار امن تشدد، جبر يا طاقت جي استعمال ذريعي حاصل نٿو ڪري سگهجي سلامتي ڪائونسل جي ميمبر ملڪن يمن مسئلي جي سياسي حل جي حمايت جو ورجاءُ ڪندي چيو ته ان تڪرار جو مستقل حل ڳالهيون ۽ سياسي عمل ذريعي ئي ممڪن آهي. سلامتي ڪائونسل جي 5 مستقل ميمبرن آمريڪا، روس، چين، برطانيا ۽ فرانس آهن جڏهن ته غير مستقل ميمبرن ۾ پاڪستان، ڊينمارڪ، يونان، پاناما، صوماليا، بحرين، ڪولمبيا، ڪانگو، ليٽويا ۽ لائيبيريا شامل آهن.

**بقايا 21 روزاني عبرت**

وزارت ۾ هفتيوار ميڊيا بريفنگ دوران پرڏيهي وزارت جي ترجمان سفير سجاد حيدر خان چيو ته پاڪستان کي سعودي عرب تي جاري حملن تي گهري ڳڻتي آهي ۽ حوثي مليشيا جي تازي دهشتگرد حملي جي سخت مذمت ڪري ٿو هن سوڳوار خاندانن سان تعزيت ۽ زخمين سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو هن چيو ته شهري آباديءَ ۽ اهم انفراسٽرڪچر تي حملا ناقابل قبول آهن جيڪي علائقائي امن ۽ سلامتي جي لاءِ سنگين خطرو آهن ترجمان چيو ته 11 آڪٽوبر تي پاڪستان، سعودي عرب، مصر ۽ ترڪيه سان آر — 4 گروپ جي فريم ورڪ تحت گڏيل بيان ۾ حوثي حملن جي مذمت ڪئي ۽ سعودي عرب سان يڪجهتي جو اظهار ڪيو ان جي علائقي ۽ آبادي جي تحفظ جي لاءِ جائز قدمن جي حمايت ڪئي جڏهن ته حملن جي فوري ۽ غيرمشروط خاتمي جو مطالبو ڪيو هن چيو ته رياض ايئرپورٽ تي حملي ۾ هڪ پاڪستاني شهري فوت ۽ ٻيا زخمي ٿيا هن وڌيڪ چيو ته گذريل هفتي يمن ۾ هڪ پاڪستاني ڊرائيور مارجي ويو هن چيو ته پاڪستان مڪه گڏيل دفاعي معاهدي جو ميمبر آهي ۽ مڪمل طور تي ان معاهدي ۾ شامل آهي هو معاهدي تحت پنهنجون ذميواريون پوريون ڪندو سعودي عرب کي پنهنجي خودمختياري جو دفاع ڪرڻ جو حق حاصل آهي هن چيو ته پاڪستان کي ان معاهدي تي سعودي عرب ۽ ترڪيه سان مڪمل اتفاق آهي معاهدي تحت امڪاني فوجي ردعمل بابت سوال تي ترجمان چيو ته اهڙا معاملا سيڪيورٽي ادارن جي دائري ۾ اچن ٿا يمن جي حوالي سان هن چيو ته پاڪستان جو موقف مستقل ۽ واضح آهي تڪرار رڳو ڳالهه ٻولهه ذريعي ئي حل ٿي سگهي ٿو پاڪستان چاهي ٿو ته علائقائي تڪرار پرامن طريقي سان حل ٿين فلسطين مسئلي تي ترجمان چيو ته پاڪستان 18 ٻين ملڪن جي پرڏيهي وزيرن سان گڏجي والاريل بيت المقدس ۾ ڪولمبيا جي سفارتخاني جي افتتاح جي مذمت ڪئي هن چيو ته اهو قدم گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن جي خلاف آهي ۽ ٻه رياستي حل جي لاءِ نقصانڪار آهي هن چيو ته پاڪستان فلسطيني عوام جي لاءِ 1967ع جي سرحدن تي ٻڌل هڪ آزاد فلسطيني رياست جي حمايت جاري رکندو پاڪستان فلسطينين جي وطن واپسي ۾ ايندڙ رڪاوٽن جي پڻ مذمت ڪئي ۽ انهن جي فتح نه ٿيڻ جوڳي خودمختياري جي حق جي حمايت ڪئي ٻطرفي لاڳاپن جي حوالي سان ترجمان چيو ته عماني پرڏيهي وزير سيد بدر بن حمد بن حمود البوسعيدي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي دعوت تي 13 کان 14 آڪٽوبر تائين پاڪستان جو دورو ڪيو هن پاڪستان — عمان گڏيل وزارتي ڪميشن جي اٺين اجلاس جي گڏيل صدارت ڪئي ۽ واپار، سيڙپڪاري، توانائي، سامونڊي رابطن، انفارميشن ٽيڪنالاجي، افرادي قوت جي چرپر ۽ ٻين شعبن ۾ تعاون کي وڌائڻ تي اتفاق ڪيو هن وڌيڪ چيو ته 5 معاهدن ۽ مفاهمتي ياداشتن تي صحيحون ڪيون ويون ڪميشن جي ڪاررواين جي رڪارڊ ڪندڙ پروٽوڪول تي پڻ صحيحون ڪيون ويون هن چيو ته نائب وزيراعظم 14 آڪٽوبر تي پرڏيهي وزارت ۾ روسي گهرو وزير ولاديمير ڪولوڪولتسيف سان ملاقات ڪئي، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي ۽ گهرو معاملن وارو مملڪتي وزير طلال چوڌري پڻ ان موقعي تي موجود هئا ٻنهي ڌرين ٻطرفي لاڳاپن جي رخ جو جائزو ورتو واپار، سيڙپڪاري، ثقافت، سياحت ۽ عوامي معاملا ۾ تعاون تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ۽ گهڻ رخي فورمن بشمول شنگهائي تعاون تنظيم ۾ هم آهنگي جاري رکڻ تي زور ڏنو هن چيو ته 10 آڪٽوبر تي نائب وزيراعظم مالديپ جي پرڏيهي وزير سان ٽيليفون تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ مالديپ جي صدر جي پاڪستان جي ايندڙ دوري جي تيارين تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ٻنهي ڌرين "بامعنيٰ ۽ نتيجاخيز دوري" کي يقيني بڻائڻ جي لاءِ ويجهي هم آهنگي برقرار رکڻ تي اتفاق ڪيو هن چيو ته 15 آڪٽوبر تي نائب وزيراعظم مصري پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي ۽ ترڪ پرڏيهي وزير هاڪان فيدان سان جدا جدا ٽيليفونڪ ڳالهه ٻولهه ڪئي مصري پرڏيهي وزير سان ڳالهه ٻولهه ۾ هن ڳالهين ۽ سفارتڪاري تي زور ڏنو ۽ ڇڪتاڻ گهٽ ڪرڻ جي ڪوشش جي حمايت جي تصديق ڪئي هن ترڪ پرڏيهي وزير سان غزه ۽ فلسطين سان گڏوگڏ عراق ۽ ٿيندڙ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس جي ايجنڊا ۽ حڪمت عملي تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ترجمان چيو ته پاڪستان ڀارتي دفاع واري وزير جي اشتعال انگيز بيان کي سختي سان رد ڪري ٿو هن چيو ته پاڪستان پنهنجي علائقائي خودمختياري ۽ سالميت جو دفاع ڪرڻ ۽ ڪنهن به جارحيت جو مناسب جواب ڏيڻ جي لاءِ تيار آهي هن چيو ته گذريل سال ڀارتي فوجي اشتعال انگيزي جو موثر جواب ڏنو ويو ۽ چيو ته پاڪستان ڪنهن به جارحيت جي صورت ۾ پنهنجي سلامتي جو مڪمل دفاع ڪندو ترجمان چيو ته ڀارت جو 5 آگسٽ 2019ع تي ڀارتي والاريل ڪشمير ۾ قدم غيرقانوني ۽ هڪطرفو هو جمون ۽ ڪشمير گڏيل قومن ۾ تڪراري معاملو آهي ۽ ان جو مستقبل گڏيل قومن جي قراردادن ۽ ڪشميري عوام جي خواهشن موجب طئي ڪيو ويندو هن والاريل علائقي ۾ ڀارتي انساني حقن جي خلاف ورزين تي ڳڻتي جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف اهو مسئلو هر فورم تي اٿاريو آهي هن چيو ته ڪشميرين کي جمعي جي نماز پڙهڻ کان پڻ روڪيو ويو آهي هن ڀارت کان مطالبو ڪيو ته هو اهڙين خلاف ورزين کان پاسو ڪري. ترجمان چيو ته نائب وزيراعظم 12 آڪٽوبر تي اسلام آباد جي انسٽيٽيوٽ آف اسٽريٽجڪ اسٽڊيز پاران منعقد دهشتگردي جي خاتمي، ڪي پي پي، سرحد پار خطرن ۽ علائقائي سلامتي تي هڪ عالمي ڪانفرنس کي خطاب ڪيو هن وڌيڪ چيو ته نائب وزيراعظم پاڪستان جي هر قسم جي دهشتگردي جي خلاف جنگ جي عزم جي تصديق ڪئي ۽ افغان عملدارن کان مطالبو ڪيو ته اهي افغان سرزمين تان ڪم ڪندڙ دهشتگرد عنصرن جي خلاف "ٺوس، تصديق جوڳي ۽ ناقابل واپسي ڪارروائي" ڪن هن ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد گروپن کان خطري کي پڻ اجاگر ڪيو جن ۾ افغانستان مان ڪم ڪندڙ گروهه به شامل آهن هن پاڪستان جي دهشتگردي جي خاتمي جي قدمن جو خاڪو پيش ڪيو جن ۾ نيشنل ايڪشن پلان، آپريشن عزم استقلال ۽ بهتر انٽيلي جنس ڪوآرڊينيشن شامل آهن هن هٿيارٻند فوج ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کي خراج تحسين پيش ڪيو ميڊيا جي سوالن جي جواب ۾ ترجمان چيو ته پاڪستان خاص طور تي بلوچستان ۽ خيبرپختونخواهه ۾ دهشتگرد حملا افغان سرزمين تان ڪيا وڃن ٿا ۽ ڀارتي پراڪسيز ان ۾ ملوث آهن هن چيو ته پاڪستان کي دهشتگردي جو وڏو چئلينج درپيش آهي ۽ هو ان مسئلي تي عالمي برادري، دوست ملڪن ۽ گهڻ رخي فورمز سان رابطي ۾ آهي هن چيو ته پاڪستان چاهي ٿو ته افغان علائقي کي ان جي خلاف استعمال نه ڪيو وڃي پر ڪابل ان جي ضمانت ڏيڻ جي لاءِ تيار نه آهي. پاڪستان جو واحد مطالبو اهو آهي ته افغان سرزمين تان پاڪستان مخالف سرگرميون قابل تصديق طور تي روڪيون وڃن. افغانستان سان ڳالهه ٻولهه غيرمشروط نه ٿي سگهي پاڪستان افغانستان ۾ سلامتي ۽ استحڪام چاهي ٿو هن چيو ته پاڪستان افغانستان بابت دوست ملڪن جي ڪنهن به مثبت ڪوشش جي آجيان ڪندو پاڪستان جو افغانستان جي لاءِ خصوصي نمائندو تازو ماسڪو ۾ هو ۽ پاڪستان روس سان افغانستان ۽ علائقائي سلامتي تي رابطن کي اهميت ڏئي ٿو پر روسي ثالثي جي ڪنهن رسمي ڪوشش کان آگاهه نه آهي ايران جي خلاف الزامن تي ترجمان چيو ته پاڪستان رڳو الزامن تي تبصرو نه ٿو ڪري سگهي هن چيو ته ايران اسان جو پاڙيسري ملڪ آهي ۽ ان جي قيادت اسلام آباد مفاهمتي ياداشت جي حوالي سان پاڪستان جي ڪردار کي ساراهيو آهي ۽ پاڪستان جي ڪوششن تي ٿورا ادا ڪيا آهن. هن چيو ته 13 آڪٽوبر تي نائب وزيراعظم اسلام آباد ۾ گهرو معاملن ۽ هجرت بابت يورپي ڪمشنر ميگنس برونر سان ملاقات ڪئي ٻنهي ڌرين پاڪستان – يورپي يونين اسٽريٽجڪ رابطن جي منصوبي تحت هجرت ۽ چرپر تي تعاون کي وڌائڻ تي ڳالهه ٻولهه ڪئي نائب وزيراعظم پاڪستان جي غيرقانوني هجرت، پناهگيرن جي اسمگلنگ ۽ انساني اسمگلنگ جي خلاف ڪوشش کي اجاگر ڪيو ۽ چيو ته ان سان گڏوگڏ پاڪستاني هنرمند مزدورن ۽ پيشيور ماڻهن جي لاءِ قانوني هجرت جا وڌيڪ موقعا هجڻ گهرجن ڪمشنر پاڪستان جي اڳڀرائي کي ساراهيو ۽ قانوني رستن کي سگهه ڏيڻ جي صلاحيت کي تسليم ڪيو ترجمان چيو ته پاڪستان جي قدمن سان يورپ ۾ غيرقانوني هجرت ۾ 64 سيڪڙو گهٽتائي آئي آهي هن وڌيڪ چيو ته انساني اسمگلنگ جي خلاف ڪيترائي ادارجاتي قدم کنيا ويا آهن ۽ پاڪستان يورپي يونين سان پنهنجي حصيداري کي مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پُرعزم آهي.

**بقايا 22 روزاني عبرت**

ماليات فنڊ جي بورڊ آف گورنرز جو چيئرمين نامزد ڪيو ويو آهي هي اعلان بئنڪاڪ ۾ عالمي بئنڪ گروپ ۽ آءِ ايم ايف جي 2026ع جي ساليانو اجلاسن جي پلينري سيشن ۾ ڪيو ويو اقتصادي معاملن واري وزارت موجب پاڪستان 1953ع کان ٻهرين پيرو ان اهم عهدي تي فائز ٿيندو جيڪو ملڪ لاءِ هڪ تاريخي سنگ ميل آهي ان سربراهي سان پاڪستان کي عالمي اقتصادي ۽ ترقياتي معاملن تي بحث ۾ موثر ڪردار ادا ڪرڻ ۽ گهڻ رخي نظام جي اهم مرحلي تي ميمبر ملڪن وچ ۾ تعميري ڳالهين کي هٿي ڏيڻ جو موقعو ملندو. پلينري سيشن ڪانئون احد خان چيمه کي عالمي بئنڪ گروپ جي ڪارپوريٽ سيڪريٽري چيئرمين جي ذميوارين جي حوالي سان بريفنگ ڏني هن ورلڊ بئنڪ جي نائب صدر ۽ ڪارپوريٽ سيڪريٽري اراڌانا ڪمار ڪيور سان به ملاقات ڪئي جنهن ۾ پاڪستان جي سربراهي واري مدي دوران اداره جاتي مدد ۽ رابطڪاري جي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. احد خان چيمه بيراگوئي جي مرڪزي بئنڪ جي گورنر ۽ بورڊز آف گورنرز جي عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين ڪارلوس ڪارواليو اسپالبڊنگ سان به ملاقات ڪئي هن ڪيس ڪاميابي سان عهدي جو مدو مڪمل ڪرڻ تي مبارڪون ڏنيون ۽ سندس قيادت جي ساراهيو ملاقات ۾ چيئرمين جي عهدي جي ذميوارين ۽ اينڊڙ سال جي ترجيحن تي خيالن جي ڏي ٿ ڪئي وئي جڏهن ته عهدو ڇڏيندڙ چيئرمين جي تجربي ۽ بصيرت مان به فائدو ڪنيو ويو ان موقعي تي احد خان چيمه اسرنڊڙ ملڪن جو آواز موثر بڻائڻ ترقياتي مالي وسيلن کي اثرائتو بڻائڻ کي يقيني بڻائڻ، گهڻ رخي ترقياتي ادارن وچ ۾ رابطڪاري بهتر بڻائڻ ۽ پائيدار ۽ جامع ترقي لاءِ نجي سيڙپڪاري کي متحرڪ ڪرڻ جي پاڪستان جي عزم کي اجاگر ڪيو هن عزم جو ورجاءُ ڪيو ته پاڪستان تعميري ڳالهين کي هٿي ڏيڻ ۽ وڌيڪ موثر گهڻ رخي ترقياتي مالياتي نظام جي جوڙجڪ لاءِ عالمي بئنڪ گروپ، آءِ ايم ايف ۽ ميمبر ملڪن سان گڏجي ڪم ڪندو.

**بقايا 23 روزاني عبرت**

شهباز شريف استنبول ۾ شديد ٻوڏ سبب قيمتي جانين جي زيان ۽ تباهي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ وزيراعظم چيو ته اُنهن استنبول ۾ شديد ٻوڏ جي ڪري قيمتي جانين جي زيان ۽ تباهي تي گهري ڏک جو اظهار ڪيو آهي وزيراعظم چيو ته آئون پنهنجي پياري ڀاءُ صدر رجب طيب اردوان ۽ سوڳوار خاندانن سان دلي تعزيت ڪريان ٿو وزيراعظم زخمين جي جلد صحتيابي ۽ گم ٿي ويل ماڻهن جي حفاظت سان بازيابي جي لاءِ پڻ دعا ڪئي وزيراعظم چيو ته پاڪستان پنهنجي پياري ملڪ ترڪيه جي عوام سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ هن مشڪل وقت ۾ هر ممڪن مدد فراهم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي.

**بقايا 24 روزاني عبرت**

پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ترڪيه ۾ شديد برسات جي ڪري ٻوڏ سبب قيمتي جانين جي زيان ۽ تباهي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪيو آهي سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي پنهنجي پوسٽ ۾ هن چيو ته ترڪيه ۾ شديد برسات ۽ ٻوڏ جي ڪري قيمتي انساني جانين جي زيان ۽ تباهي تي کيس دلي افسوس آهي اسحاق ڊار چيو ته پاڪستان هن مشڪل وقت ۾ پيار ملڪ ترڪيه جي عوام ۽ قيادت سان يڪجهتي جو اظهار ڪري ٿو ۽ هر ممڪن امداد فراهم ڪرڻ جي لاءِ تيار آهي نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير فوت ٿيندڙن جي گهرڀاتين سان دلي تعزيت جو اظهار ڪيو ۽ زخمين جي جلد صحتيابي لاءِ دعا ڪئي.

**بقايا 25 روزاني عبرت**

ڪارروائي ڪئي ويندي پرڏيهي معاملن واري وزارت پاران جمعي ڏينهن جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ کاڌي پيتي جي ضروري شين جي ذخيرن، قيمتن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪابينا ڪميٽي جو اجلاس منعقد ٿيو اجلاس ۾ قومي خوراڪ جي تحفظ ۽ تحقيق واري وفاقي وزير، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير، وزيراعظم جي خاص مددگار طارق باجوه، واپار واري وزارت جي سيڪريٽري ۽ لاڳاپيل وفاقي ۽ صوبائي وزارتن ۽ کاتن جي سينئر نمائندن شرڪت ڪئي ڪميٽي ضرورت جي شين جي ذخيرن جي صورتحال، فراهمي جي انتظام ۽ قيمتن جو جائزو ورتو نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي ٻڌايو ويو ته ملڪي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ کاڌي پيتي جي شين جا وڏا ذخيرا موجود آهن. کوٽ جو ڪوبه خدشو نه آهي ۽ قيمتون مستحڪم ٿي رهيون آهن نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير وزيراعظم جي هدايتن موجب ملڪي صارفين کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ لاڳاپيل اختيارين کي سپلائي چين ۽ ضرورت جي شين جي قيمتن جي مسلسل نگراني جي هدايت ڪئي هن چيو ته ضرورت جي شين جي ذخيره اندوزي، هڙتال ۽ کوٽ پيدا ڪندڙن ۽ وڌيڪ قيمتون وصول ڪندڙن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي.

**بقايا 26 روزاني عبرت**

ٿين جنهن ۾ يونيورسٽين جي مجموعي ڪارڪردگي، مالي ۽ انتظامي مسئلن، تعليمي معيار، تحقيق، بنيادي ڍانچي ۽ شاگردن کي فراهم ڪيل سهولتن جو جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ صوبي جي 32 سرڪاري يونيورسٽين جي وائيس چانسلرن، سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرمين، يونيورسٽيز اينڊ بورڊز جي سيڪريٽري ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس دوران يونيورسٽين کي درپيش مالي ڏکيائن، تدريسي عملي ۽ انساني وسيلن جي مسئلن، ڪيمپس جي بنيادي ڍانچي ۽ ترقياتي منصوبن، انتظامي معاملن، شاگردن جي ڀلائي، اسڪالرشپن، ٽرانسپورٽ ۽ رهائش، ڊيجيٽلائيزيشن، بجليءَ جي خرچن، پينشن ۽ پگهارن جي رهيل واجبات سميت ڪيمپس جي مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ وائيس چانسلرن پنهنجي پنهنجي يونيورسٽين کي درپيش مسئلن، ضرورتن ۽ ترجيحن بابت سنڌ جي چيف سيڪريٽري کي آگاهه ڪيو ۽ تعليمي معيار، تحقيق، بنيادي ڍانچي ۽ شاگردن کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون سنڌ جي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه چيو ته سنڌ حڪومت کي سرڪاري يونيورسٽين کي درپيش مسئلن جو ڀرپور ادراڪ آهي ۽ حڪومت وائيس چانسلرن سان گڏجي انهن مسئلن جي عملي حل لاءِ قدم کڻڻ چاهي ٿي هن چيو ته هو ڪافي عرصي کان وائيس چانسلرن سان گڏجاڻي ڪرڻ چاهي پيو هن وڌيڪ چيو ته مهراڻ يونيورسٽي ۽ ٻين يونيورسٽين جي دوري دوران اتي ٿيندڙ ڪم ڏسي کيس خوشي ٿي چيف سيڪريٽري وائيس چانسلرن جي ڪوشش کي ساراهيندي چيو ته حڪومت يونيورسٽين جي مسئلن کان واقف آهي ۽ انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل ادارن سان گڏجي ڪم ڪندي هن ٻڌايو ته هلندڙ مالي سال دوران سنڌ حڪومت طرفان صوبي جي يونيورسٽين کي 44,460 ملين روپين جي گرانٽ فراهم ڪئي پئي وڃي سنڌ جي چيف سيڪريٽري چيو ته يونيورسٽين لاءِ پينشن جا رهيل واجبات هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪا آهن هن مالي بار گهٽائڻ لاءِ غير ضروري ڀرتين، خاص طور تي غير تدريسي شعبن ۾ ڀرتين جي حوصلا شڪني ڪرڻ تي زور ڏنو هن چيو ته يونيورسٽين جي سنڊيڪيٽن بابت سفارشون صوبائي ڪابينا جي اجلاس ۾ پيش ڪيون وينديون. سندس چوڻ هو ته يونيورسٽي سنڊيڪيٽن ۾ تعليم ۽ اعليٰ تعليم جي شعبي سان لاڳاپيل ماڻهن کي شامل ڪرڻ تي پڻ غور ڪيو ويندو آصف حيدر شاهه چيو ته يونيورسٽين جي ترقي لاءِ انهن جي اڳوڻن شاگردن يعني ايلومنائي کي پڻ اثرائتي انداز ۾ شامل ڪيو وڃي هن چيو ته يونيورسٽيون تحقيق تي ڌيان ڏئي رهيون آهن، پر يونيورسٽين جي تحقيق جي مناسب تصديق ۽ منظوري سان گڏ ان کي صنعتي شعبي سان ڳنڍڻ جي ضرورت آهي.

# ڪراچي ۾ مختلف واقعن دوران هڪ عورت سميت 3 ماڻهو فوت

## ملير هالٽ ويجهو ريلوي ٽريڪ تي هڪ مرد ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت

## ڪلفٽون مسجد ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ عورت فوت ٿي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ پيش آيل مختلف واقعن دوران هڪ عورت سميت 3 ماڻهو فوت ٿي ويا ماڙيپور روڊ تي هڪ عورت ٽريلر جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي وئي جڏهن ته ملير هالٽ ويجهو ريلوي ٽريڪ تي هڪ مرد ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويو چيپا جي عملدارن موجب ماڙيپور روڊ تي ڪلري ٿاڻي جي حد ۾ ڪلفٽون مسجد ويجهو ٽريلر جي ٽڪر ۾ فوت ٿيندڙ عورت جي سڃاڻپ 35 سالن جي اقرا زال عمران جي نالي سان ٿي آهي. سندس لاش ايمبولينس ذريعي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪلري ٿاڻي جي هيڊ محرر فريد ٻڌايو ته اها عورت ڪينٽ اسٽيشن واري علائقي جي رهواسي ٻڌائي وڃي ٿي پوليس ٽريلر کي پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ورتو آهي. جڏهن ته واقعي بابت وڌيڪ جاچ جاري آهي. ٻئي طرف ملير هالٽ ويجهو ريلوي ٽريڪ تي 24 سالن جو هڪ نوجوان ٽرين جي ٽڪر لڳڻ سبب فوت ٿي ويو چيپا جي عملدارن موجب لاش ايمبولينس ذريعي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو پر فوت ٿيل شخص جي سڃاڻپ اڃا تائين نه ٿي سگهي آهي. ڪراچي ريلوي پوليس جي ترجمان جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ ڪئي پئي وڃي. ڪراچي ۾ شهيد ملت روڊ تي هل پارڪ جي ويجهو هڪ ڪار، رڪشا ۽ موٽرسائيڪل جي ٽڪر جي نتيجي ۾ رڪشا ڊرائيور فوت ٿي ويو جڏهن ته موٽرسائيڪل سوار سخت زخمي ٿي پيو چيپا جي عملدارن موجب حادثي جي اطلاع ملڻ تي امدادي ٽيمون واقعي واري هنڌ پهچي ويون فوت ٿيل رڪشا ڊرائيور جي لاش ۽ زخمي شخص کي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويو عملدارن ٻڌايو ته زخمي موٽرسائيڪل سوار جي سڃاڻپ فرقان جي نالي سان ٿي آهي جڏهن ته فوت ٿيل رڪشا ڊرائيور جي سڃاڻپ جو عمل جاري آهي.

# لائنز ايريا ۾ واقع غير فعال پارڪنگ پلازا کي بهتر فعال ڪرڻ جو فيصلو

## مؤثر رٿابندي ذريعي ان کي مقامي رهواسين ۽ واپارين لاءِ فائديمند بڻائي سگهجي ٿو

## پارڪنگ پلازا ۾ 159 کان وڌيڪ دڪان ۽ 120 کان وڌيڪ آفيسون موجود آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جي ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري، لائنز ايريا ۾ واقع غير فعال پارڪنگ پلازا کي بهتر فعال ڪرڻ ۽ ان جي بهترين استعمال کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهم قدم کنيا آهن هن اقدام جو مقصد ڊگهي عرصي کان بند پيل منصوبي کي بحال ڪرڻ، علائقي ۾ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ڏيڻ، عوام کي بهتر سهولتون فراهم ڪرڻ ۽ اداري لاءِ آمدني جا پائيدار ذريعا پيدا ڪرڻ آهي ان موقعي تي ڳالهائيندي، ڪي ڊي اي جي ڊائريڪٽر جنرل زين العابدين انصاري چيو ته لائنز ايريا پارڪنگ پلازا هڪ اهم منصوبو آهي. مؤثر رٿابندي ۽ انتظامي قدمن ذريعي ان کي مقامي رهواسين ۽ واپارين لاءِ فائديمند بڻائي سگهجي ٿو جڏهن ته اهو ڪي ڊي اي جي مالي بهتري ۾ پڻ نمايان ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو ان سلسلي ۾، ميمبر (فنانس) نويد انور صديقي ۽ لائنز ايريا ريسلمنٽ پروجيڪٽ جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر محمد عمر فاروق، مختلف تجويزون پيش ڪيون تجويز ڪيل سمورا قدم مقرر ڪيل قاعدن ۽ ضابطن مطابق، منظوري لاءِ "لائنز ايريا ريسلمنٽ پروجيڪٽ بورڊ" آڏو پيش ڪيا ويندا، جنهن کان پوءِ منظور ٿيل منصوبي جي بنياد تي عملي طور تي ڪم شروع ڪيو ويندو هن وڌيڪ ٻڌايو ته پارڪنگ پلازا ۾ 159 کان وڌيڪ دڪان ۽ 120 کان وڌيڪ آفيسون موجود آهن جن کي هڪ مؤثر انتظامي حڪمت عملي ذريعي استعمال ۾ آڻي آمدني جا نوان ذريعا پيدا ڪري سگهجن ٿا ان حوالي سان لاڳاپيل دڪانن ۽ آفيسن جي استعمال، دستيابي ۽ مستقبل ۾ آمدني پيدا ڪرڻ جي صلاحيت جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو معاملو لاڳاپيل بورڊ آڏو پيش ڪيو ويندو ان جو مقصد اهو يقيني بڻائڻ آهي ته قانوني گهرجن ۽ مقرر طريقيڪار جي پاسداري ڪندي، انهن اثاثن کي مڪمل صلاحيت سان استعمال ۾ آندو وڃي بريفنگ دوران لائنز ايريا ريسلمنٽ پروجيڪٽ جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر محمد عمر فاروق، ڊائريڪٽر جنرل کي آگاهه ڪيو ته پارڪنگ پلازا ۾ موجود سرڪاري ملڪيتن جي نيلامي لاءِ اڳ ۾ ڪيل به ڪوششون گهربل نتيجا ڏيڻ ۾ ناڪام رهيون هيون نتيجي طور اهي دڪان ۽ آفيسون هاڻي خسته حالي جو شڪار ٿي چڪيون آهن هاڻي هن منصوبي لاءِ آمدني جا نوان ذريعا پيدا ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ان سلسلي ۾ ڪجهه ماڻهن ۽ ادارن اڳ ۾ ئي انهن سرڪاري ملڪيتن ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي آهي. ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي (ڪي ڊي اي) جي ڊي جي ايل اي آر پي ٽيم کي هدايت ڪئي ته منصوبي جي آمدني کي وڌائڻ ۾ مدد لاءِ جلد کان جلد قابل عمل تجويزون پيش ڪيون وڃن ڪي ڊي اي جي ڊي جي زين العابدين انصاري جي مطابق، پارڪنگ پلازا کي مڪمل طور تي فعال ڪرڻ سان علائقي ۾ تجارتي سرگرمين کي فروغ ڏئي سگهجي ٿو روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي سگهن ٿا ۽ گاڏين جي پارڪنگ جي بهتر انتظام ذريعي ٽريفڪ جي رش کي گهٽائي سگهجي ٿو ان کان علاوه اهي نوان آمدني جا ذريعا لائنز ايريا ري سيٽلمينٽ پروجيڪٽ کي درپيش ڪجهه انتظامي ۽ مالي چئلينجن کي حل ڪرڻ ۾ پڻ مدد ڪري سگهن ٿا، جن ۾ پگهارن جي ادائيگي سان لاڳاپيل مسئلا شامل آهن.

# ناقص معاشي پاليسين نوجوانن کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪيو آهي: حليم عادل

## 18 لک 71 هزار کان وڌيڪ نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ پرڏيهه وڃي چڪا آهن

## نوجوانن کي ڊگريون ته ملن ٿيون پر کين پنهنجي قابليت ۽ تعليم مطابق روزگار نٿو ملي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف سنڌ جي صدر حليم عادل شيخ چيو آهي ته نااهل حڪمرانن جي ناقص معاشي پاليسين نوجوانن کي ملڪ ڇڏڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي 2024ع کان 2026ع تائين 18 لک 71 هزار کان وڌيڪ نوجوان روزگار جي ڳولا ۾ پرڏيهه وڃي چڪا آهن. جيڪو ملڪ ۾ روزگار جي موقعن جي کوٽ ۽ حڪومتي پاليسين جي ناڪاميءَ تي سواليه نشان آهي. حليم عادل شيخ چيو ته گذريل ڪن سالن دوران حڪمران نوجوانن لاءِ روزگار جا اثرائتا موقعا پيدا ڪرڻ ۽ سندن مستقبل محفوظ بڻائڻ لاءِ ڪا به جامع پاليسي متعارف ڪرائي نه سگهيا آهن. نوجوانن کي ڊگريون ته ملن ٿيون، پر کين پنهنجي قابليت ۽ تعليم مطابق روزگار نٿو ملي جنهن سبب اعليٰ تعليم يافته نوجوان پنهنجو مستقبل پرڏيهه ۾ ڳولڻ تي مجبور آهن هن چيو ته ڊاڪٽرن، انجنيئرن ۽ انفارميشن ٽيڪنالاجي (آءِ ٽي) جي ماهرن سميت ملڪ جو قيمتي انساني سرمايو پرڏيهه منتقل ٿي رهيو آهي اها صورتحال پاڪستان جي معيشت ۽ مستقبل لاءِ ڳڻتيءَ جوڳي آهي جيڪڏهن ملڪ جا باصلاحيت ۽ تعليم يافته نوجوان ئي پاڪستان ۾ پنهنجو مستقبل محفوظ نٿا سمجهن ته پوءِ ملڪ جي ترقيءَ جو خواب ڪيئن پورو ٿيندو؟

**بقايا 27 روزاني عبرت**

جو مطالبو ڪندي ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو آهي. جمعي ڏينهن پنهنجي جاري ڪيل بيان ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن کي ياد ڪندي هن چيو آهي ته 18 آڪٽوبر ڪارساز سانحو ۽ 27 ڊسمبر لياقت باغ سانحي کي هڪ ئي سازش جون ڪڙيون سمجهون ٿا جن سانحن ۾ عوام جي آواز ۽ جمهوريت جو گلو دٻائڻ لاءِ جمهوري ليڊر شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي نشانو بڻايو ويو هن چيو ته 18 آڪٽوبر ڪارساز واري هنڌ تي جنهن ٽرڪ تي شهيد بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽيءَ جا اڳواڻ موجود هئا ته ان ٽرڪ جي اڳيان شاهراهه فيصل جي اسٽريٽ لائيٽس کي بند ڪيو ويو ۽ جتان جتان اها ٽرڪ گذري رهي هئي ته ٽرڪ جي پويان واري هنڌن تي لائيٽن کي ٻاريو ويو ۽ سيڪيورٽي خدشن جي باوجود شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي اها سيڪيورٽي فراهم نه ڪئي وئي هئي ان ڪري ان وقت جي گهرو کاتي جي صلاحڪار وسيم اختر کي جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي هن وڌيڪ چيو ته شهيد بينظير ڀٽو جي وطن واپسيءَ لاءِ استقبالي ريلي رات 12 وڳي کان اڳ ختم ٿيڻ جي دعويٰ ان وقت جي وڏي وزير ارباب غلام رحيم ڪهڙي بنياد تي ڪئي هئي؟ ان ڪري اڳوڻي وڏي وزير ارباب غلام رحيم کي پڻ ڪارساز سانحي جي جاچ ۾ شامل ڪيو وڃي. هن چيو ته ڪارساز واري هنڌ تي هڪ ٻئي پٺيان ٻه ڌماڪا ڪيا ويا جنهن ۾ 200 جانثار ۽ ڪارڪن شهيد ٿيا جڏهن ته 500 جي لڳ ڀڳ ڪارڪن زخمي ٿيا پر ايڏي وڏي سانحي جي باوجود شهيد بينظير ڀٽو همت نه هاري هن وڌيڪ چيو ته اها پڻ جاچ ٿيڻ گهرجي ته ڪارساز واري هنڌ تان شاهراهه فيصل جون لائيٽون ڪنهن جي چوڻ تي بند ڪيون ويون ۽ حادثي واري هنڌ کي ڪنهن جي چوڻ تي ڌوئي فرانزڪ شاهديون مٽايون ويون؟ هن چيو ته 18 آڪٽوبر تي ڪارساز جي شهيدن جي 19 هين ورسي سنڌ جي سڀني ضلعن ۾ عقيدت ۽ احترام سان ملهائي ويندي ۽ پيپلز پارٽي پاران هر ضلعي ۾ ڪارساز سانحي جي شهيدن جي ايصال ثواب لاءِ قرآن خواني ۽ دعائيه تقريبون منعقد ڪيون وينديون.

**بقايا 28 روزاني عبرت**

چين جي پرڏيهي وزير جاري ڪيل بيان ۾ چيو آهي ته چين جي پرڏيهي وزير فلسطينين لاءِ چين جي حمايت جو اظهار ڪيو ۽ ان ڳالهه جي تصديق ڪئي آهي ته چين فلسطين معاملي جو دفاع جاري رکندو وانگ يي آزربائيجان جي گادي واري هنڌ باڪو ۾ پنهنجي فلسطيني همنصب سان ملاقات ۾ چيو ته فلسطين جي معاملي کي نظرانداز نه ڪرڻ گهرجي وانگ يي سمورن امن پسند ملڪن تي زور ڀريو ته هو ٻه رياستي حل جي حمايت ڪن.

**بقايا 29 روزاني عبرت**

ڊاڪٽر ماهه رنگ بلوچ، بيبو بلوچ ۽ بيبرگ بلوچ جي دهشتگردي جي روڪٿام واري عدالت (اي ٽي سي) جي ڪيس ۾ ضمانت جون درخواستون ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪيون آهن جسٽس محمد علي مظهر جي سربراهي ۾ سپريم ڪورٽ جي ٽي رڪني بينچ 21 آڪٽوبر تي درخواستن تي ٻڌڻي ڪندي بينچ ۾ جسٽس نعيم اختر افغان ۽ جسٽس شاهد بلال حسن پڻ شامل هوندا درخواست ڪندڙن پاران وڪيل محمد جبران ناصر عدالت ۾ پيش ٿيندو سپريم ڪورٽ انهن درخواستن تي اڳ به نوٽيس جاري ڪري چڪي آهي.

Saturday 17 Actober 2026
چنڇر 17 آڪٽوبر 2026ع
روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

پشاور اسڪول سانحو: انتظامي غفلت جي ور چڙهيل معصوم زندگيون
صفحو 4

مدر قائم خان نالبر
اسان وٽ ڪڏهن ٿامس مور ايندو؟ يا صرف انتظار رهندو!
صفحو 4

پاڪستان: اهم معدنيات جو اڀرندڙ عالمي مرڪز
ذيشان زيدي
صفحو 4

مختيار انڙ
اڄوڪو ڏينهن 17 آڪٽوبر
صفحو 4

# سنڌ يونيورسٽي جي اورڪ پاران ايڇ اي سي جي منصوبن جي تياري بابت آگاهي پروگرام

فئڪلٽي ميمبر وڌ ۾ وڌ تحقيقي منصوبا تيار ڪري ايڇ اي سي وٽ جمع ڪرائين ۽ ان جي پروگرامن مان فائدو حاصل ڪن: وي سي

ڪنهن به تحقيقي منصوبي جي ڪاميابي لاءِ ان جي پروپوزل جو فارميٽ ۽ ڊزائين وڏي اهميت رکن ٿا. پروپوزل مختصر هجي

ايڇ اي سي جي گهرجن مطابق درخواست فارم کي صحيح ۽ مڪمل نموني پڙهڻ ۽ جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني وئي

ڄامشورو: فئڪلٽي ميمبر وڌ ۾ وڌ تحقيقي منصوبا تيار ڪري ايڇ اي سي وٽ جمع ڪرائين ۽ ان جي پروگرامن مان فائدو حاصل ڪن: وي سي

ڄامشورو (پ ر) سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي آفيس آف ريسرچ انوويشن اينڊ ڪمرشلائيزيشن (اورڪ) پاران وائيس چانسلر سيڪريٽريٽ جي سينيٽ هال ۾ اين آر پي يو تحقيقي منصوبو ڪيئن جمع ڪرائجي ۽ ڪيئن ڪاميابي حاصل ڪجي“ جي موضوع تي آگاهي پروگرام منعقد ڪيو ويو. پروگرام جي صدارت سنڌ يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغہ امتياز) ڪئي. هن پروگرام جو مقصد هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي نيشنل ريسرچ پروگرام فار يونيورسٽيز جي تحقيقي منصوبن جي تياري بابت يونيورسٽي جي تدريسي شعبن سان لاڳاپيل استادن جي حوصلا افزائي ڪرڻ، ڪين رهنمائي فراهم ڪرڻ ۽ تحقيقي منصوبن جون تجويزون تيار ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ هو ته جيئن هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي نيشنل ريسرچ پروگرام فار يونيورسٽيز (NRPU) ۽ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (SHEC) جي سنڌ ريسرچ سپورٽ پروگرام (SRPS) تحت تحقيقي گرانٽس حاصل ڪرڻ لاءِ يونيورسٽي جي ڪاميابيءَ جي شرح وڌائي سگهجي. تقريب کي خطاب ڪندي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ايڇ اي سي جي تحقيقي منصوبن جي حوالي سان منعقد ڪيل آگاهي سيمينار کي اهم قرار ڏيندي فئڪلٽي ميمبرن تي زور ڀريو ته اهي وڌ ۾ وڌ تحقيقي منصوبا تيار ڪري ايڇ اي سي وٽ جمع ڪرائين ۽ ان جي پروگرامن مان فائدو حاصل ڪن ڇو ته ڪنهن به تحقيقي منصوبي جي ڪاميابي لاءِ ان جي پروپوزل جو فارميٽ ۽ ڊزائين وڏي اهميت رکن ٿا. پروپوزل مختصر ۽ جامع هجڻ گهرجي جيڪو ڏسندڙ کي متاثر ڪري. هن اميد ظاهر ڪئي ته هي آگاهي پروگرام پروجيڪٽ جي پروپوزل جي تياري جي حوالي سان ڪافي ڄاڻ ڀريو ثابت ٿيندو. ان کان اڳ اورڪ جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر فرحت نورين ميمڻ پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ وائيس چانسلر، مقررن ۽ شرڪت ڪندڙن کي ڀليڪار چيو ۽ پروگرام جي مقصدن تي روشني وڌي. ان موقعي تي انسٽيٽيوٽ آف بائيو ڪيمسٽري جي پروفيسر ڊاڪٽر نسيم اسلم چنا ايڇ اي سي جي گهرجن مطابق درخواست فارم کي صحيح ۽ مڪمل نموني پڙهڻ ۽ جمع ڪرائڻ جي طريقيڪار بابت تفصيلي ڄاڻ ڏني. زوالاجي شعبي جي پروفيسر ڊاڪٽر رفعت سلطانا پروجيڪٽس تيار ڪرڻ جي پنهنجي تجربي جي روشنيءَ ۾ شرڪت ڪندڙن کي درخواست فارم جي فني حصن بابت رهنمائي فراهم ڪئي.

# ميهڙ شهري اتحاد جي سڏ تي 35هين ڏينهن به بنيادي مسئلن جي حل لاءِ احتجاجي ريلي

شهرين، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، دڪاندارن مختلف ڪالونين جي رهواسين ۽ ڪائونسلرن ريلي ڪڍي

ميهڙ شهر ۾ لڳل سالن کان پراڻيون واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن، 5 سالن کان فلٽر پلانٽ نہ هلي سگهيو آهي: اڳواڻ

سارا ئي سٽو کان وڌيڪ صفائي ڪندڙ ملازمن ۾ وائٽ ڪالر ڀرتي ڪيا ويا آهن جيڪي به سياسي آشيرواد سبب ڊيوٽي نہ ٿا ڪن

ميهڙ(ن ع) شهري اتحاد ميهڙ جي سڏ تي 35 ڏينهن به بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهرين، سياسي سماجي تنظيمن جي اڳواڻن، دڪاندارن مختلف ڪالونين جي رهواسين ۽ بلدياتي ادارن جي ڪائونسلرن پاران بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر چوڪ ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو، لاڙڪاڻہ هاءِ ڪورٽ بار جي جوائنٽ سيڪريٽري وڪيل عابد ڪلهوڙو، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو، ڪرپشن مرچنٽ جو صدر محبوب علي ڪوسو، زبير علي سمون عبدالفتاح شاهہ محمد اسماعيل بروهي، اشتياق علي تنيو، محمد هاشم برڙو ۽ ٻين چيو ته فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهي، 5 سالن کان فلٽر پلانٽ نہ هلي سگهيو آهي ميهڙ شهر ۾ لڳل سالن کان پراڻيون واٽرسپلائي جون لائنون هنڌان هنڌان ٽٽل آهن ميهڙ واسي پيئڻ جي صاف پاڻي کان محروم بڻيل آهن هنن چيو تہ شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن نالين جو گندو پاڻي روڊ رستن ۽ گهٽين ۾ بيٺل آهي شهر جي پاڙن ڪالونين ۽ محلن ۾ گندگي جو آزار وڌي ويو آهي سارا ئي سٽو کان وڌيڪ صفائي ڪندڙ ملازمن ۾ وائٽ ڪالر ڀرتي ڪيا ويا آهن جيڪي به سياسي آشيرواد سبب ڊيوٽي نہ ٿا ڪن ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جي تقريبن سارا ٽي ڪروڙ روپيا ماهوار بجيٽ هڙپ ڪئي وڃي ٿي هنن چيو تہ شهر ۾ ڪو بہ ترقياتي ڪم نہ ٿي سگهيو آهي روڊ رستا گهٽيون کنڊر بڻيل آهن جڏهن تہ تعلقي اسپتال ميهڙ ۾ مريضن کي دوائون نہ ٿيون ملن سمورا شعبا غير فعال بڻيل آهن هنن چيو تہ ميهڙ ۾ ٻن ٿاڻن ون فائيو ڊي ايس پي جون آفيسون هجڻ باوجود بہ بدامني وڌي وئي آهي امن امان جي صورتحال بہ انتهائي خراب ٿي وئي آهي شهر جي مختلف پاڙن ۾ منشيات جوا جو آزار وڌي ويو آهي شهري غير محفوظ بڻيل آهن ميهڙ مسئلن جو ڳوڙهو بڻجي ويو آهي هنن چيو تہ 35 ڏينهن کان اسين شهري سراپا احتجاج بڻيل آهيون ٽڪ جا نمائندا ڊي سي دادو اي سي ميهڙ ۽ سي ايم او سميت سموري انتظاميہ اکيون بند ڪري ڇڏيون آهن شهرين جا جائز مطالبا بہ تسليم نہ ٿا ڪيا وڃن هنن چيو تہ جيستائين شهرين کي پنهنجا حق نہ ڏنا ويندا شهرين جا بنيادي مسئلا حل نہ ڪيا ويندا اسان جو پرامن احتجاج روز جي بنياد تي جاري رهندو

# سکر جي علائقي باگڙجي جي رهواسي جو ڀائرن خلاف احتجاج

احمد هڪڙو پنهنجي معصوم ٻارن سميت پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو

ڇهن ڀائرن تي آبائي ملڪيت تي قبضو ڪري دربدر ڪري ڇڏيو آهي: نذير احمد هڪڙو

سکر: باگڙجي جي رهواسي جو ڀائرن خلاف احتجاج

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي باگڙجي جي رهواسي هڪڙو برادريءَ سان تعلق رکندڙ نذير احمد هڪڙو پنهنجي معصوم ٻارن سميت سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي پنهنجن ئي ڇهن ڀائرن تي آبائي ملڪيت تي قبضي ڪرڻ ۽ گهر مان بي دخل ڪرڻ جا سنگين الزام لڳايا آهن متاثر شخص الزام هنيو تہ گهر واپس ڪرڻ لاءِ سندس ڌيءَ کي ڀائرن حوالي ڪرڻ جي شرط رکي وئي آهي جنهن سبب هو پنهنجي ٻارن سميت سخت پريشانين ۽ بيوسيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي نذير احمد هڪڙو ٻڌايو تہ هو ست ڀائر آهن جن جي والد مرحوم جمال الدين هڪڙو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سمورن ڀائرن وچ ۾ ملڪيت ورهائي ۽ هر هڪ کي الڳ حصو ڏئي ڇڏيو هو. هن چيو تہ والد طرفان مليل حصي ۾ هن پنهنجي محنت مزدوريءَ جي ڪمائيءَ مان پنهنجي خاندان لاءِ هڪ ننڍڙو گهر تعمير ڪرايو هو تہ جيئن هو پنهنجي ٻارن سان گڏ عزت ۽ سڪون واري زندگي گذاري سگهي. هن الزام هنيو تہ ڪجهه عرصو گذرڻ کانپوءِ سندس ڇهن ڀائرن مبينا طور گڏجي سندس گهر تي قبضو ڪري کيس پنهنجي گهروارن سميت گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي. سندس چوڻ موجب، ان دوران کيس ۽ سندس ٻارن کي مبينا تشدد جو نشانو پڻ بڻايو ويو جنهن سبب سندس خاندان سخت مشڪلاتن مان گذري رهيو آهي. نذير احمد هڪڙو دعوي ڪيو تہ جڏهن هن پنهنجي گهر ۽ ملڪيت جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو تہ سندس ڀائرن مبينا طور چيو تہ جي ٻهريان پنهنجي ڌيءَ سندن حوالي ڪري.

# مورو ۾ پرائمري استادن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ ريلي

مين اسڪول کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

استادن جي ڊبل چارج ۽ فنڊن جا مسئلا فوري طور حل ڪري منظوري ڏني وڃي: مظاهرين

مورو(ن ع) مورو ۾ پرائمري استادن پاران پنهنجن مطالبن جي مڃتا لاءِ مين اسڪول کان ريلي ڪڍي مورو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، جنهن جي اڳواڻي پ ٽ الف ضلعي نوشهروفيروز جي صدر پير مظفر حسين، تعلقي مورو جي صدر روشن علي ملڪ ڪئي استادن مطالبن جي حق ۾ بينر کڻي نعريبازي ڪري مسئلا فوري حل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي استاد اڳواڻن چيو تہ استادن جي ڊبل چارج ۽ فنڊن جا مسئلا فوري طور حل ڪري منظوري ڏني وڃي، استادن جو سروس اسٽرڪچر بهتر بڻايو وڃي ۽ پينشن بابت مسئلا حل ڪيا وڃن، استادن وڌيڪ مطالبو ڪيو تہ فريم اپ جا مسئلا فوري طور حل ڪيا وڃن سن ڪوٽا بحال ڪئي وڃي، 2001ع کان 2018ع تائين ڀرتي ٿيل استادن کي انڪريمنٽ ڏني وڃي ۽ پينشن اصلاح رولز جي نالي تي سرڪاري ملازمن کي پريشان ڪرڻ بند ڪيو وڃي. احتجاج ڪندڙن ڊائريڪٽر ڊي اي او ۽ ٽي اي او جي عهدن ۽ ڪلسٽر پاليسي بابت پڻ پنهنجا اعتراض ظاهر ڪندي مطالبو ڪيو تہ استادن جا جائز مسئلا حل ڪري ڪين ذهني پريشانين کان ڇوٽڪارو ڏياريو وڃي هنن چيو تہ هي احتجاج مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو ان موقعي تي سيد نذير علي شاهہ جاويد احمد ٻگهيو احمد علي ڪٽيال، سيد شفيع محمد شاهہ دوست محمد سومرو وزير فرهاد سولنگي، عاشق حسين پنهور محمد نواز ٻگهيو مختيار احمد جويو خادم سولنگي، علي اصغر ڪانڌڙو فيصل ٿهيم ساجن ڪوسو اسد سولنگي اقبال سابقي ۽ ٻيا استاد وڏي تعداد ۾ موجود هئا

مورو: مين اسڪول کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو

# خاصخيلي قوم سنڌ جي قديم ۽ باعزت قوم آهي: منير خاصخيلي

برادري جي ترقي لاءِ نوجوانن کي تعليم، شعور ۽ اتحاد ڏانهن راغب ڪرڻ ضروري آهي

اتحاد جي پليٽ فارم تان خاصخيلي برادري جي حقن لاءِ آواز اٿاريو ويندو: ميڊيا سان ڳالهيون

مٽياري (ڏ ر) پاڪستان خاصخيلي اتحاد ضلعي مٽياري جي صدر ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقہ مٽياري جي انفارميشن سيڪريٽري منير احمد خاصخيلي چيو آهي تہ خاصخيلي قوم سنڌ جي قديم ۽ باعزت قوم آهي جنهن تاريخ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي برادري جي ترقي لاءِ نوجوانن کي تعليم شعور ۽ اتحاد ڏانهن راغب ڪرڻ ضروري آهي هن چيو تہ پاڪستان خاصخيلي اتحاد جو مقصد برادري کي منظم ڪرڻ نوجوانن کي تعليم ڏانهن مائل ڪرڻ ۽ ماڻهن جا جائز مسئلا حل ڪرائڻ آهي اتحاد جي پليٽ فارم تان خاصخيلي برادري جي حقن لاءِ آواز اٿاريو ويندو ۽ سماجي بهتري لاءِ ڀرپور ڪوششون جاري رکيون وينديون منير احمد خاصخيلي پاڪستان خاصخيلي اتحاد جي چيئرمين سرائي نياز حسين خاصخيلي جي خدمتن کي ساراهيندي چيو تہ هو هڪ سچو ايماندار ۽ بهادر اڳواڻ آهي جيڪو هر وقت پنهنجي قوم جي ماڻهن سان گڏ بيٺل رهي ٿو هن چيو تہ چيئرمين جي قيادت ۾ اتحاد وڌيڪ مضبوط ۽ منظم ٿيو آهي جڏهن تہ برادري جي اتحاد ۽ حقن لاءِ سندس ڪردار ساراهہ جوڳو آهي هڪ سوال جي جواب ۾ پاڪستان پيپلزپارٽي تعلقہ مٽياري جي انفارميشن سيڪريٽري منير احمد خاصخيلي چيو تہ پيپلزپارٽي هميشہ جمهوريت، عوامي حقن ۽ غريب ماڻهن جي ڀلائي لاءِ جدوجهد ڪئي آهي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمہ بينظير ڀٽو جي عوامي خدمت واري سياست پارٽي جو اهم اثاثو آهي هن چيو تہ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي قيادت ۾ عوامي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ نوجوانن کي اڳتي آڻڻ لاءِ ڪوششون جاري آهن هن وڌيڪ چيو تہ پاڪستان خاصخيلي اتحاد برادري جي ترقي ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي عوام جي خدمت واري مقصد تحت پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي.

# ڳاڙهو ۾ ٻن معصوم نياڻين سان مبينا زيادتي جي ڪوشش جو واقعو

فرياد داخل ٿيڻ باوجود پوليس اڃا تائين ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار نہ ڪري سگهي

واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، نامزد جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي: نياڻيون

ڳاڙهو(ن ع) پوليس اسٽيشن ڳاڙهو جي حد ۾ مبارڪ ملاح جي ٻن معصوم نياڻين، 10 ورهين جي حاجرا ۽ 9 ورهين جي انيلا سان مبينا زيادتي جي ڪوشش جو واقعو پيش اچڻ جو الزام لڳايو ويو آهي. متاثر نياڻين جي ڏاڏي حسنہ ملاح موجب، هن چار ڏينهن اڳ پوليس اسٽيشن ڳاڙهو تي فرياد داخل ڪرائي هئي، جنهن ۾ اعجاز علي ولد اشرف خاصخيلي رفيق عرف لمبو ولد عبدالله خاصخيلي ۽ مشتاق ولد رفيق عرف لمبو خاصخيلي کي نامزد ڪيو ويو آهي سندس چوڻ آهي تہ فرياد داخل ٿيڻ باوجود پوليس اڃا تائين ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار نہ ڪري سگهي آهي تہ حسنہ ملاح وڌيڪ الزام لڳايو آهي تہ رزاق خاصخيلي ۽ اعجاز خاصخيلي مبينا طور هٿيار کڻي روزانو اچي ڪين ڪيس تان هٿ کڻڻ لاءِ ڌمڪيون ڏين ٿا ۽ ائين نہ ڪرڻ جي صورت ۾ گهرن کي باهہ ڏيڻ جون ڌمڪيون ڏين ٿا. متاثر نياڻين جي وارثن اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، نامزد جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ خاندان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

ڳاڙهو: فرياد داخل ٿيڻ باوجود پوليس اڃا تائين ڄاڻايل جوابدارن کي گرفتار نہ ڪري سگهي

# ملڪ ۾ ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان آگاهي سيشن

ٻهراڙيءَ جون عورتون ملڪ جي زرعي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن: ماهر

حقن جو تحفظ ۽ ڪين معاشي طور بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي

ملٽي (ڊ-ر) ڳوٺاڻي عورتن جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان عورتن جي ترقي واري کاتي ٿرپارڪر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر منيت ڪمار جي اڳواڻي ۾ سوشل ڪوآپريشن انيشيئيٽو جي سهڪار سان ڳوٺاڻين عورتن لاءِ هڪ آگاهي سيشن منعقد ڪيو ويو سيشن جو مقصد ڳوٺاڻين عورتن جي پنهنجي خاندانن ۽ برادرين جي ترقيءَ ۾ اهم ڪردار ۽ خدمتن کي مڃتا ڏيڻ سان گڏ ڪين قانوني حقن، تحفظ ۽ موجود سهولتن بابت آگاهي فراهم ڪرڻ هو ان موقعي تي عورتن جي ترقي واري کاتي ٿرپارڪر جي اسسٽنٽ ڊائريڪٽر منيت ڪمار ڳالهائيندي چيو تہ ٻهراڙيءَ جون عورتون ملڪ جي زرعي معيشت، سماجي ترقي ۽ گهريلو نظام کي مضبوط بڻائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيون آهن تنهن ڪري عورتن کي تعليم، صحت، روزگار ۽ بنيادي سهولتن تائين رسائي فراهم ڪرڻ سان گڏ سندن حقن جو تحفظ ۽ ڪين معاشي طور بااختيار بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت آهي هن وڌيڪ چيو تہ ٻهراڙيءَ جون عورتون زراعت، مال پالڻ، گهرن جي سارسنڀال ۽ ٻين معاشي سرگرمين ۾ محنت ۽ ذميواريءَ سان پنهنجو ڪردار ادا ڪن ٿيون پر ان جي باوجود ڪين ڪيترن ئي سماجي ۽ معاشي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو هن چيو تہ عورتن کي برابريءَ جا موقعا فراهم ڪرڻ سندن صلاحيتن کي هٿي وٺرائڻ ۽ فني تربيت ذريعي روزگار جا وسيلا پيدا ڪرڻ لاءِ سرڪاري ادارن سماجي تنظيمن ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي هن ٻهراڙي جي عورتن کي چيو هو پنهنجي صحت تي پڻ ڌيان ڏين وقت سر ڊاڪٽرن کان پنهنجو معائنو ۽ صحت سان لاڳاپيل ٽيسٽون پڻ ڪرائينديون رهن تہ جيئن سندن صحت بهتر رهي ان موقعي تي ٻين پڻ خطاب ڪيو

# اڳڙا ٿاڻي جي حد ڏوهن جو مرڪز بڻجي وئي

ڪڙڪن ۽ ٽارڙن جي ڳوٺن تي نامعلوم هٿياربند چورن جي ڪاهہ

گهر ڌڻين کي يرغمال بڻائي گهرو سامان پيٽين سميت ڪلهن تي کڻي فرار

راضيديرو(ن ع) اڳڙا ٿاڻي جي حد ڏوهن جو مرڪز بڻجي وئي راضيديرو لڳ ڪڙڪن ۽ ٽارڙن جي ڳوٺن تي نامعلوم هٿياربند چورن جي ڪاهہ ڳوٺ الهرکيو ڪڙڪ جي ڳوٺاڻي ابراهيم ڪڙڪ جي گهر جي چارديواري ٽپي گهر ڌڻين کي يرغمال بڻائي گهرو سامان پيٽين سميت ڪلهن تي کڻي سان ئي ساڳئي ڳوٺ جي سڏ پنڌ تي ڳوٺ خان محمد ٽارڙ تي بہ ساڳئي انداز سان داخل ٿي سڪندر ٽارڙ جو بہ گهرو سامان چورائي ويا جڏهن بنهي متاثرن پيرا کنيا تہ سي ڏبي پنجابي ڳوٺ پرسان ستابو پل جي سامهون کليل رستي تي خالي پيل پيٽيون ڀاڳيا ڪري پهتا متاثر ابراهيم ڪڙڪ جي گهر جو سامان چوري ٿيو آهي ان ۾ بہ جوڙا سونيون جهمڪيون ٻي لک روڪ ڏهہ وڳا ڪپڙن جا چوري ٿي ويا آهن. هوڏانهن سڪندر ٽارڙ جي گهر کي پڻ جهوڙي ڏئي سندس جي گهر سان لوهي پيٽي کي معوڌئي ڪئي ويا مالڪ کي ڪوڪ ٿي نہ پئجي سگهي جڏهن ڪوڪ برادري پيرا کنيا تہ جاءِ واردات تي سڪندر ٽارڙ جو شناختي ڪارڊ مليو تہ انهن ٻڌايو سڪندر ٽارڙ کي جڏهن سڪندر ٽارڙ سنڀال ڪئي تہ روڪ پنجويهہ هزار چوري ٿي ويا آهن ٻئي طرف اڳڙا ٿاڻي جي حد ڳوٺ بدرالدين زاهدي ڪالوني مان هوٽل هلائيندڙ نسيم ملاح جي گهر اندر نامعلوم چور رات جي پيٽ ۾ داخل ٿي هڪ موٽر سائيڪل روڪ رقم ۽ ٻہ موبائيل چورائي ويا ڪڙڪن ۽ ٽارڙن وارن ڳوٺن ۾ رات جي پوئين پهر ڪين وڳي کان ساڍا ٽي ۽ چار وڳي ڌاران چورن جا ٽولا نڪري ٿا پون جن جو مقدار ستن ڇهن ۽ پنجن ڄڻن تي مشتمل آهن جيڪي مختلف وقتن تي مختلف ٿاڻن جي حدن اندر مختلف وقتن تي ڳوٺن شهرن . روڊن تان ڦرين سان گڏ چوريون ڪن ٿا جن علائقي واسين سان تاراج ڪيو آهي ۽ پوليس اُنهن کي روڪڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي تڏهن تہ ڌاڙيلن ٽولا بي خوف ٿي ڏوهہ ڪن ٿا جيڪا انتظاميہ جي نااهلي کي ثابت ڪري ٿي

# پ پ قيادت سنڌ جي ورهاڱي کي قبول نٿي ڪري: بئريسٽر بلند خان

ڪڻڪ جي ذخيري ۽ بحران سبب اٽي جا اگهہ وڌيا آهن، پيٽرول جا اگهہ گهٽايا وڃن

سنڌ حڪومت اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي، عوام کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين

شهدادڪوٽ(ذ ر) سنڌ سرڪار جي ترجمان ۽ ايم اين اي خورشيد احمد جوڻيجو جي فرزند بئريسٽر بلند خان جوڻيجو ڳوٺ محمد امين بروهي پهچي ٽائون چيئرمين امتياز علي بروهي جي سڱوٽ جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ دعا گهري. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي بئريسٽر بلند خان جوڻيجو سنڌ جي ورهاڱي کي رد ڪندي چيو تہ پيپلزپارٽي جي قيادت سنڌ جي ورهاڱي کي قبول نٿي ڪري، سنڌ هڪ آهي ۽ هڪ رهندي، ڪٿي بہ نئون يونٽ نہ ٺهندو هن وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو تہ پيٽرول جي وڌندڙ اگهن تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف ڏنو وڃي اٽي جي مهانگائي بابت هن چيو تہ ڪڻڪ جي ذخيري ۽ بحران سبب اٽي جا اگهہ وڌيا آهن. سنڌ حڪومت اگهن تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهي آهي. عوام کي اڪيلو نہ ڇڏينداسين ان موقعي تي ساڻس گڏ طارق حسين جوڻيجو خادم حسين جاگيراڻي ٻيا هيا.

شهدادڪوٽ: ڪڻڪ جي ذخيري ۽ بحران سبب اٽي جا اگهہ وڌيا آهن : پيٽرول جا اگهہ گهٽايا وڃن

# ڪوٽڙي ڪبير خانواهڻ لنڪ روڊ تي جيپ جو موٽر سائيڪل تي ٽڪر

حادثي جي نتيجي ۾ الهہ بخش سولنگي پٽ مرحوم وزير سولنگي شديد زخمي

بيسڪ هيلٿ يونٽ ۾ پهچايو ويو جتي زخمي زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو

ڪوٽڙي ڪبير(ن ع) ڪوٽڙي ڪبير خانواهڻ لنڪ روڊ تي ممتاز سهتو پيٽرول پمپ لڳ جيپ جو موٽر سائيڪل کي پوئيان زور دار ٽڪر. نتيجي ۾ ساجد ۽ ساجد سولنگي جو ڀاءُ 45 سالا الهہ بخش سولنگي پٽ مرحوم وزير سولنگي شديد زخمي ٿي پيو. جنهن کي ٽڪر هڻندڙ جيپ مالڪ استاد ممتاز بوهيو فوري طور تي کڻي ڪوٽڙي محمد ڪبير بيسڪ هيلٿ يونٽ ۾ پهچايو جتي زخمي زخمن جا سور نہ سهندي فوت ٿي ويو. اهڙي خبر پوڻ تي گهر ڀاتي اسپتال پهچي اپ ڏاريندڙ دانهون ۽ زارو زار روئڻ لڳا. جڏهن تہ فوتي سان گڏ ٽن سالن جي ڀاڻيجي ان آياب هئي جيڪا معجزاتي طور بچي وئي. وڌيڪ پوليس تفتيش ڪري رهي آهي.

# سيپڪو ملازمن جي برطرفي وارو معامرو يونين اڳواڻن جي چيف سان گڏجاڻي

گڏجاڻي ۾ برطرف ملازمن کي بحال ڪرڻ واري ون پوائنٽ ايجنڊا تي بحث مباحثو

ملازمن کي غلط طريقي سان برطرف ڪيو ويو آهي ۽ بحالي لاءِ پراميد آهيون: اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ) سيپڪو ملازمن جي برطرفي وارو معامرو سيپڪو چيف اعجاز احمد چنو سان هائڊرو ليبر يونين اڳواڻن عبداللطيف نظاماڻي نثار احمد شيخ، حاجي خليل احمد ٻرو مڪي شجاع گهمرو ۽ ٻين گڏجاڻي ڪئي ان دوران برطرف ملازمن کي بحال ڪرڻ واري ون پوائنٽ ايجنڊا تي بحث مباحثو ڪيو ويو. گڏجاڻي کانپوءِ عبداللطيف نظاماڻي ميڊيا نمائندن سان ڳالهائيندي چيو تہ ملازمن کي غلط طريقي سان برطرف ڪيو ويو آهي ۽ اسان جي سيپڪو چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر ساڻ خوشگوار ملاقات ٿي آهي، جاچ بعد هڪ مهيني اندر ملازم بحال ٿي ويندا، احتجاج سان نہ پر ڳالهين سان مسئلا حل ٿيندا آهن هن سيپڪو کي خانگائڻ جي حوالي سان سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ سپائي ڇا ٿيندو ڪجهہ نہ ٿو چئي سگهان ڇو تہ ملڪ جي مختلف ادارن کي خانگايو ويو آهي ا

# عثمان شاهہ هڙي ۾ پيارولنڊ پوليس جي ڏاڍاين خلاف احتجاج

عثمان شاهہ هڙي(ن ع) پيارولنڊ پوليس جي ڏاڍاين خلاف ڳوٺ غلام حسين لنڊ پرسان ويٺل ڪچي ڪولهي برادري ارجن ڪچي ۽ شامداس ڪچي پريس ڪلب تي پهچي پوليس خلاف احتجاج ۽ پريس ڪانفرنس ڪندي ٻڌايو تہ ڪجهہ ڏينهن پهرين پيارولنڊ پوليس اسان جي ڇوڪري کي ڪٽي موٽر سائيڪل چوري ٿيل ڏاهڻ جو ڪوڙو جواز ڄاڻائي ڪيس لڳائڻ بهاني اسان کان پنجاهہ هزار وٺي ڇڏي ڏنو هاڻي وري اسان جي ٻي ڇوڪري کي ڪالهہ ٻن پوليس اهلڪارن ياسين رانگڙ ۽ ذيشان قائمخاني زبردستي جهلي سندس تلاشي وٺي جنهن مان پنجويهہ هزار ۽ هڪ ٽچ موبائيل ڦري فرار ٿي ويا اسان ايس ايس پي ٽنڊو الهيار کي اپيل ٿا ڪريون تہ اهڙن راشي آفيسرن خلاف ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي

# جهنڊو مري جي ڳوٺ دائم خاصخيلي ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ

گورنمينٽ پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن ۽ استادن جي شديد کوٽ سبب شاگردن کي مشڪلاتون درپيش

عمارت زبون حال هجڻ ڪري اسڪول ۾ داخل 200 کان وڌيڪ شاگرد خوف واري ماحول ۾ تعليم پرائڻ تي مجبور

اسڪول جي صورتحال جو ترت نوٽيس وٺي، اسڪول جي عمارت جي مرمت ڪرائي وڃي، وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن: رهواسي

عثمان شاهہ هڙي (رپورٽ: اي جي عاقلاڻي) ضلعي ٽنڊوالهيار جي تعلقي جهنڊو مري جي يونين ڪائونسل ميل موري جي ڳوٺ دائم خاصخيلي ۾ قائم گورنمينٽ پرائمري اسڪول بنيادي سهولتن جي کوٽ ۽ استادن جي شديد کوٽ سبب شاگردن لاءِ پريشانين جو سبب بڻيل آهي جڏهن تہ اسڪول جي عمارت پڻ زبون حالي جو شڪار بڻيل آهي اسڪول ۾ 200 کان وڌيڪ شاگرد تعليم پرائي رهيا آهن پر مبينا طور گذريل ڪيترن ئي سالن کان تدريسي عمل لاءِ صرف هڪ استاد مقرر ٿيل آهي جنهن سبب ٻارن جي تعليم سخت متاثر ٿي رهي آهي اسڪول ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي واش روم درسي ڪتابن ۽ ٻين ضروري تعليمي سهولتن جي پڻ کوٽ آهي ٻئي طرف اسڪول جي عمارت جي خراب حالت سبب شاگردن ۽ استادن جي قيمتي جانين کي پڻ خطرو لاحق آهي اسڪول جي معصوم نياڻين سنڌ جي صوبائي وزير تعليم سيد سردار علي شاهہ کي اپيل ڪئي آهي تہ اسڪول ۾ ترت هڪ عورت استاد مقرر ڪئي وڃي جيئن نياڻين کي بهتر تعليمي ماحول فراهم ٿي سگهي شاگردن ۽ علائقي جي رهواسين تعليم کاتي ۽ ضلعي انتظاميا کان سوال اٿاريو آهي تہ تعليم جي شعبي لاءِ هر سال ڪروڙين رپين جا فنڊ مختص ڪيا وڃن ٿا، پر ان باوجود ٻهراڙيءَ جي سرڪاري اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون ڇو نٿيون فراهم ڪيون وڃن؟ هنن لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ ڳوٺ دائم خاصخيلي جي اسڪول جي صورتحال جو ترت نوٽيس وٺي، اسڪول جي عمارت جي مرمت ڪرائي وڃي، وڌيڪ استاد مقرر ڪيا وڃن ۽ شاگردن کي پيئڻ جي صاف پاڻي، واش روم، درسي ڪتابن سميت سمورين ضروري تعليمي سهولتون فراهم ڪيون وڃن علائقي واسين جو چوڻ آهي تہ تعليم هر ٻار جو بنيادي حق آهي تنهنڪري حڪومت ۽ تعليم کاتو ترت قدم کڻي ٻارن جي تعليمي مستقبل کي محفوظ بڻائين ۽ ڪين بهتر تعليمي ماحول فراهم ڪن

عثمان شاهہ هڙي: مطالبن جي مڃتا لاءِ بڪ هڙتال تي ويٺل استادن جلوس جي صورت ۾ ٿاڻي تي پهتا

# مٽياري جي گرلز اسڪولن ۾ مرد استادن ۽ ڪلرڪن جي مقرري عدالتي حڪم جي ڀڃڪڙي قرار

عدالتي حڪم باوجود عملدرآمد نہ ٿيڻ نياڻين کي حراسان ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچڻ جو انڪشاف

سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور صاحب جي نالي سان منسوب ڪيل عدالتي حڪم نظرانداز ڪيو ويو

عدالتي حڪم تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، گرلز اسڪولن ۾ عورت عملي جي مقرري بابت صورتحال جو جائزو ورتو وڃي: شڪايت گذار

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ضلعي جي گرلز اسڪولن ۾ مرد استادن ۽ مرد ڪلرڪن جي موجودگي بابت شڪايتون سامهون آيون آهن. شڪايت ڪندڙن موجب سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم تحت گرلز اسڪولن مان مرد استادن ۽ مرد ڪلرڪن کي هٽائي انهن جي جاءِ تي عورت استادن ۽ عورت ڪلرڪن کي مقرر ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون ويون هيون، پر ان باوجود مٽياري جي مختلف اسڪولن ۾ مبينا طور عدالتي حڪم تي عملدرآمد نہ ٿي رهيو آهي شڪايتن موجب 29 نومبر 2022ع تي سنڌ هاءِ ڪورٽ جي جسٽس صلاح الدين پنهور صاحب جي نالي سان منسوب ڪيل عدالتي حڪم ڪيس نمبر C.P. No. S-251-2019 تحت گرلز اسڪولن ۾ عورت عملي جي مقرري بابت هدايتون جاري ڪيون ويون هيون شڪايت ڪندڙن جو چوڻ آهي تہ لاڳاپيل اختيارين پاران مبينا خلاف ورزين باوجود ڪو اثرائتو قدم نہ کنيو ويو آهي ان حوالي سان نياڻين کي حراسان ڪرڻ جون شڪايتون پڻ سامهون اچڻ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، جنهن سبب معاملي جي سنجيدگيءَ سان جاچ ڪرائڻ جي گهر ڪئي پئي وڃي شڪايت ڪندڙن سيڪريٽري تعليم، ڪمشنر حيدرآباد ۽ ضلعي تعليم آفيسر مٽياري سميت لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي تہ عدالتي حڪم تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي، گرلز اسڪولن ۾ عورت عملي جي مقرري بابت صورتحال جو جائزو ورتو وڃي ۽ حراسان ڪرڻ جي شڪايتن جي شفاف جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

# سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام ۾ مبينا جعلي ڀرتي ۽ غيرقانوني ترقي وارو معامرو

سنڌ سروس ٽربيونل حيدرآباد طرفان سيڪريٽري صحت سوڌو 11 عملدارن ۽ آفيسرن کي نوٽيس جاري

سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام ۾ شعيب رومي رڪن ٽيسٽن ۾ فيل ٿيڻ باوجود اسسٽنٽ جي پوسٽ تي ڀرتي ڪيو ويو: درخواستگذار

صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين جي مبينا ملي ڀڳت سان ڪيس سينارٽي جي حساب سان نظرانداز ڪري شعيب رومي کي 17 گريڊ ۾ ترقي ڏني وئي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) سنڌ سروس ٽربيونل حيدرآباد جي سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام ۾ مبينا جعلي ڀرتي ۽ غيرقانوني ترقي ڪيس ۾ سيڪريٽري صحت سوڌو 11 عملدارن ۽ آفيسرن کي نوٽيس جاري، 17نومبر 2026 ذاتي حيثيت ۾ پيش ٿي لکت ۾ جواب طلب ڪري ورتو آهي سنڌ سروس ٽربيونل محمد اڪرم پاران پنهنجي وڪيل نصير احمد ملاح معرفت داخل اپيل تي سيڪريٽري صحت ۽ چيئرمين ڊي پي سي طاهرحسين سانگي، ڊپٽي سيڪريٽري ۽ ميمبر ڊي پي سي ڏرهيب احمد شيخ، سيڪشن آفيسر ۽ ميمبر ڊي پي سي قرت العين ميمڻ، اڪوٽو ڊي جي صحت ۽ ميمبر ڊي پي سي وقار محمود ميمڻ سيڪشن آفيسر ڊاڪٽر اسد ڪٽري، ڊپٽي ڊائريڪٽر جنرل آر ايم اين سي ايڇ ڊاڪٽر خالد ميمڻ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ون ڊاڪٽر عامر خانزادو، ايڊيشنل ڊائريڪٽر 2ڊاڪٽر ڪاشف خانزادو سوڌو مبينا جعلي ڀرتي ٿيل ۽ مبينا غيرقانوني ترقي ماڻي آفيس سپرينڊنٽ شعيب رومي ۽ ڪمپيوٽر آپريٽر احسان آرائين کي 17نومبر 2026تي ذاتي حيثيت ۾ طلب ڪندي جواب داخل ڪرڻ جو نوٽيس جاري ڪيو آهي درخواست گذار پنهنجي اپيل ۾ موقف اختيار ڪيو آهي تہ سنڌ ليڊي هيلٿ ورڪر پروگرام (آر ايم اين سي ايڇ) حيدرآباد ۾ سال 2005 ۾ شعيب رومي رڪن ٽيسٽن ۾ فيل ٿيڻ باوجود اسسٽنٽ جي پوسٽ تي ڀرتي ڪيو ويو هو جڏهن تہ 16اپريل2026تي رٿيل محڪماڻي ترقين واري ڊي پي سي ۾ غيرقانوني طور اسسٽنٽ جي پوسٽ تان سپرينڊنٽ جي 17اسڪيل جي پوسٽ تي غيرقانوني ترقي ماڻي آهي درخواست گذار موجب صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين جي مبينا ملي ڀڳت سان ڪيس سينارٽي جي حساب سان نظرانداز ڪري شعيب رومي کي 17گريڊ ۾ ترقي ڏني وئي آهي

## ماتلي جي رهواسي صحت کاتي جي ملازم جو حيدرآباد ۾ احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)پريٽ آباد جي علائقي پراڻي ٽبيلي جي رهواسي پوريٽ محمد عمير پنهنجي 11ورهين جي پٽ حنين سان گڏ پوليس ۽ منشيات فروشن جي ظلم خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو هن الزام هڻندي چيوتہ پاڙي ۾ بااثر ماڻهو زاهد، حنيف،امان ۽ ماجد ڪلي عامر آئيس منشيات جو ڪاروبار ڪندا آهن هن الزام هڻندي چيوتہ منشيات فروش سندس معصوم پٽ کي آئيس نشي جو عادي بڻائي منشيات جي وڪري جو ڪاروبار ڪرائين ٿا. هن چيو منشيات فروشن کي منع ڪرڻ تي مجرجي سون معان ۽ منهنجي پٽ کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي هن چيو تہ منشيات فروشن جي زيادتين خلاف حد جي ٿاڻي پنجاري ٽي ويس تہ پوليس منهنجو ڪيس داخل ڪرڻ کان انڪار ڪندي واپس ڪري ڇڏيو هن چيو تہ مونکي منشيات فروشن ۽ پوليس کان جاني خطرو آهي اختيارين نوٽيس وٺي تحفظ ڪن

## مڙس محمد خان ماڇي عياش قسم جو ماڻهو آهي: شهزادي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) قاسم آباد جي علائقي ريلوي سوسائٽي جي رهواسي ڇهارن جي ماءُ شهزادي ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي تہ منهنجو مڙس محمد خان ماڇي عياش قسم جو ماڻهو آهي جيڪو ڌارين عورتن گهر وٺي اچي عياشي ڪندو آهي جڏهن تہ ڌارين عورتن کي گهر ۾ وٺي اچڻ کان روڪڻ تي مونکي سخت تشدد جو نشانو بڻائي گهران ڪڍي ڇڏي ٿو هن چيو تہ ڀائرن پاران منهنجي وارثي ڪرڻ تي منهنجي ڀائرن خلاف ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي پريشان ڪري ٿو هن چيو تہ مڙس محمد خان ماڇي روزگار ڪرڻ بهاني بينڪن مان 6لک کان وڌيڪ قرض وٺي عياشي تي خرچ ڪري ڇڏيا جنهن سبب بينڪ عملو قرض واپس ڪرڻ لاءِ دٻاءُ وجهندو رهندو آهي جنهن سبب آءُ تمام گهڻي پريشان آهيان هن چيو تہ مڙس پاران گهر جو خرچ نہ ڏيڻ سبب آءُ بنگلن تي پورهيو ڪري ٻچن جو پيٽ گذر سفر ڪندي آهيان هن ايس ايس پي حيدرآباد کي اپيل ڪئي تہ مڙس کان گهر جي ٻارن جو خرچ ڏيارڻ ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

## پريٽ آباد جي علائقي پراڻي ٽبيلي جي رهواسي جو احتجاج

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر)پريٽ آباد جي علائقي پراڻي ٽبيلي جي رهواسي پوريٽ محمد عمير پنهنجي 11ورهين جي پٽ حنين سان گڏ پوليس ۽ منشيات فروشن جي ظلم خلاف ڪالهہ حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪيو هن الزام هڻندي چيوتہ پاڙي ۾ بااثر ماڻهو زاهد، حنيف،امان ۽ ماجد ڪلي عامر آئيس منشيات جو ڪاروبار ڪندا آهن هن الزام هڻندي چيوتہ منشيات فروش سندس معصوم پٽ کي آئيس نشي جو عادي بڻائي منشيات جي وڪري جو ڪاروبار ڪرائين ٿا. هن چيو منشيات فروشن کي منع ڪرڻ تي مجرجي سون معان ۽ منهنجي پٽ کي تشدد جو نشانو بڻايو آهي

# سڪرنڊ ۾ پرائمري استاد جي موٽر سائيڪل جي گاڏي کي ٽڪر

مطالبن جي مڃتا لاءِ بڪ هڙتال تي ويٺل استادن جلوس جي صورت ۾ ٿاڻي تي پهتا

تازو ٽن پرائمري استادن جون موٽر سائيڪلون ڦر ۽ چوري ڪيون ويون آهن: استاد

سڪرنڊ (س ر) پرائمري استاد امير بخش ڏهيو اسڪول مان ڊيوٽي ڪري موٽر سائيڪل تي واپس سڪرنڊ ۾ پ ٽ الف جي احتجاج ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ اچي رهيو هو تہ پنهون خان روڊ تي ڪن هٿياربند جيڪي ون ٽو 5 موٽر سائيڪل تي سوار هئا تن پرائمري استاد جي موٽر سائيڪل جي گاڏي کي ٽڪر هڻي هٿيارن جي ڏڪ تي روڪي موٽر سائيڪل ڦر ڪئي جڏهن تہ استاد امير بخش ڏهيو پاران مزاحمت ڪرڻ تي مٿس تشدد ڪري زخمي ڪيو ويو جنهن بعد مطالبن جي مڃتا لاءِ بڪ هڙتال تي ويٺل استادن جلوس جي صورت ۾ سڪرنڊ ٿاڻي آڏو احتجاج ڪيو جنهن ۾ پ ٽ الف جي صدر ارباب پرهياڙ ڳالهائيندي چيو تہ شهر جون حالتون مجموعي طور خراب آهن جڏهن تہ تازو ٽن پرائمري استادن جون موٽر سائيڪلون ڦر ۽ چوري ڪيون ويون آهن جن ۾ استاد گل محمد ڪيريو استاد زاهد حسين ميمڻ ۽ استاد امير بخش ڏهيو شامل آهن هن چتاءُ ڏيندي چيو تہ جيڪڏهن 24 ڪلاڪن اندر موٽر سائيڪلون واپس نہ ڪرايون ويون تہ سڪرنڊ ٿاڻي جو گهيراءُ ڪنداسين ان موقعي تي خير محمد لاڪو زاهد حسين ميمڻ احمد انصاري ۽ جان محمد لاڪو سميت ڪئي استاد موجود هئا

سڪرنڊ: مطالبن جي مڃتا لاءِ بڪ هڙتال تي ويٺل استادن جلوس جي صورت ۾ ٿاڻي تي پهتا

# دولتپورصفن ۾ ڳورهاري عورت جو ڪنڌ ڪپيل لاش هٿ

پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو

اسان جو ڪنهن سان بہ ڪوبہ تڪرار وغيره ناهي، انصاف ڪيو وڃي: وارث

دولتپورصفن(ن ع) دولتپور پرسان ڳوٺ نواب غلام رسول لغاري جي رهواسي شمن جوڻيجو جي گهر واري 25 ورهين جي ڳورهاري عورت مسمات امام زادي جوڻيجو جو ڪنڌ ڪپيل لاش سندس جي گهر اڳيان سال جي واڙي مان هٿ آيو اطلاع تي نواب ولي محمد پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ تعلقي اسپتال قاضي احمد منتقل ڪيو وارثن انصاف جو مطالبو ڪيو آهي جڏهن تہ پوليس موجب واقعي جي وڌيڪ جاچ جاري آهي وارثن موجب اسان سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي اسان جي بيگناهہ نياڻي کي رات دير سان تيز ڌار اوزار سان نهايت بي دردي سان قتل ڪيو ويو آهي جڏهن تہ اسان جو ڪنهن سان بہ ڪوبہ تڪرار وغيره ناهي هن معاملي جي صحيح طرح سان جانچ ڪري ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪري اسان سان انصاف ڪيو وڃي

# سڪرنڊ ۾ آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن جي بک هڙتال

اسان جو هي احتجاج وزير تعليم خلاف آهي، سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي: استاد

ڊگرين جي بهتر تصديق واري عمل جو خاتمو ڪيو وڃي، ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي

سڪرنڊ (س ر) 19 آڪٽوبر تي ضلعي هيڊ ڪوارٽر ۾ تاريخي احتجاج ڪري ڌرڻو هنيو ويندو اهڙو اعلان گذريل ٽن ڏينهن کان قائم علامتي بک هڙتال تي ڪيو ويو ياد رهي تہ آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن تعلقي سڪرنڊ پاران صدر ارباب علي پرهياڙ جي اڳواڻيءَ ۾ سنڌ سرڪار پاران استاد دشمن پاليسين ۽ استادن جي جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ گورنمينٽ اردو پرائمري مين اسڪول ۾ علامتي بک هڙتال ڪئي وئي جنهن ۾ استادن هر هڪ غلام فاروق جمالي جان محمد لاڪو. جاويد آرائين احمد انصاري . خالد سنجراڻي. عرفان راول يعقوب چانڊيو زاهد سومرو حاجي علي مراد ڪوڪر ۽ عمران علي جمالي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو تہ اسان جو هي احتجاج وزير تعليم خلاف آهي هنن چيو تہ استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي، ڊگرين جي بهتر تصديق واري عمل جو خاتمو ڪيو وڃي، ڪلسٽر پاليسي ختم ڪئي وڃي ۽ ڪانٽريڪٽ تي مقرر استادن کي سندن مقرري واري تاريخ کان ريگيولر ڪيو وڃي هنن وڌيڪ چيو تہ استادن جا جائز مطالبا فوري طور مڃيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو جيڪو مطالبن جي مڃتا تائين جاري رهندو هنن اهو پڻ چيو تہ چون ٿا تہ يورپ جو نظام آڻينداسين جيڪڏهن يورپ جو تعليمي نظام آڻڻ چاهيو ٿا تہ پهرين يورپ جهڙيون سهولتون بہ يورپ وارين هئڻ گهرجن جڏهن تہ اسان وٽ يورپ تہ ڇا پر قبرستان وارو ماحول آهي جڏهن تہ صدر ارباب علي پرهياڙ چيو تہ شرم جهڙي ڳالهہ اها آهي جو هوندءِ تہ هر اسڪول بنيادي ضرورتن ۽ سهولتن کان محروم آهي پر نياڻين جي اسڪولن ۾ واشروم ناهن جيڪا شديد تڪليف واري صورتحال آهي هن وڌيڪ چيو تہ رياست ۽ تعليم کاتي جا ذميوار اهو ڇو نٿا سوچين تہ هو بہ نياڻين وارا هوندا ڪين گهٽ نياڻين جي اسڪولن ۾ سهولتون ڏين ڪين آخر ۾ وڃن ورجايو ويو تہ 19 آڪٽوبر تي ضلعي هيڊ ڪوارٽر نوابشاهہ ۾ ڀرپور شرڪت ڪئي ويندي

## ڏگهڙي ۾ جمعي نماز دوران واپڊا آفيس جي مکي مسجد ٻاهران بيٺل واپاري جي موٽرسائيڪل چوري

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي ۾ جمعي نماز دوران نامعلوم چور واپڊا آفيس ۾ قائم مکي مسجد ٻاهران موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويو ڏگهڙي جي مشهور واپاري آفتاب ميمڻ عمير ميمڻ جمعي جي نماز ادا ڪرڻ لاءِ واپڊا آفيس جي مکي مسجد ۾ ويا هئا، تہ ان دوران نامعلوم چور سندس ڪاري رنگ جي هونڊا سي ڊي 70 ماڊل 2026ع موٽرسائيڪل چوري ڪري فرار ٿي ويو. واقعي بابت ڏگهڙي پوليس اسٽيشن ۾ اين سي داخل ڪرائي وئي آهي واپاري آفتاب ميمڻ ڊي ايس پي ڏگهڙي ۽ ايس ايڇ او ڏگهڙي کان مطالبو ڪيو آهي تہ سندس چوري ٿيل موٽرسائيڪل فوري طور واپس ڪرائي وڃي. جڏهن تہ واپڊا آفيس جي مکي مسجد سميت شهر جي ٻين مسجدن ٻاهران جمعي نماز دوران سيڪيورٽي جا فول پروف انتظام ڪيا وڃن جيئن نمازي بنا ڪنهن خوف ۽ پريشاني جي سڪون سان نماز ادا ڪري سگهن

## نواز ليگ ضلع سکر جي صدر پاران ڪي پي ۾ گورنر راڄ جي آجيان

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان مسلم ليگ (ن) سکر جي ضلعي صدر خورشيد ميراڻي خيبر پختونخوا ۾ گورنر راڄ لاڳو ڪرڻ ۽ دهشتگرديءَ کان متاثر ڏهن کان وڌيڪ ضلعن ۾ ايمرجنسي لاڳو ڪرڻ واري حڪومتي فيصلي جي آجيان ڪندي ان کي ملڪ ۽ قوم جي وسيع تر مفاد ۾ قرار ڏنو آهي صحافين سان ڳالهائيندي خورشيد ميراڻي چيو تہ موجوده حالتن ۾ ملڪ ۾ امن، استحڪام ۽ شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ حڪومت جي پهرين ترجيح هجڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ قومي سلامتيءَ تي ڪنهن بہ قسم جو سمجهوتو نٿو ڪري سگهجي. هن چيو تہ خيبر پختونخوا جي اڳوڻي وڏي وزير سهيل آفريديءَ جو ڌيان صوبي جي عوام جا بنيادي مسئلا حل ڪرڻ بدران عمران خان جي سياست ۽ احتجاجي سرگرمين تي وڌيڪ مرکوز رهيو سندس چوڻ هو تہ اسلام آباد ڏانهن بار بار لانگ مارچ جون ڌمڪيون ۽ احتجاجي سياست ملڪ ۾ سياسي بيچيني ۽ عدم استحڪام جو سبب بڻيون. خورشيد ميراڻي وڌيڪ چيو تہ هڪ طرف ملڪ ۾ دهشتگرديءَ جا واقعا پيش اچي رهيا آهن ۽ امن امان جي صورتحال خراب ٿي رهي آهي تہ ٻئي طرف اهڙين حالتن کي منهن ڏيڻ لاءِ سنجيده ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي هن چيو تہ ملڪ جي سلامتي، امن امان جي بحالي ۽ عوام جي تحفظ لاءِ حڪومت کي اثرائتا قدم کڻڻ گهرجن

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاڪوار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
چنڇر 17 آڪٽوبر 2026ع

## پشاور اسڪول سانحو: انتظامي غفلت جي ور چڙهيل معصوم زندگيون

پشاور جي هڪ خانگي اسڪول جي عمارت ڪرڻ سبب 33 معصوم ٻارن ۽ هڪ ليڊي ٽيچر جي شهادت جو دردناڪ واقعو رڳو هڪ شهر يا صوبي جو سانحو نه پر سڄي قوم لاءِ هڪ وڏو سوال آهي ڇهن کان چوڏهن سالن جي عمر جا اهي ٻار، جيڪي پنهنجي اکين ۾ مستقبل جا خواب کڻي اسڪول ويا هئا، تن کي ڪهڙي خبر ته علم حاصل ڪرڻ لاءِ گهران نڪرڻ کان پوءِ هو ڪڏهن به واپس نه ورندا. جن والدين پنهنجن ٻچن کي بهتر تعليم ۽ روشن مستقبل جي اميد سان اسڪول موڪليو هو، تن جا گهر هميشه لاءِ ماتم ۾ بدلجي ويا. هڪ ئي خاندان جي پنجن ٻارن جن ۾ ٽن ڀائرن ۽ سندن ٻن سئوٽن کان سواءِ هڪ معذور ٻار به شامل هئا، جي شهادت هن سانحي جي درد کي اڃا وڌيڪ گهرو بڻائي ڇڏيو آهي. انهن معصوم جانين جو نقصان اهڙو خال پيدا ڪري ويو آهي جيڪو ڪڏهن به ڀرجي نه سگهندو. اطلاعن موجب، تازين طوفاني برساتن سبب اسڪول جي ٽي ماڙ عمارت جي ڇت ڪمزور ٿي وئي هئي، جيڪا خميس جي صبح اوچتو ڪري پئي ۽ ان جو ملبو هيٺين ماڙ تي وڃي ڪريو. پنجاهه کان وڌيڪ ٻار دٻجي ويا، جڏهن ته سٺ کان وڌيڪ ماڻهن جي ڦاسڻ جا اطلاع پڻ سامهون آيا. فوج، پوليس ۽ ريسڪيو اهلڪارن امدادي سرگرمين ۾ حصو ورتو ۽ زخمين کي اسپتالن تائين پهچايو. هن افسوسناڪ واقعي کان پوءِ اسڪول جي مالڪ کي گرفتار ڪيو ويو آهي، ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ۽ واقعي جي جاچ لاءِ ڪميٽي پڻ قائم ڪئي وئي آهي. وزيراعظم شهباز شريف واقعي جي مڪمل رپورٽ طلب ڪندي ذميوارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي، جڏهن ته خيبرپختونخوا جي سمورن اسڪولن جي عمارتن جو ٻيهر معائنو ڪرڻ جو حڪم پڻ ڏنو ويو آهي.

هن سانحي جو بنيادي سوال اهو آهي ته جيڪڏهن عمارت ڪمزور هئي ۽ تازين برساتن سبب ان جي ڇت وڌيڪ ڪمزور ٿي چڪي هئي ته پوءِ ٻارن کي ان عمارت ۾ تعليم حاصل ڪرڻ جي اجازت ڇو ڏني وئي؟ ڇا اسڪول انتظاميا کي عمارت جي حالت جو علم نه هو؟ ڇا لاڳاپيل سرڪاري ادارن عمارت جي حفاظت جو معائنو ڪيو هو؟ جيڪڏهن ڪيو هو ته پوءِ اهڙي عمارت کي استعمال ڪرڻ جي اجازت ڪيئن ملي؟ ۽ جيڪڏهن معائنو نه ڪيو ويو هو ته ان غفلت جو ذميوار ڪير آهي؟ اهي سوال رڳو پشاور جي اسڪول تائين محدود ناهن پر ملڪ جي تعليمي نظام، سرڪاري نگراني ۽ انتظامي ذميوارين جي مجموعي صورتحال ڏانهن ڌيان ڇڪائين ٿا. تعليم ڪنهن به سماج جي ترقيءَ جو بنيادي ذريعو آهي، پر تعليمي ادارن ۾ ٻارن جي جان ۽ سلامتيءَ جو تحفظ ان کان به وڌيڪ بنيادي ذميواري آهي. والدين پنهنجن ٻارن کي اسڪولن ۾ ان اعتماد سان موڪلين ٿا ته اتي هو محفوظ رهندا، تعليم حاصل ڪندا ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌندا. جيڪڏهن اسڪولن جون عمارتون ئي ٻارن لاءِ خطري جو سبب بڻجي وڃن ته پوءِ تعليمي ادارن جي انتظامن تي ڪهڙو اعتماد ڪري سگهجي ٿو؟ اسڪولن جو ڪم رڳو نصاب پڙهائڻ، امتحان وٺڻ ۽ نتيجا جاري ڪرڻ ناهي، پر ٻارن لاءِ محفوظ، صحتمند ۽ سازگار ماحول فراهم ڪرڻ به آهي. پاڪستان ۾ تعليمي ادارن جي عمارتن جي حالت بابت وقت بوقت خدشا سامهون ايندا رهيا آهن. ڪيترن ئي هنڌن تي عمارتن جي مرمت نه ٿيڻ، غيرمعياري تعمير، ناقص نگراني ۽ انتظامي لاپرواهيءَ جا مسئلا موجود آهن. خاص طور تي خانگي اسڪولن جي وڌندڙ تعداد سان گڏ اهو ضروري ٿي ويو آهي ته انهن جي رجسٽريشن، عمارتن جي معيار، باهه کان بچاءَ جي انتظامن، هنگامي نيڪاليءَ جي رستن ۽ ٻين حفاظتي ضرورتن کي يقيني بڻايو وڃي. رڳو رجسٽريشن سرٽيفڪيٽ يا اين او سي جاري ڪرڻ ڪافي ناهي؛ لاڳاپيل ادارن کي وقت بوقت معائنو ڪري اهو به ڏسڻو پوندو ته عمارت واقعي ٻارن لاءِ محفوظ آهي يا نه. پشاور جي واقعي کان پوءِ خيبرپختونخوا جي سمورن اسڪولن جي عمارتن جي ٻيهر معائني جو حڪم هڪ ضروري قدم آهي، پر ان تي عملدرآمد ئي اصل اهميت رکي ٿو. جيڪڏهن معائني جو عمل رڳو ڪاغذن تائين محدود رهيو ۽ رپورٽون ذميواري پوري ڪرڻ جي روايت جاري رهي ته اهڙا حادثا ٻيهر به ٿي سگهن ٿا. تنهن ڪري ضروري آهي ته اسڪولن جي عمارتن جي فني معائني لاءِ ماهر انجنيئرن تي ٻڌل ٽيمون جوڙيون وڃن، هر عمارت جي حالت بابت واضح رپورٽ تيار ڪئي وڃي ۽ خطرناڪ عمارتن ۾ تعليم جو سلسلو فوري طور روڪيو وڃي. اهڙين عمارتن جي مرمت يا نئين سر تعمير تائين ٻارن لاءِ متبادل بندوبست ڪرڻ حڪومت ۽ اسڪول انتظاميا جي ذميواري هجڻ گهرجي. هن معاملي ۾ جاچ جو دائرو رڳو اسڪول جي مالڪ تائين محدود نه رهڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن سرڪاري آفيسر يا اهلڪار پنهنجي فرضن ۾ غفلت ڪئي آهي، غيرمحفوظ عمارت کي اجازت ڏني آهي يا معائني جي ذميواري پوري نه ڪئي آهي ته ان کي به قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ڪنهن هڪ شخص کي گرفتار ڪري معاملي کي ختم ڪرڻ سان انصاف جي تقاضا پوري نه ٿيندي. جاچ شفاف، غيرجانبدار ۽ حقيقتن تي ٻڌل هجڻ گهرجي، جڏهن ته ان جا نتيجا عوام آڏو آندا وڃن ته جيئن ذميوارن جو تعين ٿي سگهي ۽ مستقبل ۾ اهڙن واقعن کي روڪڻ لاءِ عملي قدم کنيا وڃن.

## خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي: آئين، وفاق ۽ سياسي بحران


اياز وگهيو

پاڪستان جي سياست هڪ اهڙي مرحلي مان گذري رهي آهي، جتي حڪومت ۽ اپوزيشن وچ ۾ اختلاف رڳو اقتدار تائين محدود ناهن رهيا پر اهي وفاقي نظام، صوبائي خودمختياري، قومي سلامتي ۽ آئين جي بالادستيءَ بابت اهم سوال اٿاري رهيا آهن. خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسيءَ جي معاملي تي قومي اسيمبليءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداريءَ جي تقرير به انهيءَ سياسي بحث جو اهم حصو بڻجي وئي آهي. بلاول پنهنجي خطاب ۾ ايمرجنسيءَ جي آئيني گنجائش جو دفاع ڪندي پي ٽي آءِ جي صوبائي حڪومت تي تنقيد ڪئي پر ساڳئي وقت سياسي ڳالهين جي ضرورت کي به اجاگر ڪيو. 14 آڪٽوبر 2026ع تي قومي اسيمبليءَ ۽ سينيٽ ايمرجنسيءَ جي اعلان جي حمايت ۾ قراردادون منظور ڪيون.

خيبرپختونخوا ڪيترن سالن کان دهشتگرديءَ ۽ بدامنيءَ جي سنگين مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي. هن صوبي جي عوام، پوليس ۽ سيڪيورٽي اهلڪارن وڏيون قربانيون ڏنيون آهن. تنهن ڪري امن امان جو مسئلو ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو نه پر سڄي ملڪ جو گڏيل مسئلو آهي. جيڪڏهن ڪنهن صوبي ۾ دهشتگردي وڌي ٿي ته اُن جا اثر رڳو اُن صوبي تائين محدود نٿا رهن پر قومي معيشت، سيڙپڪاري، عوام جي روزمره زندگي ۽ ملڪ جي مجموعي سلامتيءَ تي به پون ٿا. اُن ڪري وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جي وچ ۾ اثرائتو سهڪار وقت جي اهم ضرورت آهي.

بلاول ڀٽو زرداريءَ پنهنجي تقرير ۾ صوبائي حڪومت جي ڪارڪردگي ۽ وفاق سان سهڪار بابت سوال اٿاريا. سندس موقف موجب، دهشتگرديءَ جي خاتمي لاءِ وفاق ۽ صوبائي حڪومت جي وچ ۾ وڌيڪ تعاون ضروري آهي، ٻئي طرف پي ٽي آءِ وفاقي حڪومت جي قدمن تي اعتراض ڪندي رهي آهي ۽ ان کي صوبائي خودمختياريءَ لاءِ خطرو قرار ڏنو آهي. اهڙي صورتحال ۾ ضروري آهي ته سياسي بيانن کان اڳتي وڌي حقيقتن، سيڪيورٽي ادارن جي رپورٽن ۽ حڪومتي پاليسين جو غيرجانبدارانو جائزو ورتو وڃي، جيئن عوام آڏو اصل صورتحال واضح ٿي سگهي.

هن معاملي جو سڀ کان اهم پاسو آئين جو آرٽيڪل 232 آهي جيڪو جنگ، ٻاهرين جارحيت يا اهڙي اندروني بدامنيءَ جي صورت ۾ ايمرجنسيءَ جي اعلان بابت ضابطا بيان ڪري ٿو جيڪا صوبي جي اختيار ۽ وس کان ٻاهر هجي. خيبرپختونخوا بابت 11 آڪٽوبر 2026ع تي جاري ڪيل ايمرجنسيءَ جي اعلان لاءِ آئين جي آرٽيڪل 232 جي شق (1) جي ٻئي شرط جو حوالو ڏنو ويو، جنهن کانپوءِ قومي اسيمبلي ۽ سينيٽ ان جي منظوري ڏني پر آئين ۾ ايمرجنسيءَ جو اختيار موجود هجڻ جو مطلب اهو ناهي ته هر قدم پاڻمرادو درست قرار ڏئي سگهجي ٿو. ان جي ضرورت، قانوني بنيادن ۽ اثرن جو جائزو وٺڻ ضروري آهي. حڪومت کي واضح ڪرڻ گهرجي ته غيرمعمولي قدم ڇو ضروري ٿيو، جڏهن ته پارليامينٽ جو فرض آهي ته ان جي آئيني گهرجن ۽ نتيجن تي نظر رکي.

ساڳئي وقت آرٽيڪل 234 کي به سمجهڻ ضروري آهي، هيءَ شق ان صورتحال سان لاڳاپيل آهي، جڏهن ڪنهن صوبي جي حڪومت آئين موجب هلائڻ ممڪن نه رهي. اهڙي حالت ۾ صدر، آئين ۾ مقرر طريقيڪار تحت، مخصوص اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو. آرٽيڪل 232 هنگامي حالت بابت آهي، جڏهن ته آرٽيڪل 234 صوبائي آئيني حڪومتي نظام جي ناڪاميءَ بابت آهي. ٻنهي شقن کي هڪجهڙو سمجهڻ قانوني طور درست نه ٿيندو. خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسي ۽ گورنرراج جي قدمن جو جائزو وٺڻ لاءِ لاڳاپيل اعلانن، پارليامانِي منظوري ۽ انهن جي قانوني بنيادن کي الڳ الڳ ڏسڻ ضروري آهي.

پاڪستان هڪ وفاقي ملڪ آهي، جتي صوبائي خودمختياريءَ کي آئيني تحفظ حاصل آهي. وفاقي حڪومت جا اختيار اهم آهن پر انهن جو استعمال به آئين جي مقرر ڪيل حدن اندر ٿيڻ گهرجي. ايمرجنسيءَ جو مقصد عوام جي جان ۽ مال جو تحفظ، امن جي بحالي ۽ غيرمعمولي حالتن کي منهن ڏيڻ هجڻ گهرجي، نه ڪي سياسي مخالفن کي دٻائڻ. اهڙي قدم جي ضرورت، دائري ۽ مدت بابت شفافيت برقرار رکڻ حڪومت جي ذميواري آهي.

بلاول جي خطاب جو هڪ اهم پاسو سياسي ڳالهين جي حمايت هو. جمهوريت ۾ حڪومت ۽ اپوزيشن جا اختلاف فطري آهن پر انهن کي اهڙي سطح تي نه پهچڻ گهرجي، جتي قومي سلامتي ۽ عوام جا بنيادي مسئلا پسمنظر ۾ هليا وڃن. حڪومت کي ڳالهين جا دروازا کليل رکڻ گهرجن جڏهن ته پي ٽي آءِ کي به گهرجي ته دهشتگرديءَ جي خاتمي ۽ امن امان بابت پنهنجي پاليسين تي واضح موقف پيش ڪري. قومي مسئلن تي سهڪار ڪرڻ جو مطلب سياسي اختلاف ختم ڪرڻ نه پر عوامي مفاد کي ترجيح ڏيڻ آهي.

خيبرپختونخوا ۾ مستقل امن لاءِ رڳو ايمرجنسي يا انتظامي قدمن تي ڀاڙڻ ڪافي نه ٿيندو. دهشتگرديءَ جي نيٽ ورڪن خلاف مؤثر ڪارروائي، پوليس جي صلاحيت ۾ اضافو، سرحدي سلامتي، تعليم، روزگار ۽ متاثر علائقن جي ترقي به ضروري آهي. عوام جو اعتماد بحال ڪرڻ ۽ مقامي آباديءَ کي امن جي عمل ۾ شريڪ ڪرڻ ڪانسواءِ ڪنهن به حڪمت عمليءَ جا نتيجا محدود رهي سگهن ٿا.

آخرڪار بلاول ڀٽو زرداريءَ جي تقرير پاڪستان جي سياست آڏو هڪ بنيادي سوال رکي ٿي: ڇا سياسي ترجيحون آئين، قومي سلامتي ۽ عوام جي مفاد کي پنهنجي جماعتن جي اختلافن کان مٿانهون رکي سگهنديون؟ خيبرپختونخوا ۾ ايمرجنسيءَ جي معاملي جو حقيقي معيار اهو هجڻ گهرجي ته ڇا دهشتگردي گهٽجي ٿي، عوام کي تحفظ ملي ٿو، صوبائي خودمختياري برقرار رهي ٿي ۽ سياسي نظام ۾ اعتماد پيدا ٿئي ٿو. پاڪستان جي استحڪام جو رستو آئيني بالادستي، ذميوار حڪمراني ۽ سنجيده سياسي ڳالهين مان ئي گذري ٿو.

## اسان وٽ ڪڏهن ٿامس مور ايندو؟ يا صرف انتظار رهندو!

مير قائم خان ٽالپر

اڄ جي منهنجي گفتگو 16 صديءَ جي مشهور برطانوي مفڪر، فلاسافر وڪيل ٿامس مور جي جوڙيل رهندي، جنهن ۾ اُنهن ٿامس مور جي فڪر جي روشنيءَ ۾ تعليم جي اهميت، ان جي سماجي ڪردار ۽ هڪ مثالي معاشري جي جوڙجڪ کي اوهان جي آڏو پيش ڪندس. 1478ع ۾ انگلينڊ جي شهر لنڊن ۾ جنم وٺندڙ ٿامس مور، آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ جو تعليم يافته هو، هن کي قانون، تاريخ، لاطيني ادب ۽ يوناني فلاسافي تي عبور حاصل هو ٿامس مور انسانيت پسنديءَ جي تحريڪ جو مکيه ستون هو انهي دور ۾ يورپ وڏين تبديلين مان گذري رهيو هو جاگيردارانه نظام زوال پذير هو مذهبي اجاراداري تي سوال اٿي رهيا هئا يعني چوڌاري سائنسي توڙي فڪري بيداريءَ جون هوائون هلي رهيون هيون ٿامس مور پنهنجي دور جي سماجي ناانصافين، غربت، معاشرتي بگاڙ ۽ سخت سزائن وارن قانونن کي تمام ويجهي کان ڏٺو هو هن محسوس ڪيو ته معاشري ۾ جيڪي برايون نظر اچن ٿيون، انهن جو بنيادي ڪارڻ جهالت، غلبي جي هوس ۽ مناسب تعليم جي کوٽ آهي هن سوچيو ته صاحبان حيثيت ۽ عام ماڻهن جي ذهن سازي ڪانسواءِ ڪوبه معاشرو ترقي نٿو ڪري سگهي ۽ پوءِ 16 صديءَ جي هن برطانوي مفڪر، فلسفي، وڪيل ۽ سياستدان ڪجهه سوچيو آخرڪار هي پنهنجي انهي سوچ جي ڪري يورپي رينائسنس يعني نئين سڌاري جي دور جو هڪ روشن ستارو بڻجي ويو سندس فڪر ۽ فلسفو نه رڳو پنهنجي وقت جي سياسي ۽ مذهبي جوڙجڪ جي لاءِ هڪ فڪري چئلينج هو پر اڄ به جديد تعليمي نظام، سماجي انصاف ۽ انساني حقن جي حوالي سان بيحد اهميت رکي ٿو سر ٿامس مور جو سڀ کان وڏو ڪارنامو سندس فلسفيانه ناول "يوٽوپيا" (Utopia) آهي، جنهن ۾ هن هڪ مثالي منصفاڻي ۽ ترقي يافته معاشري جو نقشو چٽيو آهي سر ٿامس مور پنهنجي ناول يوٽوپيا ۾ تعليم جي هڪ جامع ۽ علمي نظام تي گفتگو ڪئي آهي ياد رکو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو ٿامس مور جي ناول يوٽوپيا ۾ بيان ڪيل جيڪو هڪ تصوراتي پر مثالي جزيرو آهي انهي معاشري جو بنياد تعليم تي رکيل آهي، جنهن ۾ هو ٻڌائي ٿو ته يوٽوپين معاشري ۾ تعليم تي ڪنهن خاص طبقن جو حق نه آهي، تعليم کي صرف خاص طبقي تائين محدود رکڻ نه گهرجي بلڪ اها معاشري جي هر ٻار جو بنيادي حق آهي ۽ انهي کي هر ٻار تائين پهچائڻ رياست جي اولين ذميواري آهي يعني ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته تعليم سڀني جي لاءِ آهي جنهن جي نتيجي ۾ يوٽوپيا ۾ مرد ۽ عورتون ٻئي برابريءَ جي بنياد تي تعليم حاصل ڪن ٿا، ٿامس مور جو اهو نظريو انهي دور جي يورپ کان سوين سال اڳتي جو هو جتي عورتن کي پڙهڻ پڙهائڻ جي موقعن کان عام طور تي محروم رکيو ويندو هو سر ٿامس مور جو يقين هو ته عورتن جي تعليم ڪانسواءِ هڪ صحتمند ۽ باشعور نسل جي پيدائش ناممڪن آهي انهي ٿي ڪري عملي ۽ نظرياتي تعليم جي امتزاج تي يوٽوپيا ۾ گهڻو زور ڏنو ويو آهي ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته يوٽوپيا ۾ صرف ڪتابي تعليم تي زور نٿو ڏنو وڃي پر تعليم کي عمل سان جوڙيو وڃي ٿو شاگردن کي سائنس، فلسفي، ادب سان گڏوگڏ زراعت، هنر ۽ هٿ جي ڪم جي تربيت پڻ لازمي طور ڏني وڃي ٿي انهيءَ جو مقصد هڪ اهڙو فرد تيار ڪرڻ آهي جيڪو فڪري طور پڻ باشعور هجي ۽ معاشري جي پيداواري عمل ۾ پڻ حصو وٺي سگهي انهيءَ ڪري سر ٿامس مور 'يوٽوپيا' ۾ مفت تعليم تي گهڻو زور ڀري ٿو ۽ چوي ٿو ته تعليم رياست جي ذميواري آهي ڪنهن کي به تعليم حاصل ڪرڻ کان غربت جي بنياد تي روڪي نٿو سگهجي تعليم ۽ اخلاقي سڌارن جي ذريعي ئي سر ٿامس مور فرد کان معاشري تائين جو سفر طئي ڪري ٿو

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو سر ٿامس مور جي سوچ اها هئي ته تعليم جو بنيادي مقصد صرف روزگار حاصل ڪرڻ يا دولت گڏ ڪرڻ ناهي پر انسان جي اخلاقي تربيت ڪرڻ آهي هن جو چوڻ هو ته جهالت انسان ۾ لالچ غرور ۽ خودغرضي پيدا ڪري ٿي جڏهن ته تعليم انسان ۾ حلم، همدردي، انصاف پسندي ۽ اخلاقي سچائي پيدا ڪري ٿي يوٽوپيا جي معاشري ۾ ڏينهن جو هڪ حصو پڙهائي ۽ علم جي حاصلات لاءِ مختص ڪيو ويو آهي ماڻهو پنهنجي فڪري واڌ ويجهه جي لاءِ فلسفي ۽ سائنس جو مطالعو ڪن ٿا سر ٿامس مور جو فلسفو اهو واضح ڪري ٿو ته جنهن معاشري جا ماڻهو اخلاقي طور زوال پذير هوندا، اتي ڪيترائي سخت قانون ڇو نه هجن امن ۽ سڪون قائم نٿو ٿي سگهي قانون جي حڪمراني تڏهن ئي ڪامياب ٿئي ٿي جڏهن ماڻهو شعوري طور تي اخلاقي قدرن جي پابندي ڪن ٿا ٻين لفظن ۾ آئون ائين چوان ته سر ٿامس مور جي نظر ۾ معاشري ۾ تعليم جو ڪردار برابري ۽ انصاف جو ضامن آهي انهي مان خبر پوي ٿي ته سر ٿامس مور جي فلسفي ۾ تعليم ۽ سماجي انصاف جو گهرو تعلق آهي سندس زماني ۾ انگلينڊ ۾ زمينن تي چند امير جو قبضو هو غريب عوام چوري ڪرڻ تي مجبور هئا ۽ چوري جي سزا موت هئي سر ٿامس مور هن سڄي نظام تي سخت تنقيد ڪئي هن دليل ڏنو ته "توهان پهرين ماڻهن کي پڙهائيءَ کان محروم رکو ٿا، انهن کي غربت جي ڪڏ ۾ اڇلايو ٿا ۽ پوءِ جڏهن اهي پيٽ جي باهه وسائڻ جي لاءِ مجبور ٿين ٿا ته توهان انهن کي ڦاهي چاڙهي ڇڏيو ٿا، انهيءَ جو اصل ذميوار غريب نه پر رياست جو غلط نظام آهي" اڳتي هو چوي ٿو ته تعليم ئي اهو هٿيار آهي جيڪو غريب ۽ امير جي وچ ۾ موجود دوري کي ختم ڪري سگهي ٿو جڏهن هر شهري کي پڙهڻ ۽ سمجهڻ جو برابر موقعو ملندو، تڏهن هو پنهنجن حقن جي لاءِ آواز اٿاري سگهندو ۽ پوءِ هو ڪنهن به استحصالي نظام جو شڪار نه ٿيندو اهڙي طرح تعليم سماجي هم آهنگي ۽ برابريءَ جو سڀ کان وڏو ذريعو آهي. جيڪڏهن اسان سر ٿامس مور جي فڪر کي اڄوڪي دور جي تناظر ۾ ڏسون ته اسان کي اندازو ٿيندو ته سندس خيالن ۾ ڏٺل تعليمي نظام کان اڄ به اسين اوترا ئي پري آهيون. جيترو سر ٿامس مور جي دور ۾ هياسين اڄ جي جديد دنيا ۾ اسان وٽ ٽيڪنالاجي، اسڪول ۽ يونيورسٽيون ته گهڻيون آهن پر اسان جو تعليمي نظام اڃا ارتقائي منزلون طئي ڪندي نظر اچي رهيو آهي منهنجا پڙهندڙ نوجوانو اڄ تعليم هڪ ڪاروبار بڻجي چڪي آهي جتي معياري تعليم صرف انهن جي لاءِ آهي جيڪي ڳرين فين جي شڪل ۾ انهيءَ جي قيمت ادا ڪري سگهن ٿا، تعليم جو اهو نظام سر ٿامس مور جي تعليمي مساوات واري نظريي جي بلڪل ابتڙ آهي

آخر ۾ پنهنجي پڙهندڙ نوجوانن جي لاءِ اهو عرض ڪندو هلان ته اڄ جي تعليمي نصاب ۾ سنڌون ۽ عملي مهارتون ته شامل آهن پر انساني همدردي، اخلاقيات ۽ تنقيدي سوچ کي تمام گهٽ اهميت ملي رهي آهي سر ٿامس مور جو نظريو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته صرف سنڌون حاصل ڪرڻ سان ڪو معاشرو مهذب نٿو بڻجي سگهي. جيستائين اتي جي نوجوانن جي ڪردار سازي نه ٿئي ياد رکو منهنجا نوجوانو سر ٿامس مور جو فلسفو اسان کي اهو درس ڏئي ٿو ته تعليم صرف نوڪري حاصل ڪرڻ جو ذريعو ناهي پر هي انساني ذهن جي آزادي، سماجي تبديلي ۽ اخلاقي ارتقا جو سڀ کان طاقتور هٿيار آهي هڪ مثالي ۽ برابريءَ تي ٻڌل معاشري جي جوڙجڪ جي لاءِ اهو ضروري آهي ته رياست پنهنجي شهرين کي بغير ڪنهن تفريق جي بهترين تعليم فراهم ڪري اڄ اسان ترقيءَ جي ڊوڙ ۾ دنيا کان گهڻو پٺيان رهيل آهيون، اسان هر مهيني چنڊ ڏسڻ جي معاملي ۾ دست و گريبان نظر ايندا آهيون، جڏهن ته دنيا انهيءَ ئي چنڊ تان پنهنجا پير گهمائي زمين تي واپس اچي چڪي آهي افسوس جو اسان اڄ به چنڊ ڏسڻ جي معاملي ۾ منتشر نظر ايندا آهيون. انهيءَ کان علاوه اسان اڄ به پنهنجي مختلف نظامن ۾ قائل ٿا ڏسجون. اسان انهن نظامن مان پوريءَ طرح اڃا ڪنڊ ڪڍائي نه سگهيا آهيون جڏهن اسان پنهنجو پاڻ کي ڏسون ٿا ته اسان کي اهو احساس ٿئي ٿو ته مغرب اسان کان گهڻو اڳيان نڪري چڪو آهي مغرب جي ترقيءَ جو ڪرشمو صرف سائنس ۽ ٽيڪنالاجيءَ کي ئي قرار نٿو ڏئي سگهجي، هنن جي ترقيءَ جو بنياد هنن جو معاشرو آهي، جنهن جو بنياد سر ٿامس مور جهڙن دوراندیش ماڻهن جو رکيل آهي، جيڪو ترقيءَ جون منزلون طئي ڪرڻ جي لاءِ تعليم کي طبقاتي نظام ۾ نٿو ورهائي ياد رکو جديد علم حاصل ڪرڻ کان سواءِ اسان تاريخ جي ميدانن ۾ صرف ٿيپون هڻندا رهجي ويندا سين ڇو ته ڪيستائين اسان پنهنجي ماضيءَ جي ڪاميابين تي فخر ڪندا رهنداسين؟ اسان جيڪڏهن شروع کان ئي پنهنجي تعليمي نظام کي معاشري ۾ اهڙو مقام ڏيندا اچون ها ته شايد اسان اڄ دنيا جي ترقي يافته ملڪن جي فهرست ۾ سڀ کان مٿي نظر اچون ها، ياد رکو اسان جي شاگردن جو جديد علم کان ۽ حالاتِ حاضره کان واقف هجڻ تمام ضروري آهي ليڪن اسان جي بدنصيبي اها آهي ته اسان پنهنجي معاشري ۾ تعليم کي اهو مقام اڄ تائين ڏئي نه سگهيا آهيون. جيڪو اسان کي ڏيڻ کپندو هو، جيڪڏهن اسان صحيح معنيٰ ۾ جديد تعليم پنهنجن شاگردن کي ڏيون ها ته اڄ اسان جي نوجوانن جو مستقبل پڻ روشن هجي ها اسان جڏهن اهڙن مسئلن تي گفتگو ڪريون ٿا ته پوءِ اسان جو ماضي حال ۽ مستقبل تي نظر رکڻ ضروري هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ائين نٿو ڪيو وڃي ته پوءِ مايوسين جو منهن ڏسڻو پوي ٿو. جنهن مسئلي تي غور ڪجي ٿو ته انهيءَ جي مختصر تاريخ اسان جي اڳيان هجڻ کپي ۽ خاص ڪري اهڙي مسئلي تي غور ڪرڻ جنهن ۾ نوجوانن سان گڏوگڏ ملڪ و ملت جي حال ۽ مستقبل جو سوال هجي جيڪڏهن اسان هڪ پُرامن، ناانصافين کان پاڪ ۽ ترقي يافته معاشري جو خواب ڏسون ٿا ته پوءِ اسان کي سر ٿامس مور جي فڪر ڏانهن موٽڻو پوندو، هڪ اهڙو نظام پنهنجي معاشري ۾ رائج ڪرڻو پوندو جتي علم سڀني جي لاءِ برابر دستياب هجي، جتي قانون انصاف جا پوئلڳ هجن ۽ جتي تعليم انسان کي صرف ڪم ڪرڻ واري مشين نه پر هڪ حساس، باشعور ۽ ذميوار شهري بڻائي

## سنڌ کي مصنوعي ذهانت تي ٻڌل ڊجيٽل صوبو بڻائڻ لاءِ اهم اڳڀرائي

سنڌ کي پاڪستان جو پهريون مصنوعي ذهانت (اي آءِ) تي ٻڌل ڊجيٽل صوبو بڻائڻ لاءِ سنڌ حڪومت ۽ عالمي ٽيڪنالاجي ڪمپني هواوي وچ ۾ اهم اڳڀرائي ٿي آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي چين ۾ هواوي جي دوري دوران ٻنهي ڌرين وچ ۾ مفاهمتي يادداشت تي صحيحون ڪيون ويون آهن، جنهن جو مقصد سرڪاري نظام کي جديد ٽيڪنالاجيءَ سان هم آهنگ ڪرڻ، انتظامي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ ۽ شهرين کي جديد سهولتون فراهم ڪرڻ آهي. معاهدي تحت سنڌ ۾ سرڪاري معاملن کي مڪمل طور ڊجيٽل بڻائڻ، صوبائي ڪلائوڊ نظام، ڊيٽا سينٽرن ۽ جديد ڊجيٽل ڍانچي جي ترقيءَ لاءِ سهڪار ڪيو ويندو ان ڪانسواءِ مصنوعي ذهانت، ڪلائوڊ ڪمپيوٽنگ، سمارٽ سٽين ڊجيٽل گورننس ۽ مصنوعي ذهانت تي ٻڌل سمارٽ پارڪن جي قيام لاءِ پڻ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون. ان قدم سان سرڪاري ادارن جي ڪم ڪار ۾ تيزي، معلومات تائين آسان رسائي ۽ عوامي خدمتن جي فراهميءَ ۾ بهتري اچڻ جي اميد آهي

وڏي وزير سيد مراد علي شاهه ٽيڪنالاجيءَ جي رڳو خريداريءَ بدران گڏيل طور جديد ٽيڪنالاجي تيار ڪرڻ، مقامي صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ ۽ نوجوانن کي ڊجيٽل مهارتن جي تربيت ڏيڻ تي زور ڏنو آهي. ان سلسلي ۾ سنڌ حڪومت ۽ هواوي وچ ۾ نوجوانن جي فني تربيت لاءِ سهڪار پڻ ڪيو ويندو ترجمان وڏي وزير موجب، ايس آءِ ايف سي ۽ هواوي جي گڏيل قدم تحت ٽي لک پاڪستاني نوجوانن کي تربيت ڏيڻ جو هدف رکيو ويو آهي. اهڙي تربيت نوجوانن لاءِ روزگار جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ ۽ کين عالمي ڊجيٽل مارڪيٽ جي گهرجن مطابق تيار ڪرڻ ۾ مددگار ثابت ٿي سگهي ٿي. وڏي وزير ڪراچيءَ جهڙي وڏي آباديءَ واري شهر ۾ ڊيٽا جي بنياد تي سمارٽ گورننس متعارف ڪرائڻ جي ضرورت تي پڻ زور ڏنو آهي جديد ٽيڪنالاجيءَ ذريعي ٽريفڪ، صفائي، پاڻيءَ جي فراهمي ۽ ٻين شهري مسئلن جي بروقت نشاندهي ڪري انتظامي فيصلا وڌيڪ اثرائتا بڻائي سگهجن ٿا.

سنڌ کي ڊجيٽل صوبو بڻائڻ جو منصوبو جديد ترقيءَ ڏانهن هڪ اهم قدم آهي، پر ان جي ڪاميابيءَ لاءِ رڳو معاهدن ۽ اعلانن بدران عملي نتيجا ضروري آهن ڊيٽا جي تحفظ، سائبر سيڪيورٽي، شفافيت ۽ سڀني شهرين تائين ڊجيٽل سهولتن جي پهچ کي يقيني بڻائڻو پوندو. جيڪڏهن منصوبي تي سنجيدگيءَ سان عمل ٿيو ته سنڌ ۾ سرڪاري خدمتن جي معيار، نوجوانن جي فني صلاحيتن ۽ شهري انتظام ۾ نمايان بهتري اچي سگهي ٿي.

شاهزيب ڏيٿو

## پاڪستان: اهم معدنيات جو اڀرندڙ عالمي مرڪز

ذيشان زيدي

پاڪستان پنهنجي معدني وسيلن واري شعبي کي ترقي وٺرائڻ جي هڪ نئين مرحلي ۾ داخل ٿي رهيو آهي دنيا ۾ ٽامي، سون، ڪروميٽ، لٿيم ۽ ناياب معدنيات جي گهرج وڌي رهي آهي، جنهن سبب پاڪستان لاءِ سيڙپڪاري، روانگي واپار ۽ روزگار جا نوان موقعا پيدا ٿي رهيا آهن پاڪستان ۾ معدنيات جا وسيع ذخيرا موجود آهن ۽ ملڪ جي جاگرافيائي بيهڪ ان کي وسيع ٽيڪٽونڪ ۽ معدني پٽيءَ جو حصو بڻائي ٿي. جيڪا دنيا جي ٽامي ۽ سون جي اهم علائقن ۾ شمار ٿئي ٿي پاڪستان ۾ 92 معدنيات جي موجودگيءَ جي ڄاڻ آهي جن مان 52 معدنيات تجارتي بنيادن تي ڪڍيون پيون وڃن انسٽيٽيوٽ آف ڪاسٽ اينڊ مئنيجمينٽ اڪائونٽنٽس آف پاڪستان (آءِ سي ايم اي پي) موجب، پاڪستان جي معدني ذخيرن جي ماليت جو ڪاٿو لڳ ڀڳ 8 کرب آمريڪي ڊالر آهي، جيڪي لڳ ڀڳ 6 لک چورس ڪلوميٽرن جي ايراضيءَ ۾ پکڙيل آهن معدني وسيلن جو هي وسيع ذخيرو ملڪ ۾ کاڻين واري شعبي جي غيرمعمولي معاشي صلاحيت کي ظاهر ڪري ٿو آءِ سي ايم اي پي موجب، پاڪستان جي مجموعي ملڪي پيداوار (جي ڊي پي) ۾ کاڻين واري شعبي جو حصو 3 سيڪڙو کان به گهٽ رهيو آهي، جيڪو هن شعبي جي اصل صلاحيت جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي اداري جي ڪاٿي موجب، جيڪڏهن حڪمرانيءَ جو نظام بهتر بڻايو وڃي ۽ سلامتيءَ جا اثرائتا انتظام ڪيا وڃن ته پاڪستان جي سالياني معدني روانگي واپار جي ماليت لڳ ڀڳ 3 ارب ڊالرن مان وڌائي 8 ارب ڊالرن تائين پهچائي سگهجي ٿي، جڏهن ته ملڪ جي معاشي واڌ جي شرح به لڳ ڀڳ 3 سيڪڙو مان وڌي 6 سيڪڙو تائين ٿي سگهي ٿي ان مقصد لاءِ پاڪستان کي جديد ٽيڪنالاجي بهتر بنيادي ڍانچي، سيڙپڪاري، معدنيات بابت تحقيق ۽ علمي ڪمپنين سان سهڪار جي ضرورت آهي

**ريڪو ڊڪ ٽامي ۽ سون جو منصوبو:** بلوچستان جي ضلعي چاغيءَ ۾ واقع ريڪو ڊڪ دنيا جي ٽامي ۽ سون جي سڀ کان وڏن ذخيرن وارن علائقن مان هڪ آهي. ريڪو ڊڪ منصوبي ۾ بئرڪ مائننگ جو 50 سيڪڙو حصو، بلوچستان حڪومت جو 25 سيڪڙو حصو جڏهن ته وفاقي حڪومت جي ٽن ادارن، آئل اينڊ گئس ڊيولپمينٽ ڪمپني (او جي ڊي سي)، پاڪستان پيٽروليم لميٽيڊ (پي پي ايل) ۽ گورنمينٽ هولڊنگز پرائيويٽ لميٽيڊ (جي ايڇ پي ايل) جو گڏيل طور 25 سيڪڙو حصو آهي. فيبروري 2025ع ۾ بئرڪ ڪمپني ريڪو ڊڪ منصوبي بابت نئين سر تيار ڪيل امڪاني فني ۽ معاشي جائزي جي مڪمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو ريڪو ڊڪ پاڪستان جي معيشت ۾ اهم ڪردار ادا ڪندڙ منصوبو بڻجڻ وارو آهي، جنهن جا بلوچستان جي معيشت تي به ڊگهي مدي وارا اثر پوڻ جي اميد آهي.

نئين فني ۽ معاشي جائزي موجب، ريڪو ڊڪ منصوبي مان معدنيات ڪڍڻ جو امڪاني مدو 37 سال آهي جڏهن ته مجموعي سيڙپڪاريءَ جو ڪاٿو 8.83 ارب ڊالر لڳايو ويو آهي منصوبو ٻن مرحلن ۾ مڪمل ڪيو ويندو جنهن جي پهرئين مرحلي تي لڳ ڀڳ 5.6 کان 6 ارب ڊالر خرچ ٿيندا منصوبي مان معدنيات جي پيداوار 2028ع جي پڇاڙيءَ تائين شروع ٿيڻ جي اميد آهي پهرئين مرحلي ۾ هر سال 4 ڪروڙ 50 لک ٽن خام معدني مواد کي ڪتب آڻڻ لاءِ تيار ڪيو ويندو جنهن مان ساليانو لڳ ڀڳ 2 لک 40 هزار ٽن ٽامو ۽ 2 لک 97 هزار اونس سون پيدا ٿيڻ جو امڪان آهي منصوبي جي ٻئي مرحلي جي شروعات 2034ع ۾ ٿيڻ جي اميد آهي جنهن کان پوءِ معدني مواد کي ڪتب آڻڻ جي صلاحيت ٻيڻي ٿي هر سال 9 ڪروڙ ٽن ٿي ويندي ٻئي مرحلي جي شروعاتي ڏهن سالن دوران ساليانو سراسري پيداوار لڳ ڀڳ 4 لک 60 هزار ٽن ٽامو ۽ 5 لک 20 هزار اونس سون رهڻ جو امڪان آهي فني ۽ معاشي جائزي موجب، ريڪو ڊڪ ۾ لڳ ڀڳ 3 ارب ٽن معدني مواد جا امڪاني ذخيرا موجود آهن جن ۾ اندازي موجب ڏيڍ ڪروڙ ٽن ٽامو ۽ 2 ڪروڙ 60 لک اونس سون شامل آهي بئرڪ ڪمپنيءَ جي ڪاٿي موجب، معدنيات ڪڍڻ واري سڄي مدي دوران هي منصوبو لڳ ڀڳ 90 ارب ڊالرن جو هلندڙ ڪاروباري ناڻو ۽ 70 ارب ڊالرن جو خالص آزاد ناڻو پيدا ڪري سگهي ٿو

ريڪو ڊڪ بلوچستان ۾ پرڏيهي سڌي سيڙپڪاريءَ جو سڀ کان وڏو منصوبو ۽ پاڪستان جي وڏن سيڙپڪاري منصوبن مان هڪ آهي عالمي مالياتي ادارن ريڪو ڊڪ منصوبي لاءِ 2.6 ارب ڊالرن کان وڌيڪ ماليت جو مالي سهڪار تيار ڪيو آهي ايشيائي ترقياتي بئنڪ آگسٽ 2025ع ۾ 410 ملين ڊالرن جي مالي سهڪار جي منظوري ڏني جنهن ۾ 300 ملين ڊالرن جو قرض ۽ بلوچستان جي حصيداريءَ لاءِ 110 ملين ڊالرن جي ضمانت شامل آهي انٽرنيشنل فنانس ڪارپوريشن (آءِ ايف سي) ۽ انٽرنيشنل ڊيولپمينٽ ايسوسيئيشن (آءِ ڊي اي) جون 2025ع ۾ 700 ملين ڊالرن جي قرض جي منظوري ڏني جڏهن ته آمريڪي ايڪسپورٽ امپورٽ بئنڪ ڊسمبر 2025ع ۾ 1.25 ارب ڊالرن جي مالي سهڪار جي منظوري ڏني آمريڪي عملدارن موجب، ان قدم سان آمريڪي کاڻين ۾ استعمال ٿيندڙ اوزارن جي روانگي واپار ۾ 2 ارب ڊالرن تائين واڌ ممڪن ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته ٻنهي ملڪن ۾ لڳ ڀڳ 13,500 ماڻهن جي روزگار کي هٿي ملي سگهي ٿي منصوبي جي مڪمل طور ڪم شروع ڪرڻ کان پوءِ پهرئين سال جي روانگي واپار مان لڳ ڀڳ 2.8 ارب ڊالرن جي آمدني ٿيڻ جي اميد آهي

**عالمي گهرج ۽ پاڪستان کي مقامي فائدو:** صنعتي کاڻين موجب، بجليءَ جي وڌندڙ گهرج ۽ معيشت جي بجليءَ تي ڀاڙڻ سبب 2035ع تائين دنيا ۾ ٽامي جي گهرج 24 سيڪڙو وڌي، هر سال 4 ڪروڙ 27 لک ٽن تائين پهچڻ جو امڪان آهي. بين الاقوامي توانائي ايجنسي (آءِ اي اي) موجب، مصنوعي ذهانت تي هلندڙ ڊيٽا مرڪزن ۾ بجليءَ جي وڌندڙ گهرج هن رجحان کي وڌيڪ تيز ڪندي. يورپي اتحاد ۽ آمريڪا پاران ناياب زميني عنصرن جي فراهميءَ جا ذريعا وڌائڻ لاءِ ڪوشش سبب معدنيات جا نوان ۽ پروسيس جوڳا ذريعا وڌيڪ اهم بڻجي ويا آهن. پاڪستان ۾ کاڻين جي کوٽائيءَ جي تاريخ ريڪو ڊڪ کان به پراڻي آهي. چين جي سهڪار سان هلندڙ سينڊڪ ٽامي ۽ سون جي منصوبي جي تاريخ 1950ع واري ڏهاڪي ۾ بلوچستان ۾ ڪيل فضائي سروي ۽ 1960ع واري ڏهاڪي ۾ جيالاجيڪل سروي آف پاڪستان پاران معدنيات جي ڳولا تائين پکڙيل آهي. 8 سيپٽمبر 2025ع تي پاڪستان جي فرنٽيئر ورڪس آرگنائيزيشن (ايف ڊبليو او) ۽ آمريڪي رياست ميسوريءَ ۾ قائم يو ايس اسٽريٽجڪ ميٽلز (يو ايس ايس ايم) وچ ۾ اهم معدنيات، جن ۾ ناياب زميني عنصر به شامل آهن، جي ترقي، صفائي ۽ تياريءَ جي عمل ۽ آمدرفت جي سهولتن بابت ٻن مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون. هن ٺاهه جو مقصد بچاءَ، هوابازيءَ ۽ ٽيڪنالاجيءَ جي صنعتن لاءِ ضروري مختلف اهم معدنيات جي شعبي ۾ سهڪار جو ڍانچو قائم ڪرڻ آهي. وزيراعظم آفيس موجب، هن سهڪار تحت پاڪستان ۾ موجود معدنيات، جن ۾ اينٽيموني، ٽامو، سون، ٽنگسٽن ۽ ناياب زميني عنصر شامل آهن، جي روانگي واپار کي ترت شروع ڪيو ويندو

**پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم 2026ع**

پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم (پي ايم آءِ ايف) حڪومت جو هڪ اهم پليٽفارم آهي، جنهن جو مقصد پاڪستان جي معدنيات واري شعبي ۾ سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏيڻ ۽ ملڪ کي عالمي سيڙپڪارن، کاڻين جي ڪمپنين، مالياتي ادارن ۽ ٽيڪنالاجي فراهم ڪندڙن سان ڳنڍڻ آهي هي فورم پاليسي جوڙيندڙن ۽ صنعتي اڳواڻن کي هڪ ئي پليٽفارم تي گڏ ڪري ٿو ته جيئن پاڪستان جي معدني صلاحيت کي اجاگر ڪري سگهجي، پائيداري ۽ سيڙپڪاريءَ کي هٿي ڏئي سگهجي ۽ معدنيات جي شعبي ۾ پائيدار ترقيءَ سان گڏوگڏ شين جي ماليت وڌائڻ واري عمل کي اڳتي وڌائي سگهجي پاڪستان منرلز انويسٽمينٽ فورم جي پهرئين اجلاس پي ايم آءِ ايف 25، ۾ 50 کان وڌيڪ ملڪن جي 5 هزار نمائندن شرڪت ڪئي ان موقعي تي 16 مفاهمتي يادداشتن تي صحيحون ڪيون ويون جڏهن ته 18 گڏيل بحثن جا اجلاس پڻ ٿيا پي ايم آءِ ايف 26 ۾ منصوبن جي واڌ ويجهه، معدنيات جي ڳولا، جديد ٽيڪنالاجي، شين جي ماليت وڌائڻ ۽ سيڙپڪاريءَ تي وڌيڪ ڌيان ڏيڻ جي اميد آهي

## اڄوڪو ڏينهن ——— 17 آڪٽوبر

### ڊاڪٽر نذر حسين سڪندري



هن مشهور ديني عالم ۽ اديب جي ولادت 17 آڪٽوبر 1956ع تي تعلقي ٺري ميرواهه ضلعي خيرپور ميرس جي ڳوٺ مولا بخش شر ۾ ٿي. هن شاهپور چاڪر جي صبغة الهديٰ مدرسي ۾ ابتدائي ديني تعليم حاصل ڪئي، بعد ۾ شهدادپور ويجهو سومر فقير هنگوري جي ڳوٺ ۾ قائم صبغة الفيض مدرسي مان علم جي اڃ اجهايائين. اڳتي هلي جامعه راشديه پيرڳوٺ ۾ سندس دستاربندي ٿي. هن مولوي عالم ۽ فاضل عربڪ جا امتحان پاس ڪيا ۽ مولانا غلام مصطفيٰ قاسميءَ جي سرپرستيءَ ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند حاصل ڪئي. مدرسن مان فارغ التحصيل ٿيڻ بعد شاهپور چاڪر ۾ درس ڏيڻ شروع ڪيائين. پاڻ "ماهوار الهديٰ" رسالي جي ايڊيٽر طور ڪم ڪيائين ۽ ڪجهه ڪتابن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. هو هڪ پروفيسر طور رٽائر ٿيو.

### پُون ڪمار ماتا

پون ڪمار ماتا هندستان جو مشهور سنڌي ڪلاڪار آهي. هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1959ع ۾ هندستاني رياست مهاراشٽر جي هڪ ننڍڙي ڳوٺ دونڊائيچا (Dondaicha) ۾ ٿيو پر اڄڪلهه احمدآباد ۾ رهي ٿو. هو بئنڪ جو هڪ رٽائرڊ آفيسر آهي. هن مشهور راڳيءَ محمد رفيع جي آواز کان متاثر ٿي ڳائڻ شروع ڪيو. هن هڪ ڪلاڪار ۽ موسيقار طور پنهنجي سڃاڻپ پيدا ڪئي آهي. هن 2 سئو 50 کان وڌيڪ گيتن، غزلن ۽ ڪلامن جون ڌنون ٺاهيون آهن ۽ هندستان کان علاوه دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري داد حاصل ڪيو آهي. کيس ڪيترن ئي انعامن ۽ اعزازن سان پڻ نوازيو ويو آهي.

### نوڙهي ڦاٽڪ جا شهيد

17 آڪٽوبر 1984ع جو ڏينهن قوم پرست

تحريڪ جي تاريخ جو هڪ بدترين ڏينهن آهي. هن ڏينهن تي سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي ۽ لياقت ميڊيڪل ڪاليج جا شاگرد جامشوري کان چانڊڪا ميڊيڪل ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ جساف پاران رکيل سيمينار ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ بس ۾ وڃي رهيا هئا ته نوڙهي ڦاٽڪ وٽ رڪاوٽون کڙيون ڪري بيگناهه شاگردن تي انڌاڌنڌ فائرنگ ڪئي وئي، جنهن ۾ 5 نوجوان پنهنجيون حياتيون وڃائي ويٺا. انهن پنجن نوجوانن ۾ مالڪ خشڪ، ذڪريا ميمڻ، انور عباسي، امان الله وسطڙو ۽ مٺو بليدي شامل هئا.

**شهيد عبدالمالڪ خشڪ:** مهراڻ يونيورسٽيءَ جو شاگرد هو. هن جو جنم 20 جون 1964ع تي تعلقي گهوڙا ٻاري ضلعي ٺٽي جي ڳوٺ درويش ۾ ٿيو. پهرئين درجي کان ٻارهين درجي تائين ٺٽي ۾ پڙهيو. ننڍي هوندي کان ئي قوم پرست تحريڪ سان لاڳاپيل رهيو. هو اڃا چوٿين درجي ۾ پڙهندو هو جڏهن هن 4 مارچ جي جلسي جي اڳواڻي ڪئي هئي. 14 سالن جي عمر ۾ شيرين سومرو واري واقعي خلاف هڪ جلوس جي اڳواڻي ڪيائين، جنهن ڪري کيس گرفتار ڪري جيل اماڻيو ويو. سياسي سرگرمين ۾ سرگرم رهڻ باوجود هو هڪ هونهار ۽ پڙهاڪو شاگرد هو. شهادت وقت هو مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ ٻئي سال جو شاگرد هو.

**شهيد ذڪريا ميمڻ:** شهيد ذڪريا ميمڻ جو واسطو سجاول ضلعي جي شهر دڙي سان هو. هن پرائمري تعليم دڙي مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان ماڊل اسڪول حيدرآباد مان پاس ڪيو. هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپيل هو ۽ شهادت وقت مهراڻ يونيورسٽيءَ ۾ پڙهي رهيو هو.

**شهيد انور علي عباسي:** هيءَ شهادت وقت سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ماسٽر آف بزنس ايڊمنسٽريشن جو هونهار شاگرد هو. هن جو جنم قمبر شهدادڪوٽ جي ڳوٺ پکي ۾ ٿيو. هن گورنمينٽ هاءِ اسڪول وڳڻ مان مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو ۽ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دادوءَ مان ٻارهين ڪلاس جو امتحان پاس ڪيو. ڪاليج ۾ پڙهڻ دوران ئي هو جيئي سنڌ اسٽوڊنٽس فيڊريشن سان لاڳاپجي ويو. گڏوگڏ هو هڪ سٺو اديب به هو. هن وڳڻ ڳوٺ جي تاريخ لکي ۽ ماهوار اخبار سنڌوءَ ۾ ڪيترائي ڪالم لکيا. هو لطيف ادبي سنگت جو جنرل سيڪريٽري پڻ رهيو.

**شهيد امان الله وسطڙو:** شهيد امان الله وسطڙو 1958ع ڌاري نوشهري فيروز ضلعي جي ڳوٺ مڇر ۾ ڄائو. هن ابتدائي تعليم موري مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول سنجهوري مان پاس ڪيو. شهادت وقت هو سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ ايم ايس سي جيالاجيءَ جو شاگرد هو.

**شهيد محمد مٺل بليدي:** شهيد محمد مٺل بليدي سنڌ يونيورسٽيءَ جي هاسٽلن جو چوڪيدار هو. هن جو جنم 1953ع ڌاري سنڌ يونيورسٽي ڪالونيءَ ۾ ٿيو. سندس والد به سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ پٽيوالو هو.

مختيار انڙ

### حڪيم محمد سعيد



اڄ مشهور حڪيم، سياستدان ۽ ليکڪ حڪيم محمد سعيد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هو 9 جنوري 1920ع تي دهليءَ ۾ پيدا ٿيو. هن عربي، فارسي، اردو ۽ قرآن جي تعليم دهليءَ مان حاصل ڪئي. هن دهلي يونيورسٽيءَ مان بي فارميسي ۽ ميڊيسنل ڪيمسٽريءَ ۾ بي ايس سي جون سنڌون حاصل ڪيون. اڳتي هلي فارميسيءَ ۾ ايم ايس سي جي سند به حاصل ڪيائين. تعليم مڪمل ڪرڻ بعد پنهنجي مائٽن پاران قائم ڪيل 'همدرد وقف ليبارٽريز' سان لاڳاپجي ويو ۽ حڪمت جي پيشي کي ملڪان ملڪ مشهور ڪيائين. 1947ع ۾ ڪراچيءَ ۾ اچي رهيو ۽ اتي 'همدرد ليبارٽريز' قائم ڪيائين. هن انقره يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ ڊي جي سند به حاصل ڪئي. 1953ع کان 1963ع تائين هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي فارميسي شعبي ۾ ايسوسيئيٽ پروفيسر طور ڪم ڪيو. 1985ع ۾ هن 'همدرد يونيورسٽيءَ' جو بنياد رکيو ۽ پاڻ انهيءَ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بڻجي ڪم ڪيائين. هو هڪ وڏو ليکڪ، ڪالم نگار ۽ صحافي پڻ هو. هن لڳ ڀڳ 2 سئو ڪتاب لکيا. ڪيترن ئي رسالن جي ايڊيٽر طور به ڪم ڪيائين. انهن رسالن ۾ پيامي، همدرد نونهال، همدرد صحت، همدرد اسلاميڪس ۽ ٻيا ڪيترائي رسالا شامل آهن. هن 19 جولاءِ 1993ع کان 23 جنوري 1994ع تائين سنڌ جي 20هين گورنر طور ذميداريون سنڀاليون. هن کي 17 آڪٽوبر 1998ع تي ڪجهه نامعلوم شريسندن شهيد ڪري ڇڏيو.

### اندرا واسواڻي



سنڌي ٻوليءَ جي هن مهان ليکڪا ۽ بهترين استادياڻيءَ جو جنم 21 آگسٽ 1936ع تي ميرپورخاص ۾ ٿيو ورهاڱي کان پوءِ پنهنجي مائٽن سان گڏ هندستان جا وڃي وسايائين. هن ايم اي ۽ بي ايڊ جون سنڌون حاصل ڪيون ۽ اسڪول ٽيچر طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي. هن گانڌيڌام جي اسڪول جي ايس آدرش ڪنيا مها وديالي مان رٽائر ڪيو. هن جو شمار گانڌيڌام جي بهترين استادن ۾ ٿيندو هو. 1994ع ۾ کيس نيشنل ايوارڊ فار ٽيچرس ۽ 1995ع ۾ هندستان جي صدر پاران بيسٽ ٽيچر ايوارڊ سان نوازيو ويو. سنڌي ادبي کيتر ۾ هوءَ هڪ برک ڪهاڻيڪاره جي حيثيت ۾ مشهور آهي. هن لڳ ڀڳ 52 ڪهاڻيون لکيون. سندس ڪتابن ۾ "نالو"، "منجري"، "ٽڙ"، "مٽيءَ کان مٽيءَ تائين" ۽ ٻيا ڪتاب شامل آهن. هن جي ڪيترن ئي ڪهاڻين جا ترجما هندستان جي مختلف مقامي ٻولين ۾ ٿي چڪا آهن. هوءَ هڪ ڪهاڻيڪاره هجڻ سان گڏ هڪ بهترين ڳلوڪاره پڻ هئي. ان سان گڏ هن ريڊيو ڊرامن ۾ هڪ اداڪاره ۽ صداڪاره طور پڻ ڪم ڪيو. هن مهان ليکڪا 17 آڪٽوبر 2012ع تي اسان کان هميشه لاءِ موڪلايو.

### لالا ڪرم علي خان پٺاڻ



لالا ڪرم علي خان پٺاڻ چڪ شهر جو مشهور ذاڪر ۽ نيڪ سيرت انسان هو. هن جو جنم 15 فيبروري 1932ع ۾ مهردل پٺاڻ جي گهر چڪ شهر ۾ ٿيو. هن پنهنجي جنم واري شهر مان سنڌي فائنل جو امتحان پاس ڪيو. هو 1950ع ۾ پرائمري اسڪول جو استاد مقرر ٿيو ۽ 1992ع ۾ رٽائر ٿيو. هن کي اسلامي ڪتابن پڙهڻ جو تمام گهڻو شوق هو ۽ سندس ذاتي ڪتب خاني ۾ قرآن شريف جا مختلف عالمن جا لکيل تفسير ۽ ٻيا ڪيترائي ناياب اسلامي ڪتاب موجود هئا. هن 1965-66ع ڌاري ذاڪري شروع ڪئي. ذاڪريءَ ۾ ذاڪر سيد ضمير حسين شاهه ڪوٽ ڏيجيءَ وارو سندس استاد هو. هن جو مجلس پڙهڻ جو انداز تمام درديلو هوندو هو ۽ پنهنجي ذڪر ۾ قرآن شريف جي آيتن جا حوالا ۽ شاهه جا شعر پڙهي ٻڌندڙن جي دلين تي هڪ عجيب ڪيفيت طاري ڪري ڇڏيندو هو. پاڻ چڪ جي "انجمن قافلهٔ ساداتِ اسيرانِ شام" جو هڪ ڊگهي عرصي تائين خزانچي رهيو. ان کان علاوه "انجمن اڪبريه چڪ" جو پڻ سرگرم ڪارڪن رهيو. جيتوڻيڪ پاڻ شاعر نه هو پر اهلبيت جي حُب ۾ ڪجهه مرثيا جوڙيا هئائين، جيڪي پنهنجي پُرسوز آواز ۾ جهونگاريندو هو. هن 17 آڪٽوبر 2013ع تي دم ڏاتيءَ حوالي ڪيو.

# CLASSIFIED ADVERTISMENT

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد**
**فيملي سوٽ نمبر 1656 سال 2026**
مسمات عليزه ڌيءِ طالب حسين ذات سومرو رهندڙ وحدت ڪالوني قاسم آباد ..پلينٽف ...بخلاف.. امجد علي ولد قادر بخش لاڙڪ رهندڙ گهر نمبر 1666-A گلشن حديد فيز 2 ملير ڪراچي ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري ڏاج امائونٽ، ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج V حيدرآباد**
**ايگزيڪيوشن درخواست نمبر سال 2026**
**فيملي سوٽ نمبر 917 سال 2025**
مينا ڌيءِ راڄو ڄل پورو هندو بالغ رهندڙ مينگهواڙ پاڙو ٽيو علي اصغر آباد ڪالوني هوسڙي ضلعو حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. پورو ولد روپو هندو بالغ رهندڙ ڳوٺ ڪانجي ٽيلر شاپ نزد اسماعيل ڪلينڪ ٽنڊو غلام علي تعلقو ماتلي ضلعو بدين ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف فيملي ايگزيڪيوشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج V حيدرآباد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج حيدرآباد**
**فيملي سوٽ نمبر 1852 سال 2026**
مسمات Nabiya زال سراج علي ڌيءِ اسد رهندڙ گهر نمبر 221 بلاڪ D/2 يونٽ نمبر 11 لطيف آباد حيدرآباد ..پلينٽف ...بخلاف.. سراج علي ولد مختيار علي ذات سانگي رهندڙ نزد پرائمري اسڪول چنه محلو عاقل روڊ لاڙڪاڻو 03025354972 ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ڏاور امائونٽ ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج حيدرآباد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد**
**(روبرو جناب خالد حسين لغاري)**
**سول اپيل نمبر 250 سال 2026**
مسمات ماجده ڌيءِ گل محمد شاه معرفت اسپيشل اٽارني سيد ظفر شاه ولد سيد برل شاه ..اپيليڪينٽ ...بخلاف..(1) سيڪريٽري روينيو اپٽ شهباز بلڊنگ حيدرآباد (2) سٽي مختيار آفيس لڪ راڻي باغ قاسم آباد حيدرآباد (3) سب رجسٽرار پرائيويٽ آفيس لڪ راڻي باغ قاسم آباد حيدرآباد (4) غلام دستگير شاه ولد مير محمد شاه (5) مسمات خير بيبي ڌيءِ مير محمد شاه (6) غلام سرور شاه ولد مير محمد شاه معرفت (a) مسمات نور بيبي (ڌي) (b) مير محمد شاه (پٽ) ريسپونڊنٽس نمبر 4 کان 6 رهندڙ اسٽريٽ نزد ايس ايس پي غلام ڪيريو بنگلو قاسم آباد حيدرآباد (7) غلام عباس شاه ولد مير محمد شاه معرفت قانوني وارث (a) بيبي آمنه (b) بيبي ڪلثوم رهندڙ بلوچستان يونيورسٽي ڪوئيٽا (8) سيد مراد شاه ولد گل محمد شاه رهندڙ گهر نمبر D-36/B سائيٽ ايريا زيل پاڪ ڪالوني تعلقو لطيف آباد حيدرآباد ... ريسپونڊنٽس
**مٿين ريسپونڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين اپيليڪنٽ توهان جي خلاف سول اپيل زير قلم 96 تحت درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
اپيليٽ ڊسٽرڪٽ جج VI حيدرآباد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو**
**ايف سي سوٽ نمبر 59 سال 2026**
بينظير ڌيءِ نذير احمد ذات پير رهندڙ خدا بستي نمبر 1 نزد نسيم شهباز هائي اسڪول تعلقو ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) مختيارڪار علي پير ولد غلام رسول ذات پير (2) انچارج نادرا ڪوٽڙي (3) رولنس ڪمپني (پرائيوٽ لميٽيڊ) معرفت مجاز نمائندو سائيٽ ايريا ڪوٽڙي (4) جنرل پبلڪ ايٽ لارج ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن، ڪينسليشن پرمنٽ انجڪشن اينڊ ميسني پراڦٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سيڪنڊ سينئر سول جج ڄامشورو

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر 386 سال 2026**
مسمات ميمونا لاکير ..پلينٽف ...بخلاف.. نويد علي ولد داد محمد ديناري رهندڙ گهر نمبر 119 بخير محله بنارس چوڪ ڪراچي ويسٽ 03712190159 ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار رڪوري آف مينٽيننس ، ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ ميڊيڪل جي خرچي لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 22-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو**
**فيملي سوٽ نمبر 365 سال 2026**
مسمات Shaila ..پلينٽف ...بخلاف.. سعيد احمد ولد اشفاق بلوچ رهندڙ سي سي ٽي ڪالوني نزد آغا خان اسپتال حيدرآباد 03422434009 ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري عدت پيرڊ، مينٽيننس ۽ ڏاوري ارٽيڪلز لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 20-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج ڄامشورو

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب فرسٽ فيملي جج هالا**
**فيملي سوٽ نمبر 32 سال 2026**
(1) مسمات روشنا ڌيءِ پير بخش ڪنير زال عبدالغفار رهندڙ آغا وسان پي او پٽ شاه تعلقو هالا ضلعو مٽياري (2) ابن علي ولد عبدالغفار عمر 13 سال (3) عيان علي ولد عبدالغفار عمر 10 سال ماٺر معرفت پلينٽف نمبر 1 مسمات روشنا ..پلينٽف ...بخلاف.. عبدالغفار ولد لال محمد ذات ڪنير پي او ملدسي شهدادپور ضلعو سانگهڙ ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ فيملي جج هالا

## عام اطلاع
جيئن ته نالي شيراز علي ولد محمد عثمان جت ويٺل ڳوٺ لهجڙيو جت تعلقو ضلعو مٽياري جي اسان جي آفيس ۾ درخواست ڏني آهي ته سندس والد محمد عثمان ولد لهجڙيو جت جيڪو پاڪستان واٽر اينڊ پاور ڊيولپمينٽ کاتي ۾ رٽائرڊ ٽيوب ويل چوڪيدار هو ۽ فقط سني جو مسلمان هو جيڪو تاريخ 06-06-2026 تي فوت ٿي ويو آهي جنهنجي هيٺين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو وڃي ۽ (1) مسمات نور جت (بيواهه) (2) اظهر (پٽ) (3) شيراز علي (پٽ) (4) زاهد (پٽ) (5) مجيب الرحمان (پٽ) (6) نجمه (ڌي) (7) فوزيه (ڌي) (8) آمنه (ڌي) جڏهن ته اهڙي تصديق بن شاهدن هرهڪ نالي فيض محمد ولد جام جت شناختي ڪارڊ نمبر 4130567432733 (2) پيارو جت ولد مير محمد جت شناختي ڪارڊ نمبر 4130590133615 جن پڻ اسان جي روبرو ڪئي آهي جنهنڪري هر خاص وعام کي اطلاع ٿو ڪجي ته جيڪڏهن ڪنهن به شخص کي فوتي جي مٿين جائز وارثن بابت ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض لکت ۾ روبرو هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس ۾ پيش ڪري مدو گذري وڃڻ بعد ڪو به اعتراض ٻڌڻ جوڳو نه رهندو ۽ قانون موجب فوتي جو مٿين جائز وارثن جي نالي وارثي سرٽيفڪيٽ جاري ڪري ڏنو ويندو
مختيارڪار روينيو تعلقو مٽياري

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار**
**ايف سي سوٽ نمبر 66 سال 2026**
عبدالستار ولد Ghahmo پٽي معرفت قانوني وارث (آءِ) معشوق علي ولد مرحوم عبدالستار ۽ ٻيا رهندڙ ڳوٺ گهانو پٽي تعلقو ضلعو ٽنڊو الهيار..پلينٽف ...بخلاف.. (5) غلام نبي ولد حاجي نبي ذات ٻڄاڻي رهندڙ سٽي ٽنڊو الهيار (8) غلام علي ولد گهانو خان معرفت قانوني وارث (آءِ) مسمات ٻچل بيواهه غلام علي (بي) مسمات جنت عرف جانو ڌيءِ غلام علي زال خير محمد (سي) مسمات نور جهان ڌيءِ غلام علي زال رحمت الله (ڊي) مسمات سحر ڌيءِ غلام علي زال بابر علي سپ رهندڙ سٽي ٽنڊو الهيار ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف سوٽ فار ڊڪلريشن ، ڪينسليشن اينڊ پرمنٽ انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد**
**فيملي سوٽ نمبر 454 سال 2026**
شريمتي ڪاجل ..پلينٽف ...بخلاف.. آشوڪ ڪمار ولد وزير اوڏ رهندڙ ڳوٺ اگرا روڊ تعلقو سوبوديرو ضلعو خيرپور ميرس 03063330858 ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف جوڊيشنل سيپريشن آف ميرج لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 30-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
فيملي جج شهيد بينظير آباد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ**
**(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)**
**گارڊين سوٽ نمبر 43 سال 2026**
فرحان علي ولد مرحوم محمد علي خان رهندڙ گهر نمبر 653 حسين آباد ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) مسمات ظفرشاه زال فرحان علي (2) مسمات حفيظان بيواهه محمد علي خان رهندڙ گهر نمبر 653 حسين آباد ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد (3) جنرل پبلڪ ... اپوننٽس
**مٿين اپوننٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي عذلان علي جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ**
**(روبرو جناب ارشاد علي خاصخيلي)**
**گارڊين سوٽ نمبر 42 سال 2026**
فرحان علي ولد مرحوم محمد علي خان رهندڙ گهر نمبر 653 حسين آباد ڪالوني تعلقو سڪرنڊ ..پلينٽف ...بخلاف.. (1) مسمات حفيظان بيواهه محمد علي خان (2) رضوان علي ولد محمد علي خان (3) فرحان ڌيءِ محمد علي خان (4) مسمات ظفرشاه زال محمد علي خان (5) مسمات حفيظان زال محمد علي خان (6) جنرل پبلڪ ... اپوننٽس
**مٿين اپوننٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين اپيليڪينٽ گارڊين درخواست داخل ڪئي آهي صغير نالي عذلان علي جي گارڊين جي مقرري بابت تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي ايم II سڪرنڊ

## کورٽ نوٽيس
**سول/فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد**
**(روبرو جناب امانت علي ڪوسو)**
**فيملي سوٽ نمبر 96 سال 2026**
مسمات رضيه ڌيءِ شمن ڪوسو رهندڙ يعقوب ڪوسو تعلقو قاضي احمد ..پلينٽف ...بخلاف.. خانزادو ولد گل حسن ڪوسو رهندڙ يعقوب ڪوسو تعلقو قاضي احمد ضلعو شهيد بينظير آباد .. ڊفينڊنٽس
**مٿين اپوننٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 17-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي / گارڊين جج II قاضي احمد

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص**
**فيملي سوٽ نمبر 160 سال 2026**
مسمات زيب النساء ڌيءِ محمد سليم رهندڙ مسلم ڪالوني مير ڪالوني ميرپورخاص..پلينٽف ...بخلاف.. نور الدين ولد اسلم ڏار راڄڙ رهندڙ خانپور ڪٽوره تعلقو خانپور ڪٽوره ضلعو رحيم يار خان پنجاب سيل نمبر 03437583832 ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 19-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/فيملي جج اينڊ جي ايم ميرپورخاص

## کورٽ نوٽيس
**عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج XII حيدرآباد**
**فيملي سوٽ نمبر سال 2026**
مسمات مهڪ ڌيءِ ارباب خان رهندڙ گهر نمبر 32-A مسخ روڊ ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد ..پلينٽف ..بخلاف.. رياض احمد منير ولد بشير احمد لغاري رهندڙ فليٽ نمبر G-11 رور ويو اپارٽمينٽ فيز 2 ٽدي سڙڪ حيدرآباد ٻئي ايڊريس گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول ڳوٺ ٻچل پٽي تعلقو لطيف آباد ضلعو حيدرآباد ... ڊفينڊنٽس
**مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:**
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ رڪوري ڏاور امائونٽ، ڏاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 28-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو
سول/ فيملي جج XII حيدرآباد

## عام اطلاع
جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي محمد افضل ولد صالح محمد چانڊيو درخواست ڏني آهي ته سندس ٻي نالي صالح محمد ولد گل محمد چانڊيو جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه ڪراڙي ٽپو ٻگهاڙ تعلقو بدين م سروي نمبر 128_129 ۾ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن م بدلايو وڃي جنهن جي فوتي کاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ حاجي خان محمد چانڊيو بدين تعلقو بدين ۾ ڪيو ويو آهي انهي سلسلي م جلسي عام ڪري بن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي صالح محمد ولد گل محمد چانڊيو جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 محمد افضل پٽ فوتي جو 2 شاهو پٽ فوتي جو 3 علي زمان پٽ فوتي جو 4 غلام حيدر پٽ فوتي جو 5 لائق پٽ فوتي جو 6 محمد ڪامل پٽ فوتي جو 7 علي نواز پٽ فوتي جو 8 محمد بخش پٽ فوتي جو 9 گل محمد پٽ فوتي جو جائز وارث چئيا آهن تهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس م پيش ڪري ٻي صورت م معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ نه ايندو
مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

**بقايا 1 روزاني عبرت**
امداد ڏيڻ بعد حالت ڳڻتيءِ جوڳي هئڻ سبب حيدرآباد منتقل ڪيو ويو، وارثن موجب، ٻه مهينا اڳ ڪيمچند ڪولهي جي زال پرمي ڪولهي مبينا طور وزير پٽ پوپٽ اوڏ سان پسند جي شادي ڪري پنهنجي مڙس ۽ ٻارن ٻچن نياڻين کي ڇڏي هلي وئي هئي انهي ڳالهه ڪري گهريلو پريشانين ۽ ان صدمي سبب ڪيمچند اهو انتهائي قدم کنيو واقعي ڪانيو علائقي ۾ ڳڻتيءِ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته پيءُ ۽ ڇهن معصوم نياڻين جي حالت ڳڻتيءِ جوڳي هئڻ سبب وارث سخت پريشان آهن.

**بقايا 2 روزاني عبرت**
جاري رهندو پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ دوڙ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي سلسلو جاري رکيو ويو احتجاج ڪندڙ استادن پنهنجي حقن لاءِ جدوجهد جاري رکندي مطالبو ڪيو ته سندن جائز مسئلا فوري طور حل ڪري مطالبا منظور ڪيا وڃن.احتجاج ۾ جسقم جي اڳواڻ طاهر زرداري ۽ سندس ساٿين پڻ احتجاج ۾ شريڪ ٿي يڪجهتي جو اظهار ڪيو

**بقايا 3 روزاني عبرت**
آيڪا جي اڳواڻن چيو ته ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ونگ جي ڊائريڪٽر خلاف غير مصدقه خبرن جي تشهير اداري جي ساک، آفيسرن ۽ ملازمن جي عزت نفس مجروح ڪرڻ برابر آهي، ڪنهن به سرڪاري اداري يا آفيسر سان لاڳاپيل خبر شايع يا نشر ڪرڻ کان اڳ حقيقتن جي مڪمل تصديق ڪرڻ صحافتي اصولن ۽ بنيادي تقاضائن ۾ شامل آهي. آيڪا جي اجلاس دوران مطالبو ڪيو ويو ته آفيسرن ۽ ملازمن خلاف بنا تصديق جي خبرن ۽ مواد جي اشاعت کان پاسو ڪيو وڃي. اجلاس ۾ موجود آيڪا جي اڳواڻن عهد ڪيو ته ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ونگ سنڌ جي آفيسرن ۽ ملازمن جي جائز حقن، وقار ۽ اداري جي ساک جي تحفظ لاءِ هر قانوني ۽ تنظيمي فورم تي پنهنجو ڪردار ادا ڪندي رهندي جيڪڏهن اهڙي قسم جي بي بنياد پروپيگنڊا جاري رهي ته تنظيم پنهنجي پليٽ فارم تان ان خلاف تحريڪ هلائڻ جو حق محفوظ رکي ٿي.

**بقايا 4 روزاني عبرت**
العلماء علامه علي شير حيدري شهيد جي ديني سياسي سماجي ۽ علمي خدمتن کي ڀيٽا پيش ڪئي وئي.ڪانفرنس کي خطاب ڪندي سني رابطه ڪائونسل جي مرڪزي اڳواڻ ۽ سفير امن مولانا محمد احمد لڌيانوي چيو ته جامعه حيدريه علامه علي شير حيدري شهيد جي مشن کي اڳتي وڌائڻ جو عهد ڪيو آهي هن چيو ته عالمن ملڪ ۾ اتحاد ۽ مڪي معاهدي جي کليل نموني حمايت ڪئي آهي.مولانا محمد احمد لڌيانوي چيو ته سعودي عرب اسان جي ريڊ لائين آهي ۽ سعودي عرب سان اسان جا لاڳاپا رڳو دوستيءَ تائين محدود ناهن پر اهي عقيدت ۽ احترام تي ٻڌل آهن هن چيو ته سعودي عرب تي ڪنهن به قسم جو حملو قبول نه ڪيو ويندو ۽ جيڪڏهن ڪو سعودي عرب تي حملو ڪندو ته اهو اسان جي عقيدي جي خلاف هوندو هن وڌيڪ چيو ته هو هر صورت ۾ سعودي عرب جو دفاع ڪنداهن مطالبو ڪيو ته حوثين خلاف جاري آپريشن ۾ پاڪستاني فوج کي شامل ڪيو وڃي ۽ سعودي عرب توڙي حرمين شريفين جي تحفظ کي يقيني بڻايو وڃي. هن چيو ته پوري سني قوم جون دعائون ۽ حمايت ساڻن گڏ آهن ۽ هو هر قسم جي قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهن هن ملڪ جي سرحدن جي دفاع لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻ جي عزم جو پڻ اظهار ڪيو.ڪانفرنس کي خطاب ڪندي علامه ثناء الله حيدري چيو ته افسوس جو سني رابطه ڪائونسل جي عالمن کي فراهم ڪيل سيڪيورٽي ختم ڪئي وئي آهي. جنهن سبب کين خطرا لاحق آهن هن مطالبو ڪيو ته سني رابطه ڪائونسل جي عالمن جي سيڪيورٽي ٻيهر بحال ڪئي وڃي.ڪانفرنس کي مولانا عبدالڪريم سري، علامه عبدالجبار حيدري، علامه عبدالخالق رحماني، علامه معاويه اعظم طارق، علامه پير مسرور نواز جهنگوي، علامه تاج محمد حنفي مولانا سيد رافع شاه، مولانا عبيدالله سنڌي، مولانا سيد رشيد احمد شاه، مولانا حافظ محمد اسحاق چنا، مولانا وارث علي حيدري ۽ ٻين اڳواڻن پڻ خطاب ڪيو.

**بقايا 5 روزاني عبرت**
کان وٺي آزاد وطن رهيو آهي ۽ ان شاء تا قيامت رهندو ان ڪري جيڪي سنڌ ورهائڻ جي سازش ڪري رهيا آهن انهن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اسين سنڌ قوم ننگن ۽ ڏنگن تي سر ڏيڻ وارا آهيون ان ڪري اوهان ان آهيو جو سنڌ ورهائيندئو يا انتظامي يونٽ جوڙيندئو جسقم هر محاذ تي نه صرف مزاحمت ڪندي بلڪ پنهنجي ڌرتي ماءَ لاءِ جان جا نذرانا ڏيڻ کان به نه ڪيٻائيندي ان ڪري حڪمرانن ۽ رياستي ادارن کي چئون ٿا ته عقل کان ڪم وٺن سنڌ خلاف سموريون سازشون بند ڪن اهي چاهي سنڌ جي ڏاڙي جي صورت ۾ هجن يا سنڌ ورهائڻ جي ، سنڌ جي وسيلن تي قبضو هجي يا ٻئو نظام جسقم هر محاذ تي اڳين صفن ۾ بيهي جهاد ڪندي ڇاڪاڻ جو سنڌ اسان جي ماءَ آهي ۽ ماءَ جي لڄ جي حفاظت ڪرڻ چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ان موقعي تي مصطفيٰ ڏنڙو ، مورڙو ميربحر، برڪت جلباڻي سميت ٻين پڻ خطاب ڪيو.

**بقايا 6 روزاني عبرت**
۾ گهٽتائي ۽ سرڪاري طور مقرر ڪيل ڪراين تي عملدرآمد کي يقيني بڻائڻ لاءِ روزاني بنيادن تي قدم کنيا ويندا هن چيو ته ٽرانسپورٽر مسافرن کان سرڪاري طور مقرر ڪيل ڪراين موجب ڀاڙو وصول ڪندا مقرر ڪيل ڀاڙن کان وڌيڪ رقم وٺڻ ۽ ناجائز منافعي خوري ۾ ملوث ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي وحيد علي پنهور چيو ته مسافرن کي سفر دوران پيش ايندڙ ڏکيائين ۽ شڪايتن جو ازالو ڪرڻ سندس اهم ترجيحن ۾ شامل آهي ان سلسلي ۾ سندس آفيس جا دروازا هر شهري ۽ مسافر لاءِ کليل آهن ٽرانسپورٽ جي حوالي سان ڪنهن به قسم جي شڪايت يا مسئلي کي منهن ڏيندڙ ماڻهو سڌو سنڌس آفيس پهچي پنهنجو موقف پيش ڪري سگهن ٿا هن چيو ته وصول ٿيندڙ شڪايتن جو جائزو وٺي انهن جي حل لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا جيئن مسافرن کي سرڪاري مقرر ڪيل ڀاڙن موجب سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن ۽ ٽرانسپورٽ جي نظام کي وڌيڪ بهتر بڻائي سگهجي.

**بقايا 7 روزاني عبرت**
تي نوجوان گولين لڳڻ سبب زخمي حالت ۾ پيل هو جنهن کي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي وارثن موجب واقعي بابت پوليس کي اطلاع ڏنو ويو ۽ رپورٽ پڻ داخل ڪرائي وئي آهي هوڏانهن ملو ڪوسو ٿاڻي جي ايس ايڇ او ذوالفقار علي پنهور جو چوڻ آهي ته واقعي جي جاچ شروع ڪئي وئي آهي جڏهن ته پوليس خدشو ظاهر ڪيو ويو آهي ته واقعو ڪنهن دشمني جو نتيجو ٿي سگهي ٿو واقعي جي مختلف رخن کان جاچ جاري آهي ۽ جوابدارن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ آڻڻ لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن ٻئي پاسي مقتول جي وارثن دشمني واري امڪان کي رد ڪندي چيو آهي ته سندن ڪنهن سان به ڪا دشمني ناهي هنن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪري اصل جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي ۽ کين انصاف فراهم ڪيو وڃي.

**بقايا 8 روزاني عبرت**
جي تحفظ سميت مختلف اهم معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ان موقعي تي ڊي ايس پي روهڙي فهد ارشاد مغل ۽ ڊي آءِ بي انچارج سعيد احمد قاضي پڻ موجود هئا ملاقات دوران وفد پاران شهر ۾ امن امان جي صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ، مذهبي هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ ۽ عوام جي تحفظ لاءِ مختلف تجويزون پيش ڪيون ويون جن کي ايس ايس پي سکر احمد چوڌري غور سان ٻڌو ۽ لاڳاپيل معاملن بابت ضروري هدايتون جاري ڪيون.ان موقعي تي ايس ايس پي سکر احمد چوڌري چيو ته سکر پوليس شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ ۽ سمورن مڪتب فڪر وچ ۾ رواداري، ڀائيچاري ۽ مذهبي هم آهنگيءَ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي. شهرين جي جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ ۽ پرامن ماحول کي يقيني بڻائڻ سکر پوليس جي اولين ترجيحن ۾ شامل آهي هن وڌيڪ چيو ته امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۽ ڪنهن به ناخوشگوار واقعي کان بچڻ لاءِ عالمن سڳورن ۽ سماج جي سمورن ذميوار ماڻهن جو سهڪار انتهائي اهم آهي. پوليس ۽ عالمن وچ ۾ اثرائتو رابطو ۽ گڏيل سهڪار سماج ۾ امن، استحڪام ۽ ڀائيچاري کي هٿي وٺرائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو.ملاقات دوران ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته شهر ۾ امن امان برقرار رکڻ، مذهبي هم آهنگيءَ کي فروغ ڏيڻ ۽ عوام جي تحفظ لاءِ گڏيل رابطن ۽ سهڪار کي وڌيڪ اثرائتو بڻايو ويندو.

**بقايا 9 روزاني عبرت**
اوطاق تي ڊيلر گهرائي ان جو واڪ لڳرايو جنهن کي جيڪب آباد واسي ڊيلر وسيم حق 42 لک 42 هزار رپين ۾ خريد ڪيو. اهڙي اطلاع ملڻ تي وائلڊ لائيف کاتي جي ڪنزرويٽر جاويد احمد مهر، ڊپٽي ڪنزرويٽر داره منير قاضي جي حڪم تي جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪندي 4 جوابدارن علم الدين سولنگي، عظيم بخش، جانب، عمر فاروق سولنگي کي گرفتار ڪيو ويو آهي. جڏهن ته وسيم سهتو، ڊيلر وسيم حق سميت ٻيا 15نامعلوم جوابدار روپوش آهن. گيم انسپيڪٽر غلام مرتضيٰ خشڪ جو چوڻ هو ته ٻن جوابدارن جي عمر گهٽ هجڻ ڪري کين سکر ٻارن واري جيل موڪليو ويو آهي . هن چيو ته غيرقانوني پکين جو شڪار ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو ۽ روپوش جوابدارن کي به جلد گرفتار ڪيو ويندو. ان موقعي تي گارڊ پرويز احمد پرڙ، بهادر خاصخيلي ۽ ٻيا پڻ موجود هئا.

**بقايا 10 روزاني عبرت**
ويا آهن صبح جو اسڪول ويندڙ معصوم ٻار هجن، موٽرسائيڪل سوار هجن يا گاڏين ۾ سفر ڪندڙ ماڻهو هر ڪو پنهنجي جان خطري ۾ وجهي سفر ڪرڻ تي مجبور آهي ڪنهن مريض کي اسپتال پهچائڻو هجي يا ڪنهن پورهيت کي روزگار لاءِ نڪرڻو هجي، هن ٽٽل روڊ تي هر سفر ڏکيائي ۽ خوف سان ڀريل آهي.

**بقايا 11 روزاني عبرت**
سندس ڌيءَ کي ڀائرن حوالي ڪرڻ جي شرط رکي وئي آهي، جنهن سبب هو پنهنجي ٻارن سميت سخت پريشانين ۽ بيوسيءَ واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهي سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاج دوران ميڊيا سان ڳالهائيندي نذير احمد هڪڙو ٻڌايو ته هو ست ڀائر آهن جن جي والد مرحوم جمال الدين هڪڙو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي سمورن پٽن وچ ۾ ملڪيت ورهائي هر هڪ کي الڳ حصو ڏئي ڇڏيو هو هن چيو ته والد طرفان مليل حصي ۾ هن پنهنجي محنت مزدوريءَ جي ڪمائيءَ مان پنهنجي خاندان لاءِ هڪ ننڍڙو گهر تعمير ڪرايو هو ته جيئن هو پنهنجي ٻارن سان گڏ عزت ۽ سڪون واري زندگي گذاري سگهي.هن الزام هنيو ته ڪجهه عرصو گذرڻ کانپوءِ سندس ڇهن ڀائرن مبينا طور گڏجي سندس گهر تي قبضو ڪري کيس پنهنجي گهروارن سميت گهر مان ڪڍي ڇڏيو آهي سندس چوڻ موجب، ان دوران کيس ۽ سندس ٻارن کي مبينا تشدد جو نشانو پڻ بڻايو ويو جنهن سبب سندس خاندان سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيو آهي.نذير احمد هڪڙو دعويٰ ڪئي ته جڏهن هن پنهنجي گهر ۽ ملڪيت جي واپسيءَ جو مطالبو ڪيو ته سندس ڀائرن مبينا طور چيو ته پهريان پنهنجي ڌيءَ سندن حوالي ڪري، پوءِ ئي کيس جاءِ واپس ملندي، ٻي صورت ۾ هو جيڪو وڻيس سو ڪري هن اهڙي مبينا شرط کي انتهائي افسوسناڪ قرار ڏيندي اعليٰ اختيارين کان معاملي جو فوري نوٽيس وٺڻ جي اپيل ڪئي.احتجاج ڪندڙ چيو ته هن ڏينهن رات محنت مزدوري ڪري پنهنجي ٻارن لاءِ ڇت جو بندوبست ڪيو هو پر هاڻي کيس پنهنجي ئي گهر کان محروم ڪيو پيو آهي هن موجب، ننڍن ٻارن جي پالنا، رهائش ۽ تحفظ بابت کيس سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي ۽ انصاف حاصل ڪرڻ لاءِ دربدر جون ٺوڪرون کائڻ تي مجبور آهي.هن وڌيڪ چيو ته هو ڪنهن کان به ناجائز مطالبو نٿو ڪري، پر رڳو پنهنجي ان حصي ۽ گهر جي واپسي چاهي ٿو جيڪو سندس چوڻ موجب والد مرحوم کيس ڏنو هو ۽ جنهن کي هن پنهنجي محنت جي ڪمائيءَ مان تعمير ڪرايو هو.نذير احمد هڪڙو آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي سکر ۽ ايس ايس پي سکر کان پرزور مطالبو ڪيو ته معاملي جي فوري ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي، سندس ملڪيت بابت قانوني حقن جو تحفظ يقيني بڻايو وڃي، مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ کيس توڙي سندس ٻارن کي مڪمل تحفظ فراهم ڪيو وڃي.

**بقايا 12 روزاني عبرت**
رپورٽون داخل ڪرايون ويون آهن متاثرن ايس ايس پي دادو ڪئپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي چوري ٿيل موٽرسائيڪلون جلد واپس ڪرايون وڃن ۽ ملوث جوابدارن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري چوري ٿيل گاڏيون واپس ڪرايون وڃن

**بقايا 13 روزاني عبرت**
توال جو ڦندو ڳچيءَ ۾ ٻڌي مبينا طور خودڪشي ڪري ڇڏي آهي، اهڙو اطلاع ملڻ بعد راڄوخانائي پوليس واقعي واري هنڌ پهچي ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو هن سلسلي ۾ عبرت پاران رابطو ڪرڻ تي وڏي منشي غلام نبي احمداڻي ٻڌايو ته فوتي جي وارثن ماءُ شريمتي راڄي ڪولهڻ ، پٽ مکيش ۽ ڀاءُ رامجي ڪولهي جو چوڻ آهي ته رامچند جو ذهني توازن ٺيڪ نه هو جنهن ڪري هن خودڪشي ڪري پنهنجي زندگي جو ڏيئو اجهائي ڇڏيو آهي پوليس جو چوڻ آهي ته اسان واقعي جا اصل ڪارڻ ڄاڻڻ لاءِ جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي ٻئي طرف فوتي کي اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو

**بقايا 14 روزاني عبرت**
پڳورو مقصود احمد چنا، ايس ايڇ او شادي پلي انوار قائمخاني ۽ ايس ايڇ او عمرڪوٽ سٽي نور احمد نوحاڻي شامل آهن ڊي ايس پي پڳورو سڪندر علي سميجو ۽ ايس ايڇ او پڳورو مقصود احمد چنا جي اڳواڻيءَ ۾ پوليس جي وڏي نفري ڪارروائي ڪندي قتل ڪيس ۾ نامزد مک جوابدارن مان ٻن جوابدارن گل خان شر ۽ خير محمد عرف خيرو شر کي گرفتار ڪري ورتو ان موقعي تي پوليس عملدارن ٻڌايو ته ڪيس جي وڌيڪ جاچ ۽ ٻين جوابدارن جي گرفتاريءَ لاءِ ڪارروايون جاري آهن جلد ٻين جوابدارن کي به گرفتار ڪري قانون جي ڪٺهڙي ۾ آندو ويندو

**بقايا 15 روزاني عبرت**
صدر لڪاڏنو خاصخيليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ پرائمري استادن ٻانهن تي ڪاريون پٽيون ٻڌي ٻن ڪلاڪن تائين علامتي بک هڙتال ڪئي ان موقعي تي پ ٽ الف تعلقه ٽنڊو آدم جي صدر لڪاڏنو خاصخيليءَ ميڊيا سان ڳالهائيندي مطالبو ڪيو ته استادن جو سروس اسٽرڪچر جاري ڪيو وڃي، ڪانٽريڪٽ تي ڀرتي ٿيل استادن جي سروس کي سندن مقرريءَ جي تاريخ کان تسلسل ڏنو وڃي، استادن لاءِ صحت ڪارڊ جاري ڪيا وڃن ۽ بدلين جا اختيار ضلعي سطح تي منتقل ڪيا وڃن هن چيو ته استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري سندن درپيش مسئلا حل ڪيا وڃن جيئن استاد بنا ڪنهن پريشانيءَ جي پنهنجا تعليمي فرض بهتر نموني سرانجام ڏئي سگهن بک هڙتالي ڪيمپ ۾ ضلعي انفارميشن سيڪريٽري سليم احمد سري . اعجاز علي ڏيرو. محمد هاشم ڏيرو. حاڪم ڏيرو. منير احمد چنه . سميت استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي . ان موقعي تي پشاور ۾ اسڪول جي ڇت ڪرڻ سبب جيڪي ٻار شهيد ٿيا هئا انهن لاءِ دعا گهري وئي .

**بقايا 16 روزاني عبرت**
جي هيڊ ڪوارٽر شهر ميرپور ماٿيلو ۾ بد امني جي باهه بي ضابطو ٿي اچي سگهيو آهي جنهن سبب چوريون ڦرون روز جو معمول بڻجي ويون آهن ان سلسلي ۾ ڏينهن ڏٺي جو ٽي نامعلوم موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن ڳوڪر ڦاٽڪ پرسان ڳوٺ نورنگ خان چانڊيو جي رهواسي کان موٽر سائيڪل ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا جنهن بعد زخمي نوجوان کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ميرپور ماٿيلو منتقل ڪيو ويو ٻئي پاسي اهڙي واقعي بعد زخمي نوجوان جي وارثن پاران ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هڻي ايس ايس پي گهوٽڪي توڙي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو خلاف ڇتي نعريبازي ڪندي روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جنهن سبب سنڌ پنجاب ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين معطل رهي ان موقعي تي ڳوٺاڻن جو چوڻ هو ته ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب ڌاڙيلن سر عام گوليون هڻي فرار ٿي وڃن ٿا جنهن سبب هاڻ شهري گهرن ۾ به غير محفوظ بڻجي ويا آهن هوڏانهن زخمي نوجوان ڪاشف چانڊيو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ته مون موٽر سائيڪل مان چابي ڪڍي فصل ۾ اڇلائي ڇڏي جنهن بعد ڦورن گوليون هڻي مونکي زخمي ڪرڻ بعد 2027 ماڊل موٽر سائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن هن ايس ايس پي گهوٽڪي کان جوابدارن جي گرفتاري ۽ انصاف جو مطالبو ڪيو آهي ياد رهي ته ٻه ڏينهن اڳ پڻ هٿيارٻندن ڦر دوران واپاري امير بخش لغاري کي گوليون هڻي زخمي ڪرڻ بعد فرار ٿي ويا هئا پر هن وقت تائين پوليس پاران ڪو به ڪيس داخل نه ڪيو ويو آهي

**بقايا 17 روزاني عبرت**
ڪاهي وڃڻ وارو واقعو پيش آيو آهي.احتجاج ڪندڙ عورت مهرالنسا چانڊيو ٻڌايو ته سندس مڙس ڪراچي ۾ مزدوري ڪندو آهي، جڏهن ته هن پاڻ پنهنجي مينهن وڪرو ڪئي هئي جنهن سان مليل پنج لک رپيا قرآن شريف ۾ رکيا هئا هن الزام لڳايو ته غلام حسين چانڊيو صدام چانڊيو پٺاڻ چانڊيو ۽ پريل چانڊيو سندس گهر ۾ داخل ٿي قرآن شريف ۾ رکيل پنج لک رپيا کڻي ويا ۽ گهر ۾ بيٺل پنج ٻڪريون به زبردستي ڪاهي ويا. مهرالنسا چانڊيو وڌيڪ ڏانهينڊي چيو ته واقعي بابت سڏوجا پوليس وٽ وڃڻ باوجود سندس فرياد تي ڪيس داخل نه پيو ڪيو وڃي، جنهن سبب هوءَ سخت پريشانيءَ جو شڪار آهي ۽ انصاف لاءِ دربدر ٿي رهي آهي.هن ڊي آءِ جي شهيد بينظيرآباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز ۽ ڊي ايس پي مورو کي اپيل ڪئي ته واقعي جو نوٽيس وٺي معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي مبينا طور ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ سندس رقم توڙي ٻڪريون واپس ڪرائي کيس انصاف ۽ تحفظ فراهم ڪيو وڃي

**بقايا 18 روزاني عبرت**
جمهوريه ڪولمبيا پاران بيت المقدس ۾ سفارتخانو کولڻ جي شديد مذمت ڪندي ان قدم کي واضح لفظن ۾ رد ڪري ڇڏيو آهي ۽ چيو آهي ته اهو قدم گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي لاڳاپيل قراردادن جي منافي ۽ ٻه رياستي حل جي بنياد تي منصفاڻي ۽ پائيدار امن قائم ڪرڻ جي لاءِ جاري عالمي ڪوشش جي لاءِ نقصانڪار آهي جمعي ڏينهن پرڏيهي وزارت پاران جاري پڌرائي موجب اسلامي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ان ڳالهه جي توثيق ڪئي ته والاريل بيت المقدس جي قانوني يا تاريخي حيثيت کي تبديل ڪرڻ يا ان کي اسرائيل جي گادي وارو شهر تسليم ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن به قدم يا فيصلو غلط آهي ۽ ان جي ڪا قانوني حيثيت نه آهي اهو موقف گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل ۽ جنرل اسيمبلي جي لاڳاپيل قراردادن خاص طور تي سلامتي ڪائونسل جي قراردادن 276 (1980ع) ۽ 478 (1980ع) جي عين موجب آهي جن ۾ بيت المقدس جي تشخص يا حيثيت کي تبديل ڪرڻ جي ڪوشش کي رد ڪيو ويو آهي ۽ ميمبر ملڪن کان مطالبو ڪيو ويو آهي ته اهي ان شهر مان پنهنجا سفارتي مشنز واپس گهرائين ڇو ته بيت المقدس فلسطيني علائقي جو حصو آهي جنهن تي 1967ع ۾ قبضو ڪيو ويو هو اسلامي ملڪن جي پرڏيهي وزيرن ڪولمبيا حڪومت تي زور ڀريو آهي ته اها پنهنجي فيصلي تي نظرثاني ڪري ۽ ان کي واپس وٺي، عالمي قانون تحت پنهنجي ذميوارين جي پاسداري ڪري ۽ اهڙن قدمن کان پاسو ڪري جن سان فلسطيني عوام جي جائز حقن بشمول اوڀر بيت المقدس کي گادي وارو شهر بڻائڻ سان هڪ آزاد ۽ خودمختيار فلسطيني رياست قائم ڪرڻ جو حق متاثر ٿيندو هجي.

**بقايا 19 روزاني عبرت**
شڪ ظاهر ڪيو آهي سندن چوڻ آهي ته اهڙو فرياد ٿاڻي تي به ڪيو ويو آهي پر اڃان تائين پوليس ماجد کي بازياب نه ڪرائي سگهي آهي جنهن ڪري سندن گهر ۾ ڪهرام متل آهي. مظاهرين ماجد شيدي جي بازيابي جي گهر ڪئي وڃي آهي .

**بقايا 20 روزاني عبرت**
ڪاروباري مرڪز عائشه مارڪيٽ، ڪرشنا چوڪ، راما مير چوڪ سميت ڪيترائي علائقا سوڳ ۾ بند رهيا، مرحوم جون آخري رسمون اگني سنسڪار واري رسم تحت ادا ڪيون ويون جن ۾ شهر جي واپارين، معززين ۽ ساڃهي براداريءَ جي ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي هر اک آلي هئي ۽ ماحول سوڳوار بڻيل رهيو مرحوم پنهنجي پوين ۾ بيواهه ٻن ورهين جي معصوم نياڻي ۽ ڇهن مهينن جي پٽ کي سوڳوار ڇڏي ويو

**بقايا 21 روزاني عبرت**
۽ پورهيت طبقو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيو آهي. جڏهن ته عام ماڻهوءَ لاءِ ٻن ويلن جي ماني حاصل ڪرڻ به ڏکيو بڻجي ويو آهي هنن چيو ته سنڌ واحد صوبو جيڪو ملڪ جي ٻين صوبن تائين ڪڻڪ جو بمپر فصل ۽ ٻيون کاڌي پيتي جون شيون فراهم ڪري ٿو جڏهن ته اُن ئي صوبي جي عوام سان ساٽيلي ماءُ وارو سلوڪ ڪيو پيو وڃي هنن چيو ته جيڪڏهن اٽي سميت ٻين عام واهپي جي شين جي اگهن تي ڪنٽرول ڪري عوام کي رليف نه ڏنو ويو ته جمعيت علماءِ اسلام پوري ملڪ جي قومي شاهراهن تي احتجاج ڪندي هنن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته مهانگائي تي ضابطو آڻي اٽي سميت عام واهپي جي شين جا اگهه گهٽايا وڃن ۽ غريب عوام کي وڌ کان وڌ رليف فراهم ڪيو وڃي.

**بقايا 22 روزاني عبرت**
مشوري ڪئي سنڌي شعبي جي بورڊ آف اسٽيڊيز جو ميمبر) مير ذولفقار علي ٽالپر سنڌي شعبي جو چيئرمين ڊاڪٽر الهورسايو سومرو ۽ مقالي جو رهنما ڊاڪٽر رحيم بخش ( مهر خادم) پڻ شامل هيو سيمينار ۾ سنڌي شعبي جي استادن اسڪالرز ۽ شاگردن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي سيد ناصر علي شاه حسن محمود ٿهيم محمد راشد شر محمد يوسف وسطڙو ۽ فرحت الله ٿليوٽو سميت ٻين استادن ۽ اسڪالرز شرڪت ڪئي سيمينار جي پڇاڙيءَ تي سوالن جوابن جو سلسلو ٿيو جنهن دوران شاگردن ۽ اسڪالرز پاران تحقيقي مقالي بابت مختلف سوال پڇيا ويا ان موقعي تي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ مشوري اسڪالر جي تحقيقي ڪاوشن کي ساراهيندي کيس وڌيڪ محنت ۽ تحقيق جاري رکڻ جي هدايت ڪئي سيمينار جي موقعي تي استادن ۽ اسڪالرز پاران تحقيقي ڪم کي ساراهيندي اميد ظاهر ڪئي وئي ته سنڌي ٻولي، ادب ۽ مختلف ٻولين ۽ ثقافتن بابت اهڙي تحقيقي سرگرمين جو سلسلو مستقبل ۾ پڻ جاري رهندو

**بقايا 23 روزاني عبرت**
بابت عوام ۾ شعور اجاگر ڪرڻ هوران موقعي تي اين ڊي ايف پاڪستان جي صدر ۽ صدارتي ايوارڊ تمغه امتياز يافته عابد لاشاري اڇي لٺ جي عالمي ڏينهن جي اهميت تي روشني وجهندي چيو ته اڇي لٺ رڳو هلڻ ڦرڻ ۾ مدد ڏيندڙ اوزار نه پر خودمختياري، عزت، اعتماد ۽ سماج ۾ برابري واري شرڪت جي هڪ مضبوط علامت آهي.عابد لاشاري وڌيڪ چيو ته بصارت کان محروم ۽ گهٽ نظر رکندڙ ماڻهو به برابر موقعن، عزت ۽ احترام، رسائي لائق سهولتن ۽ بنا ڪنهن امتياز جي آزاداڻي اچ وڃ جا حقدار آهن هن زور ڀريو ته سماج کي اڇي لٺ جي اهميت کي تسليم ڪندي ان کي استعمال ڪندڙ ماڻهن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ گهرجي، خاص طور تي روڊن پيادل گذرگاهن، پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ عوامي هنڌن تي خاص ڌيان ڏنو وڃي

**بقايا 24 روزاني عبرت**
اختيارين ڏانهن تجويزون موڪليون هيون جنهن کان پوءِ لاڳاپيل اسڪول ٻيهر کولڻ ۽ استادن جي مقرريءَ وارو عمل مڪمل ڪيو ويو ڊي اي او پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر موجب تعليم واري صوبائي وزير سيد سردار علي شاه ۽ سيڪريٽري زاهد عباسي جي سهڪار سان خيرپور ضلعي جا 120 بند پيل اسڪول ٻيهر کوليا ويا آهن هن چيو ته سنڌ حڪومت جو مقصد هر اسڪول کي آباد ڪرڻ ۽ هر ٻار تائين تعليم پهچائڻ آهي والدين کي گهرجي ته پنهنجي ٻارن کي سرڪاري اسڪولن ۾ داخل ڪرائين ۽ اسڪولن جي بهتريءَ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪن

**بقايا 25 روزاني عبرت**
الف ضلعي صدر پيربخش راڄڙ ڪيرو جي صدرعباس علي شاهه نائب صدر مهراڻ سنڌي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري شفيع محمد چانهيون ماليات سيڪريٽري علي بخش راڄڙ ۽ پريس سيڪريٽري عمران قائمخاني ڪئي.ان موقعي تي استادن حڪومت کان مطالبو ڪيو ته استادن جي بدلين جو نظام آسان بڻايو وڃي ۽ بند پيل اسڪول جلد کان جلد ٻيهر کوليا وڃن.هنن وڌيڪ مطالبو ڪيو ته استادن کي سروس اسٽرڪچر ڏنو وڃي.جيئن مستقبل بابت پيدا ٿيل خدشا ختم ٿي سگهن.جڏهن ته بينولنٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس جون رقمون رٽائرمينٽ وقت ادا ڪيون وڃن.استادن جي مطالبن جي منظوري لاءِ پنهنجو احتجاج جاري رکندي حڪومت کان مسئلن جي حل لاءِ فوري قدم کڻڻ جو مطالبو ڪيو

**بقايا 26 روزاني عبرت**
شورٽي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو آهي تفصيلي خبر موجب، سول اسپتال حيدرآباد ۾ علاج دوران حسنين زرداري جي فوت ٿيڻ واري واقعي بابت مبينا طبي غفلت جي ڪيس ۾ هيٺين عدالت ۾ پيش نه ٿيڻ تي سول جج ۽ جوڊيشل مئجسٽريٽ نمبر 12 پاران 27 ڊاڪٽرن جا ناقابل ضمانت گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا هئا. عدالت مارڪيٽ ٿاڻي جي ايس ايڇ او کي ڊاڪٽرن کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪرڻ جي هدايت پڻ ڪئي هئي گرفتاري جي خدشي سبب 27 ڊاڪٽرن پنهنجي وڪيل ميوسم هاسڙ معرفت سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد ۾ گرفتاري کان اڳ واري حفاظتي ضمانت لاءِ درخواست داخل ڪئي، جنهن تي جسٽس عمر سيال جي عدالت ڊاڪٽرن جي 10 ڏينهن لاءِ حفاظتي ضمانت منظور ڪندي کين 2 هزار رپين جا شورٽي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏنو واضح رهي ته حسنين زرداري وڪيل عامر لطف زرداري جو پٽ هو جنهن جي سول اسپتال حيدرآباد ۾ فوت ٿيڻ واري واقعي بابت مبينا طبي غفلت جي الزام هيٺ ڪيس داخل ٿيل آهي حفاظتي ضمانت منظور ٿيڻ بعد ڪيس ۾ وڌيڪ قانوني ڪارروائي لاءِ ڊاڪٽرن کي لاڳاپيل عدالت سان رجوع ڪرڻو پوندو

**بقايا 27 روزاني عبرت**
تحريڪ جي ضلعي آرگنائيزر پنهل سولنگي سولنگي اتحاد جي تعلقي صدر عبدالستار سولنگي عبدالغني سولنگي، جسقم صنعان جي ضلعي چيف آرگنائيزر اشرف سولنگي لنڊ ويلفيئر ايسوسيئيشن جي سائين محمد امين لنڊ علي احمد لنڊ، رند اتحاد جي راجا رند، صالح محمد سولنگي، لکاڏنو سميجو حاجي سولنگي ۽ محرم راز سميت ٻين اڳواڻن ڪئي مظاهرين چيو ته ميرپوربٺورو ۾ چورين جي وارداتن ۾ اضافو ٿي رهيو آهي، پر پوليس شهرين جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ اثرائتا قدم نه پئي کڻي هنن مطالبو ڪيو ته چوري ٿيل سامان ۽ موٽر سائيڪل واپس ڪرائي جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي مظاهرين آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي حيدرآباد ۽ ايس ايس پي سجاول سميت اعليٰ پوليس اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو ڪيو. هنن خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ايندڙ جمعي تائين چوري ٿيل ملڪيت واپس نه ڪرائي وئي ۽ جوابدار گرفتار نه ڪيا ويا ته علي بندر محلي کان مين بس اسٽاپ تائين احتجاجي ريلي ڪڍي ڌرڻو هنيو ويندو

**بقايا 28 روزاني عبرت**
دلچسپي ۽ حوصلي کي ساراهيندي اسڪول انتظاميا ۽ پرنسپال کي اهڙي معلوماتي ۽ تعليمي سرگرمي منعقد ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪئي ان موقعي تي موجود صحافين سول جج محمد بچل ڀهڙو جو ڌيان سڄاول گرلز هاءِ اسڪول جي زبون حال عمارت ڏانهن پڻ ڇڪايو ۽ کين اسڪول جو دورو ڪري ڪلاس رومن جي خراب حالت جو جائزو وٺڻ جي درخواست ڪئي صحافين ٻڌايو ته اسڪول جي ڪلاس رومن جي ڇتين جا ڇاپڙا وقت بوقت ڪرڻ جا واقعا پيش اچن ٿا جنهن سبب شاگرديائين جي حياتين کي خطرو آهي ڌارو گرلس اسڪول جي ڇت جا ڇاپڙا ڪرڻ سبب ڪي شاگرديائيون سخت زخمي ٿي پيون هيون صحافين مطالبو ڪيو ته اسڪول جي عمارت جي حالت جو جائزو وٺي شاگرديائين جي تحفظ لاءِ ضروري قدم کنيا وڃن صحافين شهر ۾ وڌندڙ حددخلين بابت پڻ سوال ڪيا، جنهن تي سول جج محمد بچل ڀهڙو چيو ته حددخليون سندس علم ۾ آهن ۽ انهن خلاف جلد آپريشن ڪيو ويندو

**بقايا 29 روزاني عبرت**
ملڪ خان محمد لغاري، سهراب ميرجت ۽ ٻين ڪئي ان موقعي تي استادن هٿن ۾ بينر کڻي مطالبن جي حق ۾ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي استاد اڳواڻن چيو ته تعليم کاتي جا ضلعي ۽ تعلقي سطح جا آفيسر بي اختيار بڻيل آهن.

**بقايا 30 روزاني عبرت**
سيڪريٽري نظير احمد لنڊ،جنرل سيڪريٽري سيڪريٽري الطاف ڪبر عبدالرشيد شر،شاهد جت، اظهر سهتي مراد مري ۽ ٻين استادن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي اڳواڻن احتجاج ڪندي چيو ته پرائمري استادن جو سروس اسٽرڪچر فوري طور بحال ڪيو وڃي چارٽر آف ڊمانڊ تي عملدرآمد ڪري رڪيل پروموشن بحال ڪيا وڃن

**بقايا 31 روزاني عبرت**
ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ سميت لاڳاپيل ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي 27 آڪٽوبر تي پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي آهي سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد جي جسٽس عدنان ڪريم ميمڻ ۽ جسٽس محمد جعفر رضا تي ٻڌل ڊويزن بئنچ ۾ منور علي ناريجو پاران سپريم ڪورٽ جي وڪيل ايڊووڪيٽ عشرت علي لوهار معرفت اينٽي ڪرپشن سنڌ حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين خلاف آئيني درخواست داخل ڪئي وئي جنهن تي عدالت ٻڌڻي ڪندي عبوري حڪم جاري ڪيو درخواستگذار جي وڪيل عدالت کي موقف اختيار ڪندي ٻڌايو ته سنڌ يونيورسٽي ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي جي چونڊيل باڊي پاران سوسائٽي جي ايمنيٽي پلاٽن تي مسجد، پارڪ ۽ شاپنگ سينٽر تعمير ڪرايا پيا وڃن وڪيل موجب، چونڊيل باڊي شاپنگ سينٽر پنهنجي ذميواري تي قرض حسنا ذريعي تعمير ڪرائي رهي آهي، پر ان باوجود اينٽي ڪرپشن ڪراچي طرفان فنڊن بابت نوٽيس جاري ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ڄامشورو ۾ پڻ اينٽي ڪرپشن جو لاڳاپيل سرڪل موجود آهي درخواستگذار جي وڪيل پاران موقف اختيار ڪيو ويو ته سوسائٽي ۾ 40 دڪانن جي الاٽمينٽ ۽ ان سلسلي ۾ اينٽي ڪرپشن جي ڪارروائي بابت قانوني سوال پيدا ٿين ٿا، تنهن ڪري عدالت کان رجوع ڪيو ويو آهي عدالت درخواست تي ڌرين کي نوٽيس جاري ڪندي ايندڙ ٻڌڻي تائين عبوري طور ڪا به زبردستي ڪارروائي نه ڪرڻ جو حڪم ڏنو جڏهن ته ايڊيشنل ايڊووڪيٽ جنرل سنڌ سميت لاڳاپيل ڌرين کي 27 آڪٽوبر تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي معاملي جي وڌيڪ ٻڌڻي مقرر تاريخ تي ٿيندي

**بقايا 32 روزاني عبرت**
مقتولن جي وارثن ۽ سري برادري پاران گذريل رات کان لاشن سميت شادي پلي وٽ عمرڪوٽ ميرپورخاص روڊ تي لڳل ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪري لاش ڪفنائي روانا ٿي ويا

**بقايا 33 روزاني عبرت**
خبردار ڪريون ٿا ته هو سنڌ دشمن سازشون بند ڪن ۽ پنهنجي قوم کي گمراهه نه ڪن ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌي قوم سنڌ جي وحدانيت جي ڪو به وار برداشت نه ڪندي سنڌ سادر وطن آهي سنڌ جي حدن سان هٿ چراند سان پيپيو ويندو . هن چيو ته سنڌي چريا ۽ بيوقوف ناهن جو ماٺ ڪري ويهي رهندا هو بک برداشت ڪري ٻچن جا لاش ڪلهي سگهن ٿا پر ڌرتي ماءُ جو سودو قبول نه ٿا ڪري سگهن . سنڌ جا ست ڪروڙ محافظ آهن سنڌ رڳو وطن ۽ پر سنڌو تهذيب به آهي اسان جي دل سنڌ لاءِ ڌڙڪي ٿي . هن چيو ته ايم ڪيو ايم جو سنڌ ورهائڻ جو خواب پورو نه ٿيندو اردو ڳالهائڻ وارا ۽ سنڌ کي ماءُ سمجهن ٿا هن چيو ته فاروق ستار ذهني مريض ٿي ويو آهي جيڪو روز سنڌ جي ورهاڱي جي ڳالهه ٿو ڪري . هن چيو ته سنڌ پنهنجي بقا جي جنگ وڙهي ٿي نئين سنڌ بڻجي چڪي آهي هن چيو ته اسان ٽطرفي جنگ وڙهون پيا جنهن مان سڀ کان وڏي جنگ سنڌ کي بچائڻ جي جنگ آهي اقتدار ۾ ويٺل سنڌ جو ڪيو پيا کائين ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي ڳالهه به ڪن ٿا . هن چيو ته پاڪستان جي حقيقي شڪل تڏهن بحال ٿيندي جڏهن پارليامينٽ بااختيار هوندي.

**بقايا 34 روزاني عبرت**
حراست ۾ پڪڙجي ويو جڏهن ته پوليس اهلڪار سان ڦر واري واقعي خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال تي سوال اٿاري ڇڏيا آهن

**بقايا 35 روزاني عبرت**
ملاح، جمعيت علماء اسلام جي اڳواڻ حاجي عرفان ڪلي، سابق چيئرمين حاجي محمد صديق خاصخيلي سائين علي رضا شاه ۽ پ پ اڳواڻ مير حاجن ڏالير خطاب ڪندي چيو ته اسڪول جو پاڻي خراب ٿيڻ ڪري پيڻ جي لائق ناهي هن چيو ته منهنجي ڪوشش ۽ فنڊملي جي سهڪار سان اسڪول ۾ صاف پاڻي جو پلانٽ لڳرايو هن چيو ته اسان هتن شاگردن جي تعليم سان گڏ هنن جي صحت جا پڻ ضامن آهيون اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪندڙ سمورن شاگردن ۽ معزز استادن ۽ اسٽاف کي بنا ڪنهن فرق جي صاف ۽ مٺو پيئڻ جو پاڻي ملي رهيو آهي تقريب ۾ شريڪ معززين طرفان مير حاجن ڏالير کي اجرڪن ۽ لنگين جا تحفا پيش ڪيا ويا. افتتاح اسڪول جي هڪ شاگرد ۽ رٽائرڊ استاد محمد ملن ملاح کان ڪرايو ويو تقريب ۾ شهر جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي.

**بقايا 36 روزاني عبرت**
سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن (سنڌ ايڇ اي سي) جي چيئرمين پروفيسر ڊاڪٽر ايس ايم طارق رفيع (تمغه امتياز) تقريب ۾ خاص مهمان طور شرڪت ڪئي .

**بقايا 37 روزاني عبرت**
بابت تفصيلي بريفنگ ڏني گڏجاڻي کي خطاب ڪندي ڊپٽي ڪمشنر زارا زاهد چيو ته صحت جون بنيادي سهولتون هر شهري جو بنيادي حق آهن ۽ سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن.

**بقايا 38 روزاني عبرت**
اين سي داخل ڪرائي ڇڏي آهي پوليس سي سي ٽي وي فوٽيج به هٿ ڪري ورتا آهن وارثن جو الزام آهي ته پوليس ڪار جو نمبر موجود هجڻ جي باوجود به پوليس ڪارروائي نه پئي ڪري نوجوان جي نقصان پهچڻ جو خدشو آهي نوجوان جي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو آهي

**بقايا 39 روزاني عبرت**
جاري ڪيا ويا جڏهن ته هڪ برطرف اهلڪار جي بحاليءَ واري اپيل منظور ۽ ٻئي جي اپيل رد ڪئي وئي ٻين برطرف اهلڪارن جي اپيلن تي وڌيڪ جاچ جا حڪم پڻ ڏنا ويا ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب واضح ڪيو ته ڪرپشن، غيرقانوني سرگرمين، اختيارن جي ناجائز استعمال ۽ فرضن ۾ غفلت ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف سخت کاتي واري ۽ قانوني ڪارروائي ڪئي ويندي

**بقايا 40 روزاني عبرت**
جي ترقياتي ڪمن جا ٽينڊر شايع ته ٿين ٿا پر عملي طور اڪثر ڪم ٿين ئي ڪونه ٿا. ڊپٽي ڪمشنر چونڊيل نمائندن انجنيئرن ۽ ٺيڪيدارن جي ملي ڀڳت سان ڪروڙ بل ڏاهي اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي. جيڪڏهن ڪٿي ڪي ترقياتي ڪم ٿين به ٿا ته اهي سياسي بنيادن تي من پسند ماڻهن جا ڪم ڪرايا پيا وڃن هنن ني ايف آءِ اي، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان پرزور مطالبو ڪيو ته ضلعي قمبرشهدادڪوٽ اندر ٿيندڙ ترقياتي ڪمن جي جاچ ڪرائي وڃي.

**بقايا 41 روزاني عبرت**
آڪٽوبر تي بدين ۾ منعقد ڪئي ويندي اجلاس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته پيپلز پارٽي اقتدار خاطر سنڌ جي وحدت، زمينن، وسيلن ۽ سامونڊي پٽيءَ تي سوديبازي ڪري چڪي آهي. پيپلز پارٽيءَ جي ايم پي اي جاويد شاه جيلانيءَ جو سنڌ جي ساحلي پٽي تي ڪميونسڪري وفاق حوالي ڪرڻ وارو بيان پيپلزپارٽي جي اسٽيبلشمينٽ ۽ وفاقي حڪومت سان اقتدار خاطر ڳجهه ڳوهه ۾ ڪيل معاهدي جو چٽو ثبوت آهي اڳواڻن چيو ته پيپلزپارٽي سنڌي عوام کي گمراهه ڪرڻ ۽ صوبن خلاف هلندڙ جدوجهد کي ساڻو ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي مان قرارداد پاس ڪرڻ کان پوءِ خاموش ٿي وئي آهي.

**بقايا 42 روزاني عبرت**
آهي ته ڪالهه شام 6 وڳي واقعي کان وٺي هن وقت تائين انتظاميا ريسڪيو ٽيم نه گهرائي نه سگهي آهي جنهن ڪري هو سخت پريشاني ۾ مبتلا آهن

**بقايا 43 روزاني عبرت**
ڪچهريءَ دوران شهرين زمين جي ڏڪرائڻ زرعي پاڻيءَ جي مسئلن گٽکي جي وڪري ۽ گاڏين ۾ فينسي لائيٽن جي استعمال بابت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون ان موقعي تي ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي چيو ته بدين پوليس منشيات فروشن خلاف ڀرپور ڪارروايون ڪري رهي آهي هن ٻڌايو ته حيدرآباد رينج ۾ آئي جي ڪري خلاف ڪارروايون جي حوالي سان بدين پوليس ڪارڪردگيءَ ۾ پهرين نمبر تي آهي شهرين کي فوري پوليس مدد فراهم ڪرڻ لاءِ 15 مددگار پوليس سروس قائم ڪئي وئي آهي پوليس جي ڪوشش آهي ته عوام کي وڌ کان وڌ سهولتون فراهم ڪري سندن مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن شهرين پاران پيش ڪيل شڪايتن تي ايس ايس پي بدين لاڳاپيل معاملن ۾ ڊي ايس پي ماتلي کي ميرٽ تي انڪوائري ڪري فوري رپورٽ پيش ڪرڻ جون هدايتون جاري ڪيون هن وڌيڪ ٻڌايو ته گاڏين ۾ فينسي لائيٽن جي استعمال خلاف سڄي ضلعي ۾ 15 ڏينهن واري خصوصي مهم شروع ڪئي وئي آهي

حکومت پاکستان
دفتر برائے اسسٹنٹ انسپکٹر جنرل آف پولیس (لاجسٹکس)، اسلام آباد

ٹینڈر نوٹس نمبر 17 برائے مالی سال 2026-27
15-APCs کی خریداری

1- اسلام آباد پولیس کو مالی سال 2026-27 کیلئے 15-APCs کی خریداری درکار ہے۔
2- اسلام آباد کیپیٹل ٹیریٹری پولیس، EPADS ورژن 2.0 پر دستیاب بڈنگ دستاویزات میں درج APC کی خریداری کے لیے اہل بولی دہندگان سے سیل بند الیکٹرانک بولیاں مطلوب ہیں۔
3- تمام دلچسپی رکھنے والی فرموں / کمپنیوں، جو درست اور فعال این ٹی این (NTN) اور سیلز ٹیکس رجسٹریشن نمبر (STRN) رکھتی ہوں، کو دعوت دی جاتی ہے کہ وہ پبلک پروکیورمنٹ ریگولیٹری اتھارٹی (PPRA) کے ای-پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (E-PADS)V-2.0 کے ذریعے بولی کے عمل میں حصہ لیں۔
4- ٹینڈر میں صرف رجسٹرڈ ادارے / فرم حصہ لے سکتے ہیں جو سیلز ٹیکس اور انکم ٹیکس باقاعدہ ادا کرتے ہوں اور FBR کے Active Tax Payers List میں شامل ہوں۔ ٹینڈر کے ساتھ فرم کی رجسٹریشن، جنرل سیلز ٹیکس رجسٹریشن کی مصدقہ کاپی، نیشنل ٹیکس نمبر کی مصدقہ کاپی اور فرم کے بنک اکاؤنٹ کی تفصیل بھی منسلک ہونی چاہیے۔ وینڈر نمبر AGPR اسلام آباد میں ہونے کی صورت میں واضح طور پر درج کریں۔
5- اس خریداری کے لیے ایک مرتبہ، دو لفافہ (Single StageTwo Envelope) کا طریق کار اختیار کیا جائے گا، جس میں معیار اور قیمت کی بنیاد پر منتخب (Quality and Cost Based Selection - QCBS) کیا جائے گا۔ یہ عمل پبلک پروکیورمنٹ رولز، 2004 اور پبلک پروکیورمنٹ ریگولیٹری اتھارٹی (PPRA) کی جانب سے وقتاً فوقتاً جاری کردہ قواعد، ضوابط، رہنما اصولوں اور ہدایات کے مطابق ہوگا۔
6- بولی کے دستاویزات کے ساتھ (Bid Security) ضمانت بولی EPAD پر درج مقررہ مالیت کے مطابق جمع کرانا لازمی ہوگی، جو پے آرڈر، کال ڈپازٹ رسید (CDR)، بینک گارنٹی یا ڈیمانڈ ڈرافٹ کی صورت میں قابل قبول ہوگی۔
7- الیکٹرانک بڈنگ دستاویزات، جن میں تفصیلی شرائط وضوابط، تکنیکی خصوصیات، ضروری تقاضے اور دیگر معلومات شامل ہیں، ای- پاک ایکوزیشن اینڈ ڈسپوزل سسٹم (EPADS) ورژن 2.0 پر دستیاب ہیں۔
8- تمام دلچسپی رکھنے والے بولی دہندگان کے لیے EPADS ورژن 2.0 پر رجسٹریشن لازمی ہے تا کہ وہ بڈنگ کے عمل میں حصہ لے سکیں۔
9- بڈنگ دستاویزات میں دی گئی ہدایات کے مطابق تیار کردہ الیکٹرانک بولیاں صرف EPADS ورژن 2.0 کے ذریعے 2 نومبر 2026 بروز پیر، صبح 11:00 بجے تک جمع کرائی جائیں۔ بولیاں اسی روز صبح 11:30 بجے EPADS کے ذریعے کھولی جائیں گی۔ دستی (Manual) طور پر جمع کرائی گئی بولیاں کسی صورت قبول نہیں کی جائیں گی۔
10- محکمہ ضرورت کو پیش نظر رکھتے ہوئے مطلوبہ اشیا کی تعداد کو زیادہ یا کم کرسکتا ہے۔

PID(I) 3501/2026

اسلام آباد کیپیٹل ٹیریٹری (ICT) پولیس، اسسٹنٹ انسپکٹر جنرل آف پولیس
لاجسٹکس، اسلام آباد (سیکرٹری پرچیز کمیٹی) رابطہ نمبر: 051-9258371(120&124)

## عمرڪوٽ لڳ زال جي گهران نڪري وڃڻ بعد نوجوان پاڻ ۽ چار ٻارن کي زهر پياري ڇڏيو

گوٺ نواب علي راڄڙ واسي 30 ورهين جي ڪيمچند ڪولهي ۽ ٻارن کي نازڪ حالت ۾ اسپتال منتقل ڪيو ويو

متاثرن کي ابتدائي طبي امداد ڏيڻ بعد حالت ڳڻتيءَ جوڳي هئڻ سبب حيدرآباد منتقل ڪيو ويو

پرمي ڪولهي مڙس ۽ ٻارن کي ڇڏي وزير پٽ پروپٽ اوڏ سان پسند جي شادي ڪئي ته نوجوان اهڙو قدم کنيو: وارث

عمرڪوٽ لڳ ڏورناري پرسان ڳوٺ حاجي نواب علي راڄڙ ۾ بلديه جي رهواسي 30 ورهين جي ڪيمچند ڪولهي پنهنجي چئن معصوم ٻارڙن سڻن ورهين جي جمنا، پنجن ورهين جي ليلا، چئن ورهين جي پوپي ۽ ٻن ورهين جي وحئه سميت زهريلي دوا پيئي خودڪشي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي جنهن سبب ڪيمچند ۽ چارئي ٻارڙا بيهوش ٿي ويا، اطلاع ملڻ تي ڳوٺاڻن متاثرن کي ترت رورل هيلٿ سينٽر ڏورناري پهچايو جتي کين ابتدائي طبي

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: سرحد پوليس پاران گرفتار ڪيل جوابدار ۽ هٿ آيل چرس

## ٽرانسپورٽرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا: وحيد علي پنهور

مقرر ڀاڙن کان وڌيڪ رقم وٺندڙ ٽرانسپورٽرن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي

ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي سيڪريٽري حيدرآباد جو عهدو سنڀالڻ بعد ميڊيا سان ڳالهيون

حيدرآباد ( اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت وحيد علي پنهور کي ريجنل ٽرانسپورٽ اٿارٽي حيدرآباد جو سيڪريٽري مقرر ڪري ڇڏيو هن پنهنجي عهدي جي چارج سنڀالي ورتي عهدي جي چارج سنڀالڻ کانپوءِ نئين مقرر ٿيل سيڪريٽري وحيد علي پنهور چيو ته ٽرانسپورٽرن جا مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا ويندا، جڏهن ته مسافرن کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ڀاڙن

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

## راڄو خاناڻي لڳ 7 ٻارن جي پيءُ مبينا ڦاهو ڳائي آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ پريو ڪولهي ۾ 45 ورهين جي رامچند ڪولهي انتهائي قدم کنيو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪڻائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

راڄوخاناڻي( ن ع) راڄوخاناڻي پرسان ڳوٺ پريو ڪولهي ۾ 7 ٻارن جي پيءُ 45 ورهين جي شخص مبينا ڦاهو ڳائي خودڪشي ڪري ڇڏي، وارثن موجب فوتي جو دماغي توازن درست نه هو پوليس جاچ شروع ڪري ڇڏي، راڄوخاناڻي پرسان ڳوٺ پريو ڪولهي ۾ 7 ٻارن جي پيءُ 45 ساله رامچند ڪولهي پٽ راڄو ڪولهي پنهنجي ڪکائين گهرن واري لانڍي جي ڪاٽ ۾

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

## پٿورو لڳ سري برادري جي جهيڙي جو ايس ايس پي نوٽيس ورتو، ٻه گرفتار

ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر نوٽيس وٺندي جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي

پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري جاچ شروع ڪري ڏني

پٿورو (ن ع ) پٿورو پرسان صوفي فقير ٿاڻي جي حد ۾ گذريل ڏينهن سري برادري جي ٻن ڄڻن جي قتل واري واقعي جو ايس ايس پي عمرڪوٽ سهائي عزيز ٽالپر نوٽيس وٺندي جاچ ٽيم جوڙي ڇڏي، جڏهن ته پوليس ڪارروائي ڪندي ٻن جوابدارن کي گرفتار ڪري لاڪپ ڪري ڇڏيو آهي ذريعن موجب، جاچ ٽيم ۾ ڊي ايس پي پٿورو سڪندر علي سميجو ايس ايڇ او

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

## دوڙ ۾ استادن جو جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽئين ڏينهن به احتجاج

دوڙ( ن ع) دوڙ پريس ڪلب اڳيان استادن جو احتجاجي سلسلو اڄ ٽئين ڏينهن به جاري جائز مطالب جي مڃتا لاءِ احتجاج

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ۾ سني رابطه ڪائونسل جي اهتمام هيٺ "امام اهل سنت ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي

خيرپور(ڊ.ر) سني رابطه ڪائونسل صوبي سنڌ جي اهتمام هيٺ خيرپور جي مشهور ديني درسگاهه جامعه حيدريه ۾ "امام اهل سنت ڪانفرنس" منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سني رابطه ڪائونسل جي مرڪزي ۽ صوبائي قيادت سميت مختلف ضلعن جي اڳواڻن خطاب ڪيو ڪانفرنس ۾ استاد

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

راڄوخاناڻي: فوت ٿي ويل شخص جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

## ميهڙ مان چابي چور ٽي موٽر سائيڪلون چورائي ويا

ميهڙ (ن ع) ميهڙ بي سيڪشن ٿاڻي جي حد ۾ نامعلوم چابي چور هڪ ئي وقت ٽي موٽرسائيڪلون چورائي فرار ٿي ويا ميهڙ باءِ پاس تي ايم ناڻن هوٽل جي سامهون خيرات جي ماني تي آيل ٽن ڄڻن طالب ڪوسو ، علي اڪبر چانڊيو ۽ جواد چانڊيو جون موٽرسائيڪلون نامعلوم چابي چور چورائي فرار ٿي ويا واقعي کان پوءِ متاثرن پاران ميهڙ بي سيڪشن ٿاڻي تي ڌار ڌار

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5



فيصل آباد: هڪ عورت روڊ ڪناري مڪئي پچي رهي آهي

## آپڪا ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ونگ پاران ڊائريڪٽر جي ميڊيا ٽرائل جي مذمت

خبر شايع ڪرڻ کان اڳ حقيقتن جي مڪمل تصديق صحافتي اصولن ۾ شامل آهي: اسدالله لاکو

ڊائريڪٽر محرم علي خلاف پروپيگنڊا بند نه ٿي ته احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي ويندي: جناءِ

حيدرآباد (بيورو رپورٽ) آل پاڪستان ڪلرڪ ايسوسيئيشن ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ونگ جو اجلاس وائيس چيئرمين سنڌ اسدالله لاکو جي صدارت ۾ منعقد ٿيو جنهن ۾ ايگريڪلچرل انجنيئرنگ ونگ جي ڊائريڪٽر محرم علي خلاف سوشل ميڊيا ۽ پرنٽ ميڊيا تي هلندڙ مبينا من گهڙت ۽ بي بنياد پروپيگنڊا جي سخت مذمت ڪئي وئي اجلاس دوران

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

## سڪرنڊ ۾ جسقم پاران تحفظ مادر وطن سنڌ حوالي سان جلسو منعقد

جلسي ۾ مرڪز، ضلع ۽ تعلقه سميت سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي

سنڌ وجود جي ڀورين ڏينهن کان آزاد وطن رهيو آهي ۽ ان شاءَ الله تا قيامت رهندو: اڳواڻ

سڪرنڊ ( ن ع ) جسقم پاران "تحفظ مادر وطن سنڌ" جي عنوان تحت سڪرنڊ لڳ ماڙي عالم جلباڻي ۾ جلسو عام جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ مرڪز، ضلع ۽ تعلقه سميت سوين ڪارڪنن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جسقم جي مرڪزي اڳواڻن عبدالرشيد ڏيگهو، عبدالصمد تنيو ۽ آصف رضا مگسي الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته سنڌ پنهنجي وجود جي ڀورين ڏينهن

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

## پنوعاقل ۾ هنگورو روڊ جو ڪم مڪمل نه ٿيڻ رهواسي عذاب ۾ مبتلا

ڪيترن ئي ڳوٺن کي ملائيندڙ لنڪ روڊ جو ڪم ٺيڪيدار اڌ ۾ ڇڏي فرار

هنڌ هنڌ پٿر پڪوڙيل هجڻ سبب حادثا روز جو معمول بڻيل، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

پنوعاقل(ن ع) پنوعاقل ۾: هنگورو لنڪ روڊ عوام لاءِ عذاب بڻجي ويو گنبدوگري ڦاٽڪ کان هنگورو ٿائين ڪيترن ئي ڳوٺن کي ملائيندڙ لنڪ روڊ سالن کان رولڙي جو شڪار آهي روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي ٺيڪيدار هليو ويو پر افسوس جو عوام جي درد جو احساس ڪندڙ ڪو به نظر نٿو اچي روڊ تي هنڌ هنڌ ڪنڪريٽ ۽ پٿر پڪوڙيل هجڻ سبب روڊ حادثا روز جو معمول بڻجي

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

گلاب لغاري: ايس ايس پي کلي ڪچهري کي خطاب ڪري رهيو آهي

## ٽنڊوآدم ۾ استادن جي حقن لاءِ پ ٽ الف جي علامتي بک هڙتال ٽئين ڏينهن به جاري

استادن لڪاڻو خاصخيليءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ٻن ڪلاڪن تائين علامتي بک هڙتال ڪئي

استادن جا جائز مطالبا تسليم ڪري سندن درپيش مسئلا حل ڪيا وڃن: مظاهرين

ٽنڊوآدم ( ن ع ) ٽنڊوآدم ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي سڏ تي استادن جي حقن جي حاصلات لاءِ پ ٽ الف تعلقه ٽنڊوآدم پاران ٽئين ڏينهن به سنڌي مين الميٽري اسڪول ٽنڊو آدم جي مک گيٽ تي علامتي بک هڙتال ڪئمپ قائم ڪئي وئي، جتي پ ٽ الف تعلقه ٽنڊو آدم جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

## مورو ۾ عورت جو مڙس ۽ ٻارن سان گڏجي ٻاٿر جي زيادتين خلاف احتجاج

ڳوٺ ڪمدار چانڊيوواسڻ مهرالنسا چانڊيو غلام شبير ۽ ٻين پريس ڪلب آڏو احتجاج ڪيو

ٻاٿر جوابدارن گهر مان پنج لک روڪ ۽ ٻڪريون ڪاهي ويا آهن انصاف ڪيو وڃي

مورو (ن ع) سڌوڄا پرسان ڳوٺ حاجي ڪمدار چانڊيو جي رهواسڻ مهرالنسا چانڊيو پنهنجي مڙس غلام شبير چانڊيو ۽ معصوم ٻارڙن سميت مورو پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي ميڊيا آڏو ڏانهيندي چيو آهي ته سنڌس گهر ۾ مبينا طور داخل ٿي پنج لک رپيا ۽ پنج ٻڪريون زبردستي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

## شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ ايم فل اسڪالر جو تحقيقي سيمينار

سيمينار ۾ اسڪالر پاران پنهنجي تحقيقي مقالي جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو

خيرپور(ڊ.ر)شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي سنڌي شعبي ۾ ايم فل اسڪالر جو تحقيقي سيمينار ڪاميابيءَ سان منعقد ٿيو جنهن ۾ اسڪالر پاران پنهنجي تحقيقي مقالي جو تفصيلي جائزو پيش ڪيو ويو سيمينار: نسرين ڪوثر ٻرڙو ( عبدالفتاح عابد جي ادبي خدمتن جو تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس) جي عنوان تي تحقيقي مقالو پيش ڪيو سيمينار جي صدارت فيڪلٽي آف آرٽس اينڊ لئنگويجز جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ

بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

## خيرپور ضلعي جا بند پيل 120 پرائمري اسڪول ٻيهر کوليا ويا آهن: ڊي اي او

استادن جي فوت ٿيڻ، رٽائرمينٽ ۽ بدلين سبب گذريل ڪجهه مهينن کان بند پيل کوليا آهن

لاڳاپيل اسڪول ٻيهر کولڻ ۽ استادن جي مقرريءَ وارو عمل مڪمل ڪيو ويو آهي

خيرپور(ڊ.ر) خيرپور ضلعي جا بند پيل 120 پرائمري اسڪول ٻيهر کلي ويا، استادن جون مقرريون خيرپور ضلعي جي 7 تعلقن ۾ مختلف سببن جن ۾ استادن جي فوت ٿيڻ رٽائرمينٽ ۽ بدلين سبب گذريل ڪجهه مهينن کان بند پيل 120 پرائمري اسڪول ٻيهر کوليا ويا آهن جتي استادن جون مقرريون پڻ ڪيون ويون آهن ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر پرائمري خيرپور اياز حسين مهيسر ڪجهه ڏينهن اڳ بند پيل اسڪول کولرائڻ لاءِ تعليم کاتي سنڌ جي

بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

اسلام آباد: وفاقي وزير راڻا تنوير گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

## سنڌ يونيورسٽي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي وارو معاملو هاءِ ڪورٽ پهتو

درخواست ڏيندڙ منور ناريجي ۽ 40 دڪانن بابت ايندڙ ٻڌڻي تائين ڪارروائي نه ڪرڻ جي هدايت

حيدرآباد (اسحاق رپورٽر) سنڌ يونيورسٽي ڪو آپريٽو هائوسنگ سوسائٽي ۾ 40 دڪانن جي اڏاوت ۽ ان حوالي سان اينٽي ڪرپشن پاران جاري ڪيل نوٽيسن جو معاملو سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد پهچي ويو آهي جتي عدالت ايندڙ ٻڌڻي تائين درخواستگذار منور علي ناريجو ۽ سوسائٽي ۾ 40 دڪانن جي اڏاوت واري معاملي ۾ عبوري طور ڪا به زبردستي ڪارروائي نه ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي عدالت آئيني درخواست تي ايڊيشنل

بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

## سنڌ سنڌين جي ڏيهه آهي جنهن تي ڪنهن به قسم جي ڪا سوديبازي قبول نه هوندي: قادر مگسي

ايم ڪيو ايم کي خبردار ڪريون ٿا ته هو سنڌ دشمن سازشون بند ڪن ۽ پنهنجي قوم کي گمراهه نه ڪن

جيڪڏهن ڪنهن کي اهو خيال آهي ته هو سنڌ کي ورهائيندا ته اها سندن ڀل آهي: ماتلي ۾ جلسي کي خطاب

ماتلي (ن ع) سنڌ ترقي پسند پارٽي جي چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي ماتلي ۾ شهيد جمال شاهه جي 27 هين ورسي جي موقعي تي سنڌ منهنجي امان جي جلسي کي خطاب ڪندي چيو آهي ته سنڌ هن وقت خطري ۾ آهي ۽ سنڌ سنڌين جي ڏيهه آهي جنهن تي ڪنهن به قسم جي ڪا سوديبازي قبول نه هوندي. هن چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي اهو خيال آهي ته هو سنڌ کي ورهائيندا ته اها سندن ڀل آهي هن چيو ته ايم ڪيو ايم کي

بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

سرگودا: سرديون اچڻ سان ٿي سڪل فروٽ جو اسٽال سجايو ويو آهي

## ترقي پسند پارٽي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو

مختلف ڪاتن ۾ اربين روپين جي ترقياتي ڪمن جا ٽينڊر شايع ٿين ٿا پر ڪم نٿا ٿين

ڪروڙا بل ٺاهي اربين روپين جي ڪرپشن ڪئي پئي وڃي: اڳواڻ

قمبرشهدادڪوٽ (ن ع) ضلعي قمبرشهدادڪوٽ جي ڊپٽي ڪمشنر جي اڳواڻي هيٺ ضلعي ۾ هلندڙ ترقياتي ڪمن ۾ وڏي پئماني تي ٽينڊر ڪرپشن ۽ سياسي بنيادن تي من پسند ماڻهن جا ڪم ڪرائڻ واري عمل خلاف ترقي پسند پارٽي ضلعي قمبر شهدادڪوٽ جي سڏ تي احتجاجي اڄ تعلقه قبوسعيدخان ۾ مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ايس ٽي پي تعلقه صدر غلام نبي چنو عبدالرحيم حيدري احمد مگسي ثناءالله مگسي عبدالغفار مگسي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته ضلعي اندر مختلف ڪاتن ۾ اربين روپين

بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

## پ پ اقتدار خاطر سنڌ جي وسيلن تي سوديبازي ڪري چڪي آهي: لال جروار

سنڌ سنڌي قوم جو تاريخي وطن ،قوم جي گڏيل ۽ اجتماعي ملڪيت آهي

ست ڪروڙ عوام پيپلزپارٽي جي ان ڳجهي ڪيل ڊيل کي هرگز برداشت نه ڪندو

بدين (ڊ.ر) عوامي تحريڪ ضلعي بدين جي ضلعي آرگنائيزنگ ڪميٽيءَ جو اجلاس ضلعي آرگنائيزر محمد علي ٽالپر جي صدارت هيٺ بدين ۾ ٿيو جنهن ۾ عوامي تحريڪ جي مرڪزي آرگنائيزر لال جروار خصوصي شرڪت ڪئي اجلاس ۾ فيصلو ڪيو ويو ته عوامي تحريڪ ضلعي بدين جو ڪنوينشن ۽ سنڌ کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جي سازشن سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضن جلالپور سميت سمورن نون ڪئنالن ۽ ڊيمن خلاف ڪانفرنس 24

بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

## پاڪستان سميت دنيا جي 19 ملڪن پاران بيت المقدس ۾ ڪولمبيا جو سفارتخانو کولڻ جي مذمت

اسلامي ۽ عرب ملڪن جي پرڏيهي وزيرن سفارتخانو کولڻ واري فيصلي سخت مذمت ڪئي وئي

والاريل بيت المقدس کي اسرائيل جي گاديءَ جو هنڌ تسليم ڪرڻ وارو قدم غيرقانوني آهي: پرڏيهي وزير

آزاد فلسطيني رياست جي قيام واري عالمي ڪوشش جي نقصان پهچائيندڙ قدمن کان پاسو ڪرڻ جو مطالبو

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان مصر، فلسطين، ترڪي، جبوتي، لبنان، ليبيا، يمن، قطر، اردن، وفاقي صوماليه، ملائيشيا، انڊونيشيا، سعودي عرب، ڪويت، الجزائر، اومان، شام ۽ سوڊان جي پرڏيهي وزيرن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

## ماتلي مان ستين ڪلاس جو شاگرد گم، اغوا جو خدشو ظاهر

ماتلي (ن ع) ماتلي شهر جي ٽئين پل لڳ ڪي ٽي محلي مان ستين ڪلاس جو شاگرد 13 ورهين جو شاگرد ماجد شيدي پراسرار طور لاپتا ٿي ويو آهي سنڌس وارثن پاران ماجد شيدي جي اغوا جو خدشو ڄاڻائيندي سنڌس بازيابي لاءِ پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو آهي سنڌس وارث عورتن ۽ مردن جو چوڻ آهي ماجد گذريل ٻن ڏينهن کان لاپتا آهي جنهن جي ڳولا باوجود هو هٿ اچي نه سگهيو آهي هتن سنڌن پاڙي جي هڪ نوجوان جو نالو ڪنندي معتس ماجد شيدي جي اغوا جو

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

## عمرڪوٽ ۾ حادثي جو زخمي نوجوان اسپتال ۾ فوت

عمرڪوٽ ( ڊ ر) عمرڪوٽ شهر جي معزز واپاري ڀڳوان داس سالهي جو 30 ورهين جو نوجوان پٽ سنيل ڪمار ڏهه ڏينهن اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿي پيو هو جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ ڪراچيءَ جي اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو هو جتي هو زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو نوجوان جي فوت ٿيڻ جي خبر گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو ۽ علائقو سوڳوار ٿي ويو جڏهن ته نوجوان واپاري جي وڇوڙي سوڳ ۾ عمرڪوٽ شهر جا مختلف

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: زخمي ٿيل شخص اسپتال ۾ علاج هيٺ آهي

## گمبٽ ويجهو هٿيارٻندن ڦر مزاحمت تي ڳوٺاڻي کي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

گمبٽ (ٽ.ر) پيرجوڳوٺ لڳ ڳوٺ مڪرجي ۾ هٿيارٻندن پاران ڪيلن جي باغ وٽ بيٺڪ تي هٿيارٻندن جو حملو 2سينهون ڪاهڻ جي ڪوشش مزاحمت تي هٿيارٻندن مير محمد راهوجو کي ڪلاشن ڪوپ جا ڦنداق هڻي سڙٽينگ ڪري ڇڏيو واهر تي علائقي واسي جي پهچڻ تي هٿيارٻند فرار ٿي ويا زخمي کي ڳڻتي واري حالت ۾ پهريان پيرجوڳوٺ بعد ۾ خيرپور اسپتال منتقل ڪيو ويو

## ڪنڌڪوٽ مان پنجاب مزدوري لاءِ ويل 3 پورهيت هفتي کان گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) ڪنڌڪوٽ مان گوجرانوالا مزدوري لاءِ ويل گولا برادري جا ٽي نوجوان شڪل گولو سردار علي گولو ۽ علي مراد گولو هڪ هفتي کان گم وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو پيو وڃي ان موقعي تي وارثن موجب ته نامعلوم شخص ڪم ڏيارڻ جي بهاني ٽن شڪل گولو علي مراد گولو سردار علي گولو کي ڪار ۾ کڻي ويو جنهن بعد سندن موبائيل فون بند آهن اسان کي شڪ آهي ته ڪٿي اغوا نه ٿي ويا هجن وارثن گوجرانوالا جي ڊهلي ٿاڻي تي

بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪنڌڪوٽ: گم ٿيل پورهيت جن جي اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي

## گمبٽ ويجهو هٿيارٻندن ڦر مزاحمت تي سيلز مين زخمي ڪري ڇڏيو

گمبٽ (ٽ.ر)اڪري ٿاڻي جي حد ظفرآباد ، حسين پاتو لنڪ روڊ تي ڦر مزاحمت تي سيلز مين زخمي ڪري ڇڏيو نامعلوم هٿيارٻندن درڳاهه پير رتڙو پرسان ڦر واردات ڪندي ڪنياري جي دڪاندار سرفراز سوروجو جي سيلز مين رفيق لاشاري، اسد سوروجو ۽ وسيم آرائين کان مبينا طور روڪ رقم ڦر ڪئي ڦر دوران مزاحمت ڪرڻ تي سيلز مين رفيق لاشاري زخمي ٿي پيو آهي

ميرپورماٿيلو: ڦورن هٿان زخمي ڪيل نوجوان ٻئي طرف وارث احتجاج ڪري رهيا آهن

## هالا ۾ جي يو آءِ پاران مهانگائي خلاف احتجاج

باب النوح گيٽ کان هالا پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

اٽي جي اگهن ۾ واڌ سبب غريب ماڻهن لاءِ ٻن ويلن جي ماني جو مسئلو ٿي ويو آهي

هالا(ن ع) ملڪ اندر وڌندڙ مهانگائي ۽ اٽي جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي خلاف جمعيت علماءِ اسلام تعلقا هالا پاران احتجاجي ريلي ڪڍي وئي امير جمعيت علماءِ اسلام تعلقا هالا حاجي صاحبڏنو ورياهه ، الهڏنو سومرو ، ارباب ڪوسو جي اڳواڻي ۾ باب النوح گيٽ کان هالا پريس ڪلب تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ان موقعي تي ريلي کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ملڪ ۾ وڌندڙ مهانگائي ۽ سنڌ صوبي ۾ اٽي جي اگهن سبب غريب

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

## هالا ۾ پ ٽ الف جي ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري

تعليم کاتي جا ضلعي ۽ تعلقي آفيسر بي اختيار بڻيل آهن: اڳواڻ

استادن جون مقرريون ۽ بدليون ڪراچي مان ڪيون پيون وڃن

هالا (ن ع) هالا ۾ پ ٽ الف جي استادن جي ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال مطالبن جي مڃتا تائين جدوجهد جاري رکڻ جو اعلان هالا ۾ پ ٽ الف جي استادن پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽئين ڏينهن به پريس ڪلب اڳيان علامتي بک هڙتال ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي پ ٽ الف ضلعي مٽياري جي صدر قادر بخش بگهيو ذبير انصاري، اعجاز ترڪل ميمڻ محمد علي ميرجت، شوڪت بگهيو عرفان سومرو عاشق علي

بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گهوٽڪي: ايل پي جي جا غير قانوني دڪان سيل ڪيا پيا وڃن

## عمرڪوٽ لڳ شر برادري جي ٻن ڀائرن جي قتل ۾ نامزد جوابدار گرفتار

مقتولن جي وارثن پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان، لاش کڻائي روانا

عمرڪوٽ(ڊ ر) لڳ قتل ٿيل شر برادري جي ٻن سڳن ڀائرن جي قتل ڪيس ۾ نامزد ٻه جوابدار گرفتار ڪرڻ بعد مقتولن جي وارثن پاران ڌرڻو ختم ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو صوفي فقير پوليس ٻن سڳن ڀائرن وليداد سري ۽ مولا بخش سري جو قتل ڪيس پنجن جوابدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ بعد ڪيس ۾ نامزد ٻن جوابدارن گل خان شر ۽ خيرو شر کي گرفتار ڪري ٻين جوابدارن جي گرفتاري لاءِ ڇاپا هنيا پيا وڃن ٻن جوابدارن جي گرفتاريءَ بعد

بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

## ٽنڊو غلام علي جي هاءِ اسڪول ۾ ٽائون چيئرمين پاران آر او پلانٽ لڳرايو ويو

نور محمد ٽالپر پنهنجي ذاتي خرچ تي 13 لک جي لاڳت وارو پلانٽ لڳرايو

افتتاحي تقريب ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي

ٽنڊوغلام علي(ن ع) گورنمينٽ هاءِ اسڪول ٽنڊو غلام علي ۾ پيئڻ جي صاف پاڻي جي کوٽ کي محسوس ڪندي ٽائون چيئرمين مير نور محمد ٽالپر جي طرفان پنهنجي ذاتي خرچ تي 13 لک کان مٿي جي لاڳت سان 5,000 گيلن جو جديد آرو پلانٽ لڳرايو ويو افتتاحي تقريب جو آغاز تلاوت ڪلام پاڪ ۽ نعت رسول مقبول ص سان ڪيو ويو تقريب کي ڪيمپس انچارج سر فخرالاسلام آرائين سيد اعجاز علي شاهه سائين شڪيل لغاري، استاد الهجڙايو

بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

## ڊي آءِ جي سکر پاران پوليس کاتي اندر احتسابي عمل تحت اردلي روم منعقد

اردلي روم دوران 91 اپيلن سميت کاتي ۾ سزائن، برطرفي، بحالي ۽ بدلين جو جائزو ورتو ويو

فرض ۾ غفلت ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف سخت ڪارروائي ڪئي ويندي: ڊي آءِ جي

خيرپور(ڊ.ر) آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو جي هدايتن تي ڊي آءِ جي سکر ناصر آفتاب پٺاڻ پوليس کاتي اندر احتسابي عمل تحت اردلي روم منعقد ڪري پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف مختلف معاملن تي فيصلا جاري ڪيا اردلي روم دوران 91 اپيلن سميت کاتي ۾ سزائن برطرف اهلڪارن جي بحالي ۽ بدلين بابت معاملن جو جائزو ورتو ويو مختلف پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي سروس ختم ڪرڻ جون سزائون وارننگ ۽ وڌيڪ جاچ جا حڪم

بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ملتان: مقامي اسڪول ٻاهران ماڻهو خيراتي ڪاڏو وٺڻ لاءِ لائين ۾ بيٺل آهن

## مورو ويجهو شادي تقريب دوران هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ نوجوان مارجي ويو

نوان جتوئي واري علائقي ۾ فائرنگ ۾ نوجوان ذاڪر حسين ولد واحد بخش ٻرڙو زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي ڊاڪٽرن فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي ته وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

واقعي ذاتي دشمني جو نتيجو ٿي سگهي ٿو جاچ ڪريون پيا(پوليس) اسان جي ڪنهن سان دشمني ناهي: وارث

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو پرسان نوان جتوئي ٿاڻي جي علائقي ۾ شادي جي تقريب دوران نامعلوم هٿيارٻند جي فائرنگ ۾ نوجوان ذاڪر حسين ولد واحد بخش ٻرڙو قتل ٿي ويو مقتول جو لاش پوليس جي نگرانيءَ ۾ سول اسپتال مورو منتقل ڪيو ويو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي واقعي بابت مقتول جي وارثن ٻڌايو ته ذاڪر حسين شادي جي تقريب دوران ٻاهر بيٺو هيو جنهن دوران فائرنگ جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا واقعي واري هنڌ پهچڻ

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: گورنر نهال هاشمي سان ڪوريا جو قونصل جنرل ملاقات ڪري رهيو آهي

## سکر شيعه عالمن جي وفد جي ايس ايس پي سان ملاقات، امن امان صورتحال تي ڳالهه ٻولهه

سکر (بيورو رپورٽ) شيعه عالمن جي وفد ايس ايس پي سکر احمد چوڙيPSP ، QPMسان ايس ايس پي آفيس سکر ۾ ملاقات ڪري شهر ۾ امن امان جي صورتحال، مذهبي هم آهنگيءَ جي فروغ، باهمي سهڪار ۽ شهرين جي جان ۽ مال

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

دولتپور صفن: فوتي عورت جو لاش اسپتال ۾ رکيل آهي

## سکر ۾ باگڙجي واسي جو ٻارن سان گڏجي پاڙن جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

سکر (بيورو رپورٽ) سکر جي علائقي باگڙجي جي رهواسي هڪڙو برادريءَ ساڻ تعلق رکندڙ نذير احمد هڪڙو پنهنجي معصوم ٻارن سميت سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪندي پنهنجن ئي چئن پاڙن تي آبائي ملڪيت تي قبضي، مبينا تشدد ڪرڻ ۽ گهر مان بي دخل ڪرڻ جا سنگين الزام لڳايا آهن متاثر شخص الزام هنيو ته گهر واپس ڪرڻ لاءِ

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

## هنگورجا ويجهو جيپ ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر سبب هڪ ڄڻو فوت

خانواهڻ لنڪ روڊ تي حادثي ۾ الهه بخش سولنگي سخت زخمي ٿي پيو

زخمي کي اسپتال نيو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي دم ڏٽي حوالي ڪيو

هنگورجا (ن.ع) هنگورجا لڳ ڪوٽڙي محمد ڪبير خانواهڻ لنڪ روڊ تي جيپ ۽ موٽر سائيڪل جو آمهون سامهون زوردار ٽڪر، نتيجي ۾ ڪوٽڙي محمد ڪبير واسي الهه بخش عرف پپو سولنگي شديد زخمي ٿي پيو ، زخمي کي فوري طور تي ڪوٽڙي محمد ڪبير بيسڪ هيلٿ يونٽ ۾ آندو ويو جتي زخمن جا سور نه سهندي زخمي فوت ٿي ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ڪوٽڙي ڪبير پوليس جاءِ وارداتن هنڌ پهچي جيپ ۽ موٽر سائيڪل کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو.

## نوشهروفيروز ڀيلي مان قيمتي باز جو شڪار ڪندڙ 4 جوابدار گرفتار

وائلڊ لائيف عملي عامر الدين، عظيم بخش، جانب ۽ عمر فاروق سولنگي کي گرفتار ڪيو

شڪارين قيمتي باز شاهين جو شڪار ڪري 42 لک رپين ۾ وڪرو ڪيو آهي: موقف

نوشهروفيروز (ڊ.ر)پنجاب کان آيل شڪارين نوشهروفيروز جي ڀيلي مان ناياب نسل ۽ قيمتي باز شاهين جو شڪار ڪري 42 لک رپين ۾ وڪرو ڪري ڇڏيو. عدالتي حڪم تي جوابدارن خلاف ڪيس داخل، 4 جوابدار گرفتار، جيل حوالي. وائلڊ لائيف (جيوت ڪاٽي) نوشهروفيروز جي گيم انسپيڪٽر غلام مرتضيٰ خشڪ مطابق نوشهروفيروز جي مليائي ڀيلي مان پنجاب کان آيندڙ شڪارين ناياب نسل جي قيمتي باز شاهين جو شڪار ڪري ماسٽر وسيم سهتو جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

## ميرپور ماٿيلو ۾ هٿيارٻندن ڦر مزاحمت تي نوجوان کي زخمي ڪري ڇڏيو، وارثن جو ڌرڻو

ڪوڪر ڦاٽڪ پرسان ٽن هٿيارٻندن نوجوان ڪاشف چانڊيو کي ڦر مزاحمت تان گوليون هڻي زخمي ڪيو

نوجوان کي اسپتال منتقل ڪري واقعي خلاف وارثن جو ايس ايس پي جي آفيس آڏو قومي شاهراهه تي ڌرڻو هنيو

ايس ايڇ او جي نااهلي سبب چورين ۽ ڦر وارداتن روز جو معمول بڻيل آهن، نوٽيس وٺي امن بحال ڪرايو وڃي: مظاهرين

ميرپور ماٿيلو (ن ع) ميرپور ماٿيلو ۾ بد امني جي ٻاهه تي ضابطو نه اچي سگهيو ڪوڪر ڦاٽڪ پرسان موٽر سائيڪل سوار ڦورن موٽر سائيڪل ڦر دوران نوجوان ڪاشف چانڊيو کي گوليون هڻي زخمي ڪري ڇڏيو زخمي نوجوان اسپتال منتقل وارثن پاران ايس ايس پي گهوٽڪي جي آفيس آڏو قومي شاهراهه تي ڌرڻو ايس ايس پي گهوٽڪي ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو خلاف نعريبازي تفصيل موجب ايس ايڇ او ميرپور ماٿيلو جي نااهلي سبب گهوٽڪي ضلعي

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم: پ ٽ الف طرفان احتجاج ڪيو پيو وڃي

## نوابشاهه ۾ بصارت کان محروم ماڻهن جي مددگار اوزار اڇي لٺ جي تحفظ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو

نوابشاهه (س.ر)نيشنل ڊس ايبلٽي اينڊ ڊولپمينٽ فورم (اين ڊي ايف) پاڪستان سنڌ حڪومت جي معذورن جي خودمختياري کاتي جي سهڪار ساڻ نوابشاهه ۾ بصارت کان محروم ماڻهن جي مددگار اوزار اڇي لٺ جي تحفظ جو عالمي ڏينهن ملهايو ويو جنهن جو مقصد بصارت کان محروم ۽ گهٽ نظر رکندڙ ماڻهن جي حقن تحفظ، خودمختياري ۽ آزادانه اچ وڃ

بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

## ڊاڪٽرن خلاف وارنٽن واري ڪيس ۾ 27 ڊاڪٽرن جي ضمانت منظور

سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حسنين زرداري جي فوت ٿيڻ واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

هر ڊاڪٽر کي 2 هزار رپين جا شورٽي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ هاءِ ڪورٽ سرڪٽ بئنچ حيدرآباد سول اسپتال ۾ علاج دوران حسنين زرداري جي فوت ٿيڻ واري ڪيس ۾ نامزد 27 ڊاڪٽرن جي گرفتاري کان اڳ واري حفاظتي ضمانت منظور ڪري ورتي آهي جسٽس عمر سيال جي عدالت ڊاڪٽرن جي 10 ڏينهن لاءِ حفاظتي ضمانت منظور ڪندي هر ڊاڪٽر کي 2 هزار رپين جا

بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

## کپرو ۾ پ ٽ الف پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال جاري

کپرو(ن ع) کپرو ۾ پ ٽ الف مرڪزي سڏ تي پ ٽ الف کپرو پاران پريس ڪلب اڳيان ٽئين ڏينهن به علامتي بک هڙتال ڪئي وئي بک هڙتال جي اڳواڻي پ ٽ

بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

## بڊوري ۾ بدامني خلاف سولنگي اتحاد جو احتجاجي مظاهرو

شهر مان ٿيل مختلف چورين واپس ڪرائڻ لاءِ پوليس کي جمعي تائين مهلت

چورين جي وارداتن ۾ واڌاري باوجود پوليس ڪي به قدم نه پئي کڻي: اڳواڻ

ميرپوربٺورو(ن ع) ميرپوربٺورو ۾ وڌندڙ بدامني ۽ پوليس جي مبينا نااهلي خلاف سولنگي اتحاد ۽ سياسي سماجي اڳواڻن پاران پريس ڪلب صوفي شاهه عنايت آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين پورهيت نوجوان لطيف سولنگي جي ڪيبن مان ٿيل چوري ۽ هڪ مهينو اڳ سول اسپتال مان لڪاڻو سميجو جي چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائڻ جو مطالبو ڪندي پوليس کي جمعي تائين مهلت ڏني ڇڏي احتجاج جي اڳواڻي قومي عوامي

بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پٿورو: قتل جي الزام ۾ گرفتار ڪيل جوابدار لاڪپ ۾ بند آهن

## سجاول ۾ سول جج پاران ڪوئيز ڪامپيٽيشن پروگرام ۾ شرڪت

تقريب دوران شاگردن سول جج کان مختلف قانوني ۽ سماجي سوال پڇيا

اسڪول جي دوري دوران زبون حال عمارت ڏانهن ڌيان ڇڪائڻ تي اختيارين کي هدايت

سجاول رپورٽ (هدايت ڪتي) سجاول ۾ سول جج محمد بجل ڀوڙ پاران ڪامپيٽيٽر اسڪول سسٽم جي ڪوئيز ڪامپيٽيشن جي پروگرام ۾ شرڪت ڪئي جتي هن شاگردن سان سوال جواب جي نشست ۾ حصو وٺندي کين مختلف قانوني معاملن بابت ڄاڻ فراهم ڪئي تقريب دوران شاگردن سول جج کان مختلف قانوني ۽ سماجي سوال پڇيا جن جا هن تفصيلي جواب ڏئي کين قانون ۽ انصاف جي اهميت بابت آگاهي ڏني سول جج شاگردن جي ذهانت،

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

## پ ٽ الف تعلقي ميرواهه پاران مطالبن جي مڃتا لاءِ ٽئين ڏينهن به احتجاج جاري

ٽري ميرواهه(ن ع) پ ٽ الف تعلقي ٽري ميرواهه جو ٽئين ڏينهن به مطالبن جي مڃتا لا احتجاج جاري پ ٽ الف تعلقي ميرواهه پاران پرائمري استادن جي سروس اسٽرڪچر ۽ چارٽر آف ڊمانڊ جي بحالي لاءِ اعلانيل احتجاجي تحريڪ ٽئين ڏينهن به پريس ڪلب ميرواهه اڳيان جاري رهي پ ٽ الف جي احتجاج ۾ سينيئر استادن ۽ اڳواڻن پ ٽ الف تعلقي ميرواهه جي صدر محمد اسماعيل عاس ڊپٽي جنرل

بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

فيصل آباد: سريلنڪا جي انڊر19 ڪرڪيٽ ٽيم ٽرافي سان گڏ بيٺل آهي

## بي آءِ سي پاران انٽرپرينيئرز جي پهرين بيچ جي گريجوئيشن مڪمل

چئن اسٽارٽ اپس کي مجموعي طور 4 لک 30 هزار رپين جي سيڊ فنڊنگ فراهم

وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مجيب ميمڻ هيڪ ۽ سنڌ ايڇ اي سي جا ٿورا مڃيا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ مدرسته الاسلام يونيورسٽي جي بزنس انڪيوبيشن سينٽر (بي آءِ سي) پاران انٽرپرينيئرز جي پهرين بيچ جي گريجوئيشن مڪمل ڪئي وئي، جڏهن ته چئن اسٽارٽ اپس کي ڪاروباري ترقي ۽ واڌاري لاءِ مجموعي طور 4 لک 30 هزار رپين جي سيڊ فنڊنگ فراهم ڪئي وئي گريجوئيشن ۽ سيڊ فنڊنگ ايوارڊ جي تقريب ايس ايم آءِ يو جي سينيٽ هال ۾ وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر مجيب الدين صحرائي ميمڻ جي اڳواڻيءَ ۾ منعقد ٿي

بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

## صحت جون بنيادي سهولتون هر شهري جو بنيادي حق آهن: ڊي سي بدين

سنڌ حڪومت صحت جي شعبي ۾ رڪارڊ ترقياتي منصوبا شروع ڪيا آهن: زارا زاهد

ڊاڪٽرن ۽ اسٽاف کي اينڊ مريضن سان خوش اخلاقي، همدردي ۽ احترام سان پيش اچڻ گهرجي

بدين ( ڊ ر) ڊپٽي ڪمشنر بدين زارا زاهد جي صدارت هيٺ ضلعي ۾ صحت جي سهولتن جو جائزو وٺڻ ۽ عوام کي بهتر طبي سهولتون فراهم ڪرڻ جي حوالي سان صحت کاتي ڊي ايڇ او ۽ انڊس اسپتال جي آفيسرن جي اهم گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن صحت جي سهولتن جاري منصوبن ۽ درپيش مسئلن

بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

## ايس ايس پي بدين گلاب لغاريءَ ۾ کليل ڪچهري ڪري شهرين جا مسئلا ٻڌا

کلي ڪچهريءَ دوران شهرين زمين جي تڪرارن سميت پنهنجون شڪايتون پيش ڪيون

پوليس جي ڪوشش آهي ته عوام کي سهولتون فراهم مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪيا وڃن: قمر رضا

گلاب لغاري (ن ع) ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي گلاب لغاريءَ ۾ کليل ڪچهري ڪري شهرين جا مسئلا ٻڌا ۽ فوري قدم کڻڻ جون هدايتون جاري ڪيون شهرين جا مسئلا حل ڪرڻ ۽ کين سندن در تي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ ايس ايس پي بدين قمر رضا جسڪاڻي پاران کليل ڪچهري صوفي شادي هال گلاب لغاريءَ ۾ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ گلاب لغاري ۽ پرپاسي جي علائقن جي شهرين سميت مقامي صحافين شرڪت ڪئي کلي

بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ماڻهو جمعي بازار مان مختلف شيون خريد ڪري رهيا آهن

## خيرپور پرپاسي بدامني تي ضابطو نه آيو، هٿيارٻند وڏي منشي کان ڦر ڪري ويا

خيرپور(ڊ.ر)خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب، هٿيارٻندن ٿاڻي جي وڏي منشي کان ڦر ڪري فرار تفصيل موجب خيرپور ۾ امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿي وئي آهي موٽرسائيڪل سوار هٿيارٻندن شاهه لطيف ٿاڻي جي وڏي منشي صدام حسين چانڊيو کي اڪنامڪ زون ٿاڻي جي حد ۾ سمر نالي وٽ هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي موٽرسائيڪل 2 موبائيل فون ۽ روڪ رقم ڦر ڪرڻ بعد آساني سان متاثر اهلڪار تي تشدد ڪري فرار ٿي ويا واقعي ڪانهو علائقي ۾ خوف ۽

بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ ناري ريڙهو ڏکي اچي رهي آهي

## بدين لڳ اڪرم واهه ۾ ٻڏي ويل عبدالحڪيم سومرو جو لاش هٿ اچي نه سگهيو

بدين ( ڊ ر ) رهڻائي سوري وٽ ڪالهه شام 6 وڳي اڪرم واهه جي پل تان ڪري واهه ۾ ٻڏي ويل عبدالحڪيم سومرو جو لاش اڃا تائين هٿ اچي نه سگهيو آهي جڏهن ته سنڌس ڳولا جو سلسلو جاري آهي ٻئي طرف نوجوان جو لاش نه ملڻ ۽ انتظاميا پاران ريسڪيو ٽيم نه گهرائڻ خلاف وارثن بدين ٽنڊو باگو ڦر ڪول روڊ بلاڪ ڪري ڌرڻو هڻي ويهي رهيا، ٻڏي ويل عبدالحڪيم سومرو جي وارثن جو چوڻ

بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.